WWF
DICTIONARY
PAK
2014

ccap

# موسمي تبديلي ۽
# ماحوليات جي ڊڪشنري



Building Capacity on Climate Change Adaptation
in Coastal Areas of Pakistan (CCAP), WWF-Pakistan

# موسمي تبديلي ۽ ماحوليات

# جي ڊڪشنري

## (Dictionary of Climate Change & Environment)

ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجو

آبهوائي تبديلين سان پاڻ نهڪائڻ لاءِ مقامي ماڻهن جي صلاحيت
وڌائڻ واري رٿا

ڊبليو ڊبليو ايف ـ پاڪستان

ليکڪ: ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجو
پروفيسر ۽ ريسرچ اسڪالر، زولاجي ڊپارٽمينٽ،
سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو.
نظرثاني ڪندڙ: نويد حسين سنديلو شهزادي تنيو آصف سنديلو ۽ سسي ميمڻ
**هن لغت جا سڀ حق ۽ واسطا ڊبليو ڊبليو ايف - پاڪستان، هيڊ آفيس لاهور وٽ محفوظ آهن**
ڇاپو: پهريون
سال: 2014
ڪاپيون: 500
لي آئوٽ ۽ ڊزائين: عدنان هاشمي
تصويرون: زهور سلمي
آئي ايس بي اين نمبر: 978-969-8283-80-3

وڌيڪ معلومات لاءِ مهرباني ڪري هيٺئين پتي تي رابطو ڪيو:

سي سي اي پي، ڊبليو ڊبليو ايف پاڪستان
بنگلو نمبر 46/K، پي اي سي ايچ ايس، بلاڪ - 6
شاهراهه فيصل، ڪراچي - 75400
فون: 92-21-34544791-92+
ويب سائيٽ: http://wwfpak.org/ccap/

هيءَ لغت يورپي يونين جي سهڪار سان شايع ڪئي وئي ۽ منجهس ڏنل مواد جو ذميوار ورلڊ وائيڊ فنڊ فار نيچر - پاڪستان آهي جنهنڪري اها ڪنهن بہ لحاظ کان يورپي يونين جي عڪاسي ڪندڙ ناهي.

# اداري پاران

ڊبليو ڊبليو ايف - پاڪستان، يورپين ڪميشن ( European Commission) جي مالي سهائتا ۽ ليڊ پاڪستان (LEAD-Pakistan) ۽ ڊبليو ڊبليو ايف - برطانيا (WWF-UK) جي تعاون سان پنجن سالن لاءِ پاڪستان جي ساحلي علائقن ۾ ايندڙ آبهوائي تبديلين سان منهن ڏيڻ لاءِ مقامي برادرين جون صلاحيتون وڌائڻ جي رٿا تي ڪم ڪري رهيو آهي. هن رٿا جو بنيادي مقصد مختلف سرگرمين رستي پاڪستان جي ساحلي علائقن جهڙوڪ: ڪيٽي بندر ۽ ڪاري ڇاڻ ۽ گوادر ۾ مستقل خطري هيٺ رهندڙ ماڻهن جو صلاحتيون وڌائڻ آهي تہ جيئن اهي موسمي تبديلين سان منهن ڏئي سگهن

اسان جي ڌرتيءَ جي آبهوا ۾ تيزي سان تبديليون اچي رهيون آهن جن کي سڄي دنيا محسوس ڪري رهي آهي. دنيا جي ٻين ملڪن جيان پاڪستان بہ برفاني ڇپن /گليشيئرن جي تڪڙي رجڻ، وڌندڙ گرميءَ، برساتن ۾ ايندڙ تبديلين، مها ٻوڏن، سمنڊ جي سطح ۾ ٿيندڙ چاڙهہ وغيره جهڙن مسئلن ۽ تبديلين سان منهن ڏئي رهيو آهي.

”موسمي تبديلي ۽ ماحوليات“ جهڙي مضمون جي اهميت کي سمجهندي ڊبليو.ڊبليو.ايف، آبهوائي تبديلين سان پاڻ نڀائڻ لاءِ مقامي ماڻهن جي صلاحيت وڌائڻ واري رٿا هيٺ سنڌيءَ ۾، پنهنجي نوعيت جي هڪ اهڙي ڊڪشنري شايع ڪري رهيو آهي جنهن ۾ ماحولياتي مسئلن سان لاڳاپيل اصطلاحن جي سولي طريقي سان وضاحت ڪئي ۽ سمجهاڻي ڏني ويئي آهي تہ جيئن ماحول سان دلچسپي رکندڙ فرد ۽ ادارا اهڙا اصطلاح سولائي سان سمجهي سگهن.

”موسمي تبديلي ۽ ماحوليات“ جي سنڌيءَ ۾ پهرين ڊڪشنري ترتيب

ڏيڻ جو اهم ۽ ڏکيو ڪم ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجي پورو ڪيو آهي جنهن جو سائنس جي ليکڪ ۽ سنڌيڪار جي حيثيت ۾ خاص مقام آهي . هو گذريل ڪجهہ ڏهاڪن کان عام ماڻهن لاءِ ماحول جي مسئلن تي لکندو بہ رهيو آهي. اسان کي اميد آهي تہ هيءَ ڊڪشنري شاگردن، استادن ۽ عام پڙهندڙن لاءِ ڄاڻ جو هڪ ڪارائتو ذريعو ثابت ٿي سگهندي.

اداري کي ڊڪشنريءَ بابت پڙهندڙن جي راين ۽ ويچارن جو اوسيئڙو رهندو.



ربنواز

ريجنل ڊئريڪٽر،

ڊبليو ڊبليو ايف-پاڪستان.

# موسمي تبديليءَ ۽ ماحوليات جي ڊڪشنري

آبھوائي تبديلين سان پاڻ نڀائڻ لاءِ مقامي ماڻھن جي صلاحيت وڌائڻ واري رٿا ھيٺ تيار ڪرايل ”موسمي تبديلي ۽ ماحوليات جي ڊڪشنري“، سنڌي ٻوليءَ ۾ ھڪ تمام اھم سائنسي مضمون جي لغت آھي، جنھن کي نھايت ئي بھتر انداز ۾ ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجي ترتيب ڏنو آھي جيڪا نہ صرف وقت جي ضرورت آھي، پر سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنسي لفظن ۽ اصطلاحن جي مترادف ۽ متبادل لفظن ڏيڻ سان گڏ انھن جي سمجھاڻي ۽ تشريح ڪري ٿي، جنھن سان سنڌي ٻوليءَ جو دامن بہ وسيع ٿئي ٿو تہ اُن ۾ ڄاڻ جو بہ وڏو ذخيرو شامل ٿئي ٿو. اھڙي ڊڪشنري نہ صرف شاگردن، استادن ۽ ھن مضمون سان لاڳاپيل فردن جي لاءِ ڪارائتي آھي، بلڪ ھڪ عام ماڻھو بہ ان مان لاڀ پرائي سگھي ٿو.

ماحوليات، ان ۾ پيدا ٿيندڙ گدلاڻ، ڌرتي تي رھندڙ ساھوارن جي زندگيءَ ۾ ڪيتري اھميت رکن ٿا، ان جو اندازو ھر باشعور انسان لڳائي سگھي ٿو. ان ڪري ضروري آھي تہ ماڻھو ان جي باري ۾ تفصيل سان ڄاڻن. اھوئي مقصد رکي ھيءَ ڊڪشنري تيار ٿيل لڳي ٿي. ھونءَ بہ ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجي کي اھو ڪريڊٽ وڃي ٿو تہ ھن ستر جي ڏھاڪي کان سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنسي ادب ۽ سائنسي اصطلاحن کي نہ صرف متعارف ڪرايو آھي، پر ان حوالي سان تمام گھڻو واڌارو بہ ڪيو آھي، جيڪا ڳالھہ سنڌي ٻوليءَ سان سندس محبت جو چٽو ثبوت آھي. مون کي اميد آھي تہ ھن ڊڪشنريءَ کي سنڌي ٻوليءَ ۾ وڏي اھميت حاصل ٿيندي.

ڊاڪٽر فھميده حسين

چيئرپرسن،

سنڌي لئنگويج اٿارٽي.

حيدرآباد، سنڌ

29 آڪٽوبر 2013

# مهاڳ

ڪنهن بہ قوم جي دائمي پونجي ان جي هوا، پاڻي، مٽي، ٻيلا، معدنيات، ڍنڍون ڍورا، درياءَ، سمنڊ، گوناگون جيوت ۽ قدرتي منظر ٿئي ٿي. اصل اهائي معاشيات آهي جتان حياتيءَ جي هر قسم جي سرگرميءَ ۽ پيٽ گذر جا چشما مختلف روپن ۾ ڦٽن ٿا. دنيا جي معاشي ماناڊاٽن کي هلائين ٿا ۽ موٽ ۾ هن ڌرتي تي جيئندڙ پانت پانت ساهدارن کي سُکي ستابي زندگي گذارڻ ۽ زنده رکڻ لاءِ جيڪي ڪجھ ڏين ٿا تن کي اسان قدرت پاران عطا ٿيندڙ نعمتون يا شيوائون سڏيون ٿا. قدرت پاران ملندڙ اهڙيءَ ڪنهن بہ نعمت جهڙوڪ: پاڻي جي ڍڪ، هوا جي جهوٽي، مٽيءَ جي ٻڪ، درياءَ جي ڪرڙي، سمنڊ جي سپيءَ، ڪنڌيءَ جي سڱريءَ، ٻير جي پلڙي، نم جي ٻور، ڪوئلي جي ذريءَ ۽ ڪاني جي ٽڪريءَ تي قيمت جي ڪا بہ چٽڪي لڳل نہ ٿي ٿئي. ٿلهي ليکي، ڌرتي ماتا، انسانن کي زندھ رهڻ لاءِ هر سال 33 ٽريلين ڊالرن جيتريون نعمتون عطا ڪري ٿي.

اهڙن قدرتي ماناڊاٽن جي سائنس کي سمجهڻ ۽ انهن جي ڏاهپ سان استعمال ڪرڻ کي تہ جيئن اسان جا ايندڙ نسل بہ اهڙيون نعمتون ماڻي سُکي زندگي جِي سگهن "ماحوليات" سڏجي ٿو. جنهن سان انسان جو واسطو ماءُ جي پيٽ ۾ سرجڻ کان اڳ ئي پوڻ شروع ٿئي ٿو.

ماحوليات جي مختلف پاون ۽ پهلوئن کي پُرجهڻ لاءِ ڊڪشنريءَ جي صورت ۾ هيءَ ننڍڙي ڪوشش ڪئي ويئي آهي جيڪا اميد تہ ماحوليات سان دلچسپي رکندڙن، شاگردن ۽ استادن لاءِ ڪارائتي ثابت ٿي سگهندي. ڇوتہ، ماحوليات جي مضمون ۾ هاڻ، عام ماڻهو بہ دلچسپي وٺي رهيو آهي تہ اهو اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ لازمي پڙهايو وڃي ٿو.

ڊڪشنريءَ ۾ ڏنل لفظن ۽ اصطلاحن جون رڳو ماحوليات سان لاڳاپيل معنائون ڏنيون ويون آهن. جڏهن ته، انهن جون ٻيون به ڪيتريون معنائون ٿي سگهن ٿيون.

ڊڪشنريءَ جي تياريءَ ۾ ٿورائتو آهيان زاهد مرتضيٰ ڏاريجي، ناصر علي پنهور، اعجاز اسد پليجي، سائين آفتاب ابڙي جو جنهن مسودو گهريءَ نظر مان ڪڍيو ۽ ڪارائتيون صلاحون ڏنيون ۽ ڊاڪٽر فهميده حسين چيئرپرسن، سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جو جن، آفيس جي ڪمن ۾ مشغول هوندي به ڪجهه گهڙيون ڪڍي ڊڪشنريءَ لاءِ به اکر لکي ڏنا ۽ سٺيون صلاحون ڏنيون. آخر ۾ ٿورا نه ٿورا، دنيا جي نامياري اداري ڊبليو ڊبليو ايف - پاڪستان جا جنهن هن ڊڪشنريءَ جي اهميت ۽ افاديت کي محسوس ڪندي شايع ڪرائي.

ڊڪشنريءَ بابت پڙهندڙن جي راين جو انتظار رهندو.

ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڏاريجو
12 نومبر 2013

## A

**Abiotic** (ا.ب.يا.ٽڪ) ماحول / ماحولي سرشتي جا غيرجاندار حصا جهڙوڪ: جبل، اس، گهم، گرمي ۽ معدنيات.

**Absorb** (ائب.زارب) چهڻ، جذب ڪرڻ.

**Abyssal** (ا.بيس.سل) اوڙاهه، اٿاهه اونهائي، کُوڙِ. سمنڊ جو وچ (3000 کان 6000 ميٽرن جي وچ ۾). اهڙي هنڌ تي رهندڙن جانورن کي اوڙاهي جانور سڏجي ٿو.

**Acetone** (اسي.ٽون) هڪ زهريلي ڳاريندڙ پاٽيٽ.

**Acid** (اي.سڊ) تيزاب. اهڙو مادو جيڪو پاڻي ۾ هيڊروجن آئن (پروٽان) خارج ڪري. پاڻيءَ ۾ ڳرندڙ هڪ ڪيميائي مرڪب. جنهن جو ذائقو ترش يا ڪڙو ٿئي، چمڙي ۽ اکين جو ساڙو پيدا ڪري ۽ لٽمس پيپر کي ڳاڙهو ڪري ڇڏي ٿو.

**Acid precipitation** (اي.سڊ پري.سي.پ.ي.ٽي.شن) تيزابي وسڪارو جنهن ۾ تيزابي مينهن، تيزابي ڳڙو يا خشڪ تيزابي وسڪارو به اچي وڃي ٿو. انساني سرگرمين سبب يا قدرتي طور به وسي ٿو.

**Acid rain** (اي.سڊ رين) تيزابي مينهن. جڏهن موٽرگاڏين ۽ ڪارخانن مان خارج ٿيندڙ غليظ گئسون جهڙوڪ: ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ، سلفرڊاءِ آڪسائيڊ ۽ نائٽروجن ڊاءِ آڪسائيڊ، فضا جي پاڻي سان ملي ان کي تيزابي ڪري ڇڏين ٿيون، تڏهن تيزابي مينهن پيدا ٿئي ٿو. ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ مينهن جي پاڻي سان ملي هڪ ڪمزور تيزاب (ڪاربونڪ تيزاب) جڏهن ته سلفر ۽ نائٽروجن طاقتور تيزابن (گندرف ۽ شوري جي تيزابن) ۾ متجي وڃن ٿا. مينهن قدرتي طور تي ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ سبب هلڪو تيزابي جڏهن ته قدرتي طور تي سلفر ۽ نائٽروجن جي آڪسائيڊن جي خارج ٿيڻ ۽ انساني سرگرمين سبب گهڻو تيزابي ٿي وڃي ٿو. صنعتي انقلاب کانپوءِ فضا ۾ سلفر ۽ نائٽروجن آڪسائيڊن جي اخراج ۾ گهڻو واڌارو ٿيو آهي. معدني ٻارڻ، خاص طور تي ڪوئلو استعمال ڪندڙ صنعتون ۽ توانائي پيدا ڪندڙ مشينون سلفرڊاءِ آڪسائيڊ ته موٽرگاڏيون نائٽروجن آڪسائيڊ

پيدا ڪرڻ جو مکيو وسيلو ٿين ٿيون. تيزابي مينهن آدمشماري ۽ صنعتن ۾ واڌ سبب گهٽو ٿي ويو آهي. تيزابي مينهن ٻوٽن ۽ عمارتن سميت انساني صحت کي ٻه نقصان رسائي ٿو.

**Acidic** (اي.س.ڊڪ) تيزابي.

**Activated charcoal** (ايڪ.ٽي.وئٽ.يڊ چار.ڪول) وائٽريل ڪوئلو وائٽريل ڪوئلي جي پائوڊر مان ٺهيل ڪنهن شئي جي استعمال ڪرڻ سان زهر جذب ٿي وڃي ٿو ۽ ان سبب پيدا ٿيندڙ تڪليف/اثر گهٽائي ٿو.

**Active ingredient** (ايڪ.ٽِو ان.گري.ڊينٽ) اثرائتو جزو جهڙوڪ: ڪنهن جيتمار دوا جو جيت ماريندڙ مکيو ورڪر ٿئي ٿو.

**Active solar system** (ايڪ.ٽِو سولر سس.ٽم) هڪ اهڙو مشيني سرشتو جيڪو شمسي توانائي ذخيرو ڪري ۽ ضرورت پوڻ تي اها مهيا ڪري.

**Activist** (ايڪ.ٽي.و.سٽ) سرگرم ڪارڪن، اهڙو فرد جيڪو ڪنهن مهم يا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ سهائتا ڪري، مهم هلائي يا هدايتن مطابق ذميواريون نڀائي.

**Acute** (ا.ڪيوٽ) سخت، گنڀير، اوچتو ٿي پوندڙ ڪا خطرناڪ ۽ سنگين بيماري جيڪا جلد بدتر ٿي وڃي ٿي ۽ ممڪن آهي ته گهڻو وقت نه هلي. ڀيٽيو، Chronic

**Acute poverty** (ا.ڪيوٽ پاو.ر.ٽي) شديد غربت، بدحالي، اڻپوري آمدني يا زندگي لاءِ گهربل بنيادي ضرورتن جهڙوڪ: ڪاڌي، اجهي، لٽي، صفائي سٿرائي، صاف پاڻي، طبي سهولت ۽ تعليم جي کوٽ.

**Adaptation** (ايڊا.پ.ٽي.شن) اهڙي حالت يا خاصيت جڏهن ڪو جاندار ڪنهن مخصوص/ متجندڙ ماحول ۾ پاڻ نڀائي، هيرائي يا زندگي گهاري سگهي.

**Aerosol** (اير.و.سول) ڪنهن به مادي جهڙوڪ: خوشبوءِ، دوا، رنگ وغيره جو اهڙي داٻيل گئس سان سٿيل هجڻ جو جڏهن خارج ڪجي ته سنهي ڌڙيا ڦوهار جي صورت ۾ ڦهلجي وڃي.

**Aesthetic** (ايس.ٿيٽ.ڪ) جمالياتي يا سونهن سوڀيا سان لاڳاپيل.

**Aesthetic degradation** (ايس.ٿيٽ.ڪ ڊيگ.ري.ڊي.شن) جمالياتي بگاڙ. ماحول جي معيار ۾ اهڙيون تبديليون جيڪي جمالياتي حواسن کي ڇيهو رسائين.

**Afforestation** (اف.ا.ريسٽ.ي.شن) وڻ پوکڻ، شجرڪاري، هڪ نئون ٻيلو هٽڻ خاص طور تي اهڙي هنڌ جتي اڳ ۾ لڳل نه هجي.

**A-frame level** (اي-فريم ليول) انگريزي اکر اي (A) جهڙو ڪاٺ جو اوزار جنهن رستي ڪنهن لهواري هنڌ جي سنوت لهجي.

**Agenda 21** (ايجنڊا 21) پائدار ترقيءَ لاءِ اقوام متحده جي هڪ اهڙي رضاڪاراڻا عملي رٿا، جيڪا قومي، علائقائي ۽ مقامي سطح تي هلائي سگهجي. 21 صدي لاءِ هيءَ رٿا 1992 ۾ ريو ڊي جَينيريو ۾، رِيو سمٽ (Rio Summit) دوران برازيل ۾، دنيا جي 173 ملڪن اختيار ڪئي، جنهن جو بنياد ماحول کي ماٺُ ڏيڻ، پائدار طريقن سان شين جي پيداوار وڌائڻ، غربت گهٽائڻ، تعليم، ڪاڌي، صحت سنڀال، رهائش ۽ سماجي- معاشي ترقيءَ لاءِ ڪوششون ڪرڻ آهن. هن ايجنڊا ۾ حالتن ۽ ضرورتن مطابق وقت به وقت واڌارا ڪيا وڃن ٿا.

**Agriculture** (ايگ.ري.ڪلچر) اناج پيدا ڪرڻ، فصل اپائڻ ۽ جانور پالڻ لاءِ زمين تيار ڪرڻ.

**Agriculture waste** (ايگ.ري.ڪلچر ويسٽ) ڪڪڙين ۽ چوپائي مال جي ڀاڻ سميت پاٽيني يا نهري صورت ۾ اهڙو مواد جيڪو ڪڪڙين، چوپائي مال، اُن وارن جانورن ۽ انهن جي بيڪار مادن سميت اناج، ساين ڀاڄين ۽ ميوي جي باقيات مان ناهيو يا حاصل ڪيو وڃي.

**Agroforestry** (ايگ.رو.ف.ار.يسٽ.ري) فصلن سان گڏ وڻ ٽڻ پوکڻ ته جيئن هڪ ئي وقت کاڌخوراڪ، ڦل ۽ ٻارڻ حاصل ڪرڻ سميت زمين جي سانڍ جهڙا ڪيترائي فائدا حاصل ٿي سگهن.

**Air pollution** (ايئر پو.لو.شن) هوا جي غلاظت. زهريلين گئسن ۽ دز جو هوا سان شامل ٿيڻ. غلاظتي مادا، قدرتي ٻارڻ (fossil fuel)، صنعتن، بجلي پيدا ڪندڙ

ڪارخانن، موٽر گاڏين، بسن ۽ ٽرڪن جي دونهين رستي خارج ٿي هوا ۾ شامل ٿين ٿا جيڪي اسان ساهه رستي کڻون ٿا.

**Air quality standards** (ايئر ڪوا.ل.ٽي اسٽينڊ.رڊس) قانون مطابق هوا ۾ ڪن چونڊ غليظ مادن هجڻ جي هڪ حد مقرر ڪرڻ جنهن هيٺ طئي ڪيو ويجي ٿو ته ڪو ڪارخانو اهي ڪيتري مقدار ۾ خارج ڪري سگهي ٿو.

**Algae** (ال.جي) تمام ننڍڙا ٻوٽڙا جيڪي پاڙن، ٽڙيا پنن بنا پاڻيءَ ۽ گهميل هنڌن تي واڌ ڪن.

**Alien species** (ايلين اسپي.شيز) اوپريون جنسون، ڪنهن به علائقي جا اهڙا ٻوٽا ۽ جانور جيڪي قدرتي طور تي اتي ٿيندڙ نه هجن پر ماڻهو ٻين هنڌن تان آڻي پوکين. اوپريون جنسون مقامي جنسن تي حاوي ٿي انهن کي ختم ڪري ڇڏين ٿيون.

**Allergy, allergic reaction** (ال.ر.جي، ا.ل.ر.جڪ ري.ائڪ.شن) خارش، نڇون، ڊيڙ يا ڳاڙها نشان ورلي ساهه کڻڻ ۾ تڪليف پيدا ڪن ٿا يا سگهي ٿو سبب ڪي فرد تڏهن متاثر ٿين ٿا جڏهن ڪي مخصوص شيون ساهه رستي کڻن، کائي وجن، ڇُهي پون يا ڇُهن. ائلرجي پيدا ڪندڙ شيون الرجن (allergen) سڏجن ٿيون.

**Alpine** (ال.پائين) مٿانهن/ اوچن جبلن سان واسطو رکندڙ.

**Alternative energy source** (ال.ٽرني.ٽو ان.ر.جي سورس) توانائيءَ جو متبادل ذريعو جنهن کي "رنيوئبل سورس آف انرجي" (renewable source of energy) به سڏجي جهڙوڪ: سج ۽ هوا جيڪي ڪڏهن به ختم تي نٿا سگهن ۽ هاجيڪار گئسون به خارج نٿا ڪن بنسبت ڪوئلي يا پيٽرول جي جيڪي هڪ ڏينهن ختم ٿي ويندا ته انهن جي استعمال سان وائي منڊل ۾ غلاظت به ڦهلجي ٿي.

**Ambient air** (ام.بينٽ ايئر) ڪنهن جسم جي بلڪل چوگرد يا چوپاسي موجود هوا.

**Amphibian** (ايم.في.بين) جل ٿل واسي، جلٿليو اهڙو جاندار جيڪو عام طور تي ٻچڙ طور ڪجهه وقت پاڻيءَ ۾ (ڪلين رستي ساهه کڻي) ۽ بالغ طور زمين تي رهي (ڦڦڙن ۽ گهميل چمڙي رستي ساهه کڻي) جهڙوڪ ڏيڏر.

**Anaemia** (ا.ني.ميا) رت جي پوٽائي، رتوٽائي، رت جي ڳاڙهن سيلن/ جزن يا هيموگلوبن جي کوٽ سبب ڪمزوري يا جسم جو پيلو ٿي وڃڻ جنهن جا ڪارڻ خوراڪ ۾ فولاد جي ڪمي، رت جي ڳاڙهن سيلن جو زهريلن مادن سبب تباهه ٿيڻ يا رت جو ايترو تڪڙو ضايع ٿيڻ آهي جو جسم اهڙي کوٽ پوري ڪري نه سگهي.

**Annual** (ان.يوئل) موسمي ٻوٽو، اهڙو ٻوٽو جيڪو رڳو هڪ موسم ۾ ٿئي.

**Antarctic** (ائنٽ.آرڪ.ٽ.ڪ) ڏکڻ قطب جي چوگرد وارو علائقو.

**Anthropocentric** (ائن.ٿرو.پو.سين.ٽرڪ) اهو عقيدو ته انسان جو هن ڪائنات ۾ هڪ خاص ۽ مرڪزي مقام آهي

**Anthropogenic** (ائن.ٿرو.پو.جينڪ) انسان جو نهيل، پيدا ڪيل يا سندس مشغولين سبب پيدا ٿيندڙ جهڙوڪ: گرين هائوس گئسون.

**Aquatic ecosystem** (ا.ڪواٽ.ڪ اڪو.سس.ٽم) آبي ماحولي سرشتو هڪ اهڙو ماحولي سرشتو جيڪو آبي ٻوٽن ۽ جانورن کي جوءِ مهيا ڪري ٿو ته ساڳئي وقت آبي ماحولي عمل به روان دوان رکي ٿو.

**Aquifer** (ايڪ.وا.فر) جَر، پاڻي جو زير زمين ذخيرو.

**Arable land** (ار.۽.بل لئنڊ) زرعي، پوک يا زراعت لائق.

**Arctic** (آرڪ.ٽڪ) اتر وارو، قطبي، قطب جو، ٿڌو علائقو اهڙو وشال برف سان ڍڪيل ۽ سمنڊ سان گهيريل بنا وڻن جي سدائين ڄميل رهندڙ زير زمين علائقو جيڪو ڌرتي جي اتر قطب جي چوگرد آهي.

**Arctic tundra** (آرڪ.ٽڪ ٽنڊرا) اتر ڪئناڊا ۾ ٿيندڙ اهڙو ماڳ جتي تمام گهٽي ٿڌ ٿئي، جيڪڏهن وڻ ٽڻ ٿئي به ته ننڍي قد جو ۽ سال جو هڪ وڏو عرصو زمين ڄميل رهي.

**Asbestos** (ايس.بيس.ٽس) هوا ۽ پاڻي کي غليظ ڪندڙ هڪ اهڙو زهريلو مادو / معدني تاندورو جيڪو ٻري ۽ سڙي نٿو سگهي، جنهن مان عمارتن لاءِ باهه نه لڳندڙ شيون ۽ بچاءَ جون پوشاڪون ٺاهيون وڃن ٿيون. کوٽي ڪڍيو وڃي ٿو ۽ ان جا سنها

تاندورا ساهہ رستي ڦڦڙن تائين پھچي ائسبيسٽوسِس (asbestosis) جي سنگين بيماري يا ڪينسر پيدا ڪن ٿا.

**Assessment** (اس.سيس.مينٽ) ڪنهن شئي جو ڏيان سان جائزو وٺڻ.

**Assimilative capacity** (اس.سيم.ي.لي.ٽِو ڪي.پيس.ي.ٽي) ڪنهن پاڻيءَ جي مقدار جي پنهنجو پاڻ کي صاف ڪرڻ جي خاصيت. پاڻيءَ ۾ گند يا زهريلن مادن جذب ڪرڻ جي قدرتي لياقت تہ جيئن انهن جا هاڃيڪار اثر ان جي واپرائيندڙن يا آبي جيوت کي متاثر ڪري نہ سگهن.

**Asthma** (ائسٽ.ما) اُپساهي، دمہ دمڪشي، ڦڦڙن جي بيماري سبب ساهہ کڻڻ ۾ تڪليف سان سيٽيءَ جھڙي آواز جو پيدا ٿيڻ. دمہ جو دورو ڪن مخصوص ائلرجي پيدا ڪندڙ شين ۽ هوا جي غلاظت سبب پوي ٿو.

**Atmosphere** (ايٽ.مس.فيير) وايومنڊل، فضا، آڪاس منڊل؛ زمين جي چوگرد هوا جو پوش يا غلاف جيڪو نائٽروجن (78٪)، آڪسيجن (21٪) ۽ ٻين ڪيترين گئسن (1٪) جي ملاوت ٿئي ٿو. خلا ۽ زمين جي وچ ۾ بفر جو ڪم ڪري ٿو سج جي هاڃيڪار ڪرڻن کي زمين تائين رسڻ کان روڪي ٿو. گرمي جهٽي ڌرتي کي جاندارن لاءِ آرامده ۽ رهڻ جوڳو بڻائي ٿو. فضا جي هيٺين پنجن منڊلن ۾ ورهاست ڪئي ويئي آهي: 1. ٽروپواسفيئر (troposphere) 2. اسٽريٽواسفيئر (strato-sphere) 3. ميزواسفيئر (mesosphere) 4. ٿرمواسفيئر (thermosphere) ۽ 5. ايڪسواسفيئر (exosphere). اهڙي هر منڊل جي پنهنجي مخصوص خاصيت ٿئي ٿي جهڙوڪ: 1. ٽروپواسفيئر/ زميني آسمان، فضا جو سڀ کان هيٺاهون/ پھريون تہ يا منڊل آهي جيڪو زمين جي مٿاڇري کان 10کان 15 ڪ.م جي اوچائي تائين ٿئي ٿو منجهس اوچائي وڌڻ سان گرمي پد لاڳيتو گهٽبو وڃي ٿو. هن منڊل جو وايو سدائين چرپر ۾ رهي ٿو ۽ ڌرتي جو وڏ ۾ وڏ گهاٽو منڊل ٿئي ٿو. سڀ ڪڪر، ڪارونيار، ڪنوڻ ۽ موسمي تبديليون هن ئي منڊل ۾ پيدا ٿين ٿيون، سج جي شعاعن سبب ڌرتيءَ جو مٿاڇرو تپي ٿو. ٽروپواسفيئر جي مٿئين ڇيڙي کي

’ٽروپوپاز‘ (tropopause) سڏجي ٿو جتان ٻيو منڊل، اسٽريٽواسفيئر شروع ٿئي ٿو
2. اسٽريٽواسفيئر/اوزوني آسمان، ڌرتي جو ٻيو منڊل، ٽروپوپاز کانپوءِ شروع ٿئي ۽ ٽروپواسفيئر ۽ ميزواسفيئر جي وچ تي ٿئي ٿو. اوچائي ۾ 50 ڪ.م تائين ٿئي ٿو. هن منڊل ۾ اوزون گئس موجود ٿئي ٿي جيڪا سج مان خارج ٿيندڙ الٽراوايوليٽ ڪرڻا جذب ڪري هن منڊل کي گرم ڪندي رهي ٿي. ٽروپواسفيئر جي بلڪل ابتڙ جنهن ۾ اسان رهون ٿا، اسٽريٽواسفيئر ۾ مٿي وڃڻ سان گرمائش وڌندي وڃي ٿي. اسٽريٽواسفيئر گهڻو خشڪ ٿئي ٿو ۽ منجهس تمام گهٽ آبي بخار موجود ٿين ٿا، جنهن سبب هن منڊل ۾ تمام گهٽ ڪڪر ٿين ٿا. سواءِ پولر اسٽريٽواسفيئرڪ ڪڪرن (polar stratospheric clouds) جي جيڪي ڪن ڪيميائي مادن سان ردعمل ڪري اوزون جي تهه کي تباهه ڪن ٿا. اسٽريٽواسفيئر جي مٿاهين هنڌ تي هوا، سامونڊي سطح جي ڀيٽ ۾ 1000 ڀيرا وڌيڪ ڇڊي ٿئي ٿي. هن منڊل ۾ ورٽيڪل ڪنويڪشن (vertical convection) نه ٿيڻ سبب منجهس ڪوبه مادو پهچڻ کانپوءِ هڪ ڊگهي عرصي تائين باقي رهي ٿو جهڙوڪ: ڪلورو فلورو ڪاربان جهڙا اوزون کي تباهه ڪندڙ وکر، ٻرندڙن جبلن جو اخراج ۽ شهاب ثاقبن جي دز هن منڊل ۾ مهينن يا سالن تائين رهي ورلي، عالمي سطح تي آبهوائي تبديليون پيدا ڪري ته راڪيٽن جون خارج ٿيندڙ گئسون به ڪيترا مسئلا پيدا ڪري سگهن ٿيون. اسٽريٽواسفيئر جي مٿين آخري ڇيڙي کي اسٽريٽوپاز (stratopause) سڏجي ٿو
3. ميزواسفيئر/ وچون آسمان، ڌرتيءَ جو ٽيون منڊل، ڌرتيءَ جي مٿاڇري جي 50 ڪ.م کان شروع ٿي 85 ڪ.م تائين پکڙجي وڃي ٿو. هن منڊل ۾ مٿي وڃڻ سان گرمي پد گهٽبو / ٿڌاڻ وڌندي وڃي ٿي، ميزواسفيئر جو مٿانهون حصو ڌرتي جي وائي منڊل جو وڌ ۾ وڌ ٿڌو (ڪاٿو 90° س) حصو ٿئي ٿو. اُپ مان ڪرندڙ ڪيترائي شهاب ثاقب هن منڊل ۾ پهچڻ سان سڙي ختم ٿي وڃن ٿا. ميزواسفيئر ۽ ان جي هيٺان هوا ۾ ڪيترين مختلف گئسن جي ملاوت ٿئي ٿي. ميزواسفيئر جي مٿان هوا ايتري ڇڊي ٿئي ٿي جو انهن جا ايٽم ۽ ماليڪيول ورلي ڪو ٽڪرائجي سگهن ٿا. جيئن سمنڊ ۾ ٻيئي ڪنهن هنڌ پاڻي ۾ لهرون پيدا ٿين ٿيون تيئن، وائي منڊل ۾ به هوا

جون لهرون پيدا ٿي سگهن ٿيون جن مان ڪيترين هيٺين وائي منڊل: ٽروپواسفيئر ۽ اسٽريٽواسفيئر ۾ پيدا ٿي، مٿي ميزواسفيئر ڏانهن هليون وڃن ٿيون جن ۾ توانائي ٽٽي ٿي. ميزواسفيئر ۾ اهڙين لهرن سبب هوا چرپر ۾ رهي ٿي. ميزواسفيئر جي آخري چيڙي کي ميزوپاز (mesopause) سڏجي ٿو 4. ٿرمواسفيئر/گرم آسمان، ميزو اسفيئر جي بلڪل مٿان ۽ ايڪسواسفيئر جي هيٺان ٿئي ٿو. زمين جي اٽڪل 90 ڪ.م جي اوچائي کان شروع ٿي 5000 ۽ 1000 ڪ.م جي وچ تائين پکڙيل ٿئي ٿو. هيٺين ٿرمواسفيئر ۾ (200 کان 300 ڪ.م جي اوچائي تائين) گرمي پد هڪدم وڌي وڃي ٿو ۽ پوءِ هڪ ڪرو ٿي وڌندڙ اوچائي سان متوازن ٿي وڃي ٿو. ٿرمواسفيئر جي گرمي پد تي سج جي سرگرمين جو گهرو اثر پوي ٿو. عام طور تي هن منڊل ۾ 200° س گرمي پد رهي ٿو رات جي پيٽ ۾ ڏينهن جو وڌيڪ رهي ٿو. ورلي، سج جي سرگرمين وڌڻ سبب اٽڪل 500° س تائين رسي وڃي ٿو. جڏهن ته ٿرمواسفيئر جي مٿين حصي ۾ 500° کان 2,000° س تائين رهي ٿو. ٿرمواسفيئر جي مٿين چيڙي کي ٿرموپاز (thermopause) سڏجي ٿو جنهن کانپوءِ ايڪسواسفيئر شروع ٿئي ٿو. جيتوڻيڪ ٿرمواسفيئر کي ڌرتي جي وائي منڊل جو هڪ حصو سمجهيو وڃي ٿو پر تنهن هوندي به هن منڊل ۾ هوا جي ڳوڙهائپ / گهاٽائپ ايتري گهٽ هجي ٿي جو عام طور تي ان کي ٻاهرين خلا سڏجي ٿو. جڏهن ته خلا جي شروعات زميني مٿاڇري جي 100 ڪ.م جي اوچائي کان پوءِ شروع ٿئي ٿي يعني ته ٿرمواسفيئر جي تري ميسوپاز کان ٿورڙو مٿان. خلائي گاڏيون ۽ خلائي اسٽيشنون ٿرمواسفيئر ۾ گردش ڪنديون رهن ٿيون.

**Atmospheric pressure** (ايٽ.مس.فيير.ڪ پريشر) فضائي داٻ، هوا جي وزن جو زمين تي پوندڙ داٻ.

**Atom** (ايٽ.م) ائٽو ڪنهن ڪيميائي عنصر جو بنيادي ايڪو مادي جو ننڍي ۾ ننڍو ايڪو جنهن ۾ عنصر جون خاصيتون هجن ۽ ٽن مکيه قسمن جي نيم ايٽمي پارٽيڪلن (جزن) اليڪٽران، پروٽان ۽ نيوٽران جو جڙيل هجي.

**Atomic number** (اٽام.ڪ نمبر) ايٽمي نمبر، ڪنهن ايٽم جي نيوڪليئس

/مرڪز ۾ پروٽانن جو تعداد جنهن هيٺ ان عنصر جي ڪيميائي خاصيتن ۽ پيريا ڊڪ ٽيبل ۾ جاءِ مقرر ڪئي ويجي ٿي. ايٽمي نمبر کي پروٽان نمبر بہ سڏجي ٿو جنهن جي نشاني وڏي Z آهي مثال طور: هيڊروجن جو ايٽمي نمبر 1 ۽ ڪاربان جو 6 آهي.

**Audit** (آڊٽ) اهڙي جاچ ڪري ڏسڻ تہ ڪا شئي ڪيتري سٺي طريقي سان ڪم ڪري رهي آهي.

**Autotroph** (آ.ٽو.ٽراف) پنهنجو کاڌو پاڻ ٺاهيندڙ اهڙو جاندار جيڪو فوٽو سينٿيسس (روشني جي توانائي) يا ڪيموسينٿيسس (ڪيميائي توانائي) رستي غيرنامياتي ماليڪيولن مان پنهنجو کاڌو تيار ڪن جهڙوڪ: زمين تي ٻوٽا ۽ پاڻيءَ ۾ الجي. آٽوٽراف ڪنهن بہ غذائي ڪڙيءَ / فوڊ چين جا پيدا ڪندڙ ٿين ٿا.

## B

**Bacteria** (بئڪ.ٽي.ريا) ايترا ننڍڙا جاندار جيڪي خوردبين کانسواءِ ڏسي نه سگهجن ڪي بيماريون پيدا ڪن ته ڪي نامياتي /آرگنئڪي مادن کي ڳاري ساڙي ڇڏين ۽ مٽيءَ کي صحتمند رکن.

**Bactericide** (بئڪ.ٽي.ري.سائيڊ) بئڪٽيريا کي ختم ڪندڙ يا ماريندڙ دوا.

**Barbel** (بار.بل) هڪ سنهو ڏاڙهي- مڇ جي وار جهڙو ڪن مڇين جي منڍي يا ڪاڏي مان نڪرندڙ ڇهڻ جو حساس عضوو.

**Bark** (بارڪ) ڇوڏو ڇِل، وڻ جي ٽڙ، شاخن ۽ ٽارين کي ٻاهران ڍڪيندڙ سخت ڇلر.

**Benthos** (بينٿاس) اهڙا ٻوٽا يا جانور جيڪي پنهنجي وقت يا زندگيءَ جو هڪ وڏو عرصو سمنڊ يا ڪنهن ٻئي پاڻيءَ جي تري ۾ رهي گذارين.

**Benzene** (بين.زين) هڪ خطرناڪ ڳاريندڙ ڪيميائي وکر.

**Bilateral** (بائليٽرل) ٻن پاسن وارو ٻه پاسائون.

**Bilharzia** (بل.هار.زيا) آبي ڪوڏن ۾ واڌ ڪندڙ هڪ قسم جي ڪينئين سبب ٿيندڙ بيماري، رت جي ڪينئين (blood fluke) ۽ شسٽوسومياسس نالي سان به سڏجي.

**Bioaccumulation** (بايو.اڪ.يو.مو.لي.شن) ڪنهن جاندار ۾ ڪاڏي ۽ ماحول رستي ڪن ڪيميائي مادن جهڙوڪ: جيتمار دوائن جو گڏ ٿيندو رهڻ.

**Bioassay** (بايو.ايس.ئي) هڪ اهڙو طريقو جنهن رستي ڪنهن مادي جو ڪنهن جاندار تي پوندڙ اثر ڏسي سگهجي.

**Biochemicals** (بايو.ڪيم.ي.ڪلس) اهڙا ڪيميائي مادا جيڪي قدرتي هجن يا انهن جهڙا جهڙوڪ: هارمون، فيرومون ۽ انزائيمون، جيتمار دوائن جيان غير زهريلن ۽ غير هاڃيڪار طريقن سان ڪم ڪري جيتن جي لڳ ڪرڻ جي طريقن کي ڏانوڏول ڪن، ٿهائيندڙن طور اثر ڪن ۽ ماحول سان نهڪندڙ ٿين ٿا تنهنڪري

انٽيگريٽيڊ پيسٽ مينيجمينٽ (IPM) پروگرامن لاءِ اهم ٿين ٿا.

**Biocide** (بايو.سائيڊ) هڪ اهڙو زهريلو وڪر جيڪو ڪيترن قسمن جي جاندارن کي ماري سگهي.

**Biodegradable** (بايو.ڊي.گريڊ.ابل) ڪنهن مادي ۾ اهڙي خاصيت هجڻ ته اهو بئڪٽيريا ۽ مائڪرو (خوردبيني) جاندارن رستي طبعي يا ڪيميائي طور تي ڳري سڙي اهڙي سادي مادي ۾ مٽجي وڃي جيڪو ماحول کي ڇيهو نٿو رسائي جهڙوڪ: ڪيترائي ڪيميائي مادا، ٻهر، ڪپهه، اُن، پنو ۽ پاڻو. جڏهن ته پلاسٽڪ ۽ پاليسٽر ڳري نٿا سگهن.

**Biodegradable plastic** (بايو.ڊي.گريڊ.ابل پلاس.ٽڪ) اهڙي پلاسٽڪ جنهن کي مٽي ۾ موجود جيوڙا ڪائي ختم ڪري ڇڏين.

**Biodiversity** (بايو.ڊي.ور.سٽي) گوناگون جيوت، ڪنهن جوءِ، ماڳ، وسنديءَ يا علائقي ۾ قدرتي طور تي ٿيندڙ يانت يانت قسمن جا وڻ ٻوٽا، جانور، جيت جڻيا وغيره جن جي ڪيترين سطحن تي هڪ مڪمل ماحولي سرشتي کان وٺي بايوڪيميڪل / ماليڪيولر بنياد تي درجيبندي ڪئي وڃي ٿي. ان لحاظ کان هن اصطلاح ۾ مختلف ماحولي سرشتا (ecosystems)، اسپيشيز /جنسون (species) ۽ جينون يا اَڊون (genes) اچي وڃن ٿيون جيڪي هڪ تندرست ۽ متوازن ماحول لاءِ هجڻ ضروري ٿين ٿا.

**Biofuel** (بايو.فيول) بايوماس مان ٺهندڙ ٻارڻ جيڪو نهري (چارڪول يا اڱر)، پاڻيٺي (اٿنول) يا گئسي (ميٿين) صورت ۾ ٿي سگهي ٿو.

**Biogas** (بايو.گئس) گهٽي پاڳي ميٿين گئس جيڪا نامياتي مادن جي ڳرڻ سڙڻ سبب پيدا ٿئي ٿي، ان کي ٻارڻ طور استعمال ڪرڻ سان غلاظت نٿي ٿئي. عام طور تي چوپائي مال جي ڇيڻي مان حاصل ڪجي ٿي.

**Biogenesis** (با.يو.جين.ي.سس) جاندارن مان جاندارن جي پيدا ٿيڻ جو نظريو.

**Biogeochemical cycle** (بايو.جي.و.ڪيم.ي.ڪل سائي.ڪل) ڪيميائي

مادن ۽ عنصرن جو ماحول ۽ جاندار جسمن وچ ۾ قدرتي ڦيرو. نائٽروجن، ڪاربان، سلفر، آڪسيجن ۽ پاڻي اهڙن ڦيرن جا ڪجهہ مثال آهن.

**Biogeographical** (بايو.جيو.گرافي.ڪل) حياتياتي جاگرافي، ٻوٽن ۽ جانورن جي جاگرافيائي ورڇ جو سائنسي اڀياس.

**Biohazard** (با.يو.هي.زا.رڊ) ڪابہ اهڙي شئي، ڪو زهريلو ڪيميائي مادو يا وچڙندڙ بيماري جيڪا ڪنهن جاندار يا ماحول کي ڇيهو رسائي سگهي.

**Biological community** (با.يو.لاجيڪل ڪميونٽي) ساڳئي ماڳ، وسنديءَ، جوءِ جي رهواسي جاندارن (ٻوٽن، جانورن ۽ مائڪرو جاندارن) جو گروهہ جيڪي هڪٻئي تي مدار رکندڙ ۽ اثرانداز ٿيندڙ هجن.

**Biological control** (با.يا.لا.جي.ڪل ڪنٽرول) آزاريندڙ جيوت تي ضابطي رکڻ لاءِ انهن جا قدرتي دشمن استعمال ڪري کين ناس ڪرڻ.

**Biological oxygen demand** (با.يا.لا.جي.ڪل آڪسيجن ڊمانڊ) هڪ اهڙي معياري چڪاس رستي ڏسڻ تہ آبي مائڪرو (خوردبيني) جاندار پاڻيءَ ۾ ڳريل آڪسيجن جو ڪيترو مقدار استعمال ڪن ٿا.

**Biological pesticide** (با.يا.لا.جي.ڪل پيس.ٽي.سائيڊ) ڪن قسمن جا مائڪرو جاندار جهڙوڪ: بئڪٽيريا، فنجاءِ، وائرس ۽ پروٽوزوا ڪيترن قسمن جي مخصوص آزاريندڙ/نقصان ڏيندڙ جيوت تي ضابطو رکڻ ۾ اثرائتا ٿين ٿا ۽ عام طور تي انهن جا انسانن ۽ جانورن تي هاجيڪار اثر پيدا نٿا ٿين ۽ نہ ئي ديرپا غلاظت پيدا ڪن ٿا.

**Biologist** (با.يا.لا.جسٽ) حياتياتدان، علم حياتيات جو ماهر، جاندارن ۽ انهن جي هڪٻئي سان لاڳاپن جو اڀياس ڪندڙ.

**Biology** (با.يا.لا.جي) علم حياتيات، جاندارن جي بناوت، ڪم ڪار، سياءَ، اصليت ۽ ورڇ وغيره جهڙين پهلوئن جو اڀياس.

**Biomass** (بايو.ماس) جيو /نامياتي مادو، ٻوٽن جو مادو ۽ جانورن جي غلاظت عام

طور تي ڀارڻ طور استعمال ٿئي ٿي.

**Biome** (با.يوم) جاندارن (ٻوٽن ۽ جانورن) جي اهڙي وسندي جيڪا پنهنجي علائقي جي مخصوص آبهوائي يا ماحولي حالتن سان ٺهڪندڙ هجي (جهڙوڪ: ريگستان، ڪوهستان، چراگاهه يا گرم علائقن جا ٻيلا).

**Biophysical environment** (با.يوفزي.ڪل ان.واءِ.رن.مينٽ) ماحول جو هڪ اهڙو حصو جيڪو نه ته انساني سرگرمين سبب وجود ۾ آيو هجي ۽ نه ئي انهن جو محتاج هجي (جهڙوڪ: حياتياتي، طبعي، ڪيميائي مادا ۽ انهن جا عمل).

**Bioregion** (بايو.ري.جن) هڪ اهڙي زميني ايراضي جنهن ۾ ساڳئي قسم جا جانور، ٻوٽا، پاڻي، آبهوا، جبل، مٽي ۽ انساني تهذيب پاڳي پائيوار ٿيندڙ هجن.

**Bioregionalism** (بايو.ري.جن.لزم) پنهنجي رهائشي هنڌ جي ماحولي، معاشي ۽ تهذيبي پهلوئن کان واقف هجڻ.

**Bioremediation** (بايو.ري.مي.ڊي.ئي.شن) ڪن خوردبيني جاندارن جهڙوڪ بئڪٽيريا رستي غلاظتي مادا يا هاريل تيل صاف ڪرڻ يا ڪيڻ.

**Biosphere** (بايو.اسفيير) جاندارمنڊل؛ زمين جو ٻاهريون تهه، پاڻي ۽ وايو منڊل جتي جاندار زنده رهي سگهن.

**Biota** (با.ي.و.ٽا) ڪنهن مخصوص علائقي، ماڳ يا ڪنهن جُڳ يا وقت ۾ ٿيندڙ سڀ جاندار (وڻ ۽ جانور).

**Biotic** (با.يا.ٽڪ) ڪنهن مخصوص علائقي ۾ ٿيندڙ سڀ جاندار.

**Biotic community** (با.يا.ٽڪ ڪم.ميو.ني.ٽي) ڪنهن مخصوص علائقي ۾ ٿيندڙ سيني جاندارن جون وسنديون، انهن جا هڪ ٻئي سان لاڳاپا ۽ ردعمل.

**Biotope** (با.يو.ٽوپ) ڪنهن جُوءِ يا ماڳ جو اهڙو حصو جنهن ۾ ماحولي لحاظ کان مخصوص جاندار رهندڙ هجن جهڙوڪ: وڻ جو ڇوڏو جنهن ۾ هڪ مخصوص قسم جي جيوت رهي سگهي ٿي.

**Birth defect** (برٿ.ڊ.فيڪٽ) ڄائي ڄم جو نقص؛ ڪنهن جسماني يا ذهني

مسئلي سان جاول ٻار جھڙوڪ: چيريل چپ يا ذهني معذور/ موڳائپ. جائي ڄمر جا نقص ورلي زهريلن ڪيميائي مادن سبب بہ ٿين ٿا وڌيڪ ڏسو Genetic defects

**Black water** (بليڪ واٽر) ڪاڪوس يا اهڙن ٻين ذريعن جو پاڻي جيڪو ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ استعمال ڪرڻ کان اڳ باقاعدي ڇاڻڻ ۽ اوبڙڻ (جيوڙن کان صاف ڪرڻ) ضروري ٿئي ٿو.

**Bleach** (بليچ) بليچ: پاڻي، اوزارن ۽ مٿاڇرن کي صاف ڪرڻ لاءِ ڪتب ايندڙ هڪ ڪيميائي وکر.

**Blood fluke** (بلڊ فلوڪ) ڏسو Bilharzia

**Blubber** (بلوب.بر) وَهِ. سيڻو وهُ جو ٿلهو تہ جيڪو اتر قطب واري علائقي (آرڪٽڪ) ۾ ٿيندڙ ٿڻائتن جانورن ۾ ٿئي.

**Boreal forest** (بو.ري.يل فار.يسٽ) ٻيلي جو هڪ اهڙو قسم جيڪو سڄي اتر ڪئناڊا ۾ ٿئي ٿو جنهن ۾ ڪونيفيرس وڻ، پريو (lichen)، سينور (moss) ۽ ٻوٽا ٿين.

**Botany** (باٽ.ني) ٻوٽن جي بناوت، درجيبندي، ڪارج، ورڇ، معاشي اهميت وغيره جي پهلوئن جو اڀياس.

**Brominated flame retardant/BFR** (برو.مي.نيٽيڊ فلئمر.ٽار.ڊنٽ/بي.ايف.آر) هڪ زهريلو ڪيميائي مادو جيڪو اليڪٽرانڪس، فرنيچر ۽ ڪپڙي جي ڪارخانن وغيره ۾ استعمال ڪجي ٿو تہ جيئن اهي باهہ لڳڻ جي گهٽ خطري ۾ رهن.

**Brown haze** (برائون هيز) ناسي ڌنڌ. ٽريفڪ ۽ ڪارخانن جي هوا جي غلاظت، ناسي ڌنڌ جو هڪ حصو سموگ (smog) تڏهن پيدا ٿئي ٿو جڏهن آبي بخار هوا جي غلاظتي ذرڙن سان ملي وڃن ٿا.

**Brownfield** (برائون فيلڊ) اهڙو زمين ٽڪرو جيڪو تجارتي يا صنعتي مقصدن لاءِ تيار ڪيو ويو هجي، گندو ۽ غليظ ٿي ويو هجي ۽ پوءِ ترڪ ڪيو ويو هجي.

**Built environment** (بلٽ ان.واءِ.رن.مينٽ) انساني سرگرمين سبب وجود ۾

ايندڙ پسگردايون جهڙوڪ: عمارتون، پليون، روڊ، گوديون.

**Burrow** (بر.رو) چُر، ڏر، ٻِر: عام طور تي چر ۾ ڪيترا ڪمرا ۽ ترت نڪرڻ لاءِ گهٽا لنگهه ٿين ٿا.

## C

**Cadmium** (ڪئڊ.مييم) هڪ زهريلو ڳورو ڌاتو اليڪٽرانڪس ۽ ڪيترن پيداواري عملن ۾ استعمال ٿئي ٿو.

**Camouflage** (ڪيمر.او.فليج) ماحول سان يڪرنگ ٿيڻ، ڪنهن ماڻهوءَ، جانور يا ڪنهن شئي جو اهڙي طرح منجهڻ يا پاڻ مٽائڻ جو آسپاس جي ماحول جهڙو لڳي. دشمن کان پاڻ لڪائڻ/بچائڻ لاءِ جسم جو ڊول يا رنگ بدلائي آسپاس جهڙو ڪري ڇڏڻ.

**Cancer** (ڪين.سر) هڪ اهڙي بيماري، جنهن سبب جسماني سيلن جي چڙواڳ واڌ ٿي جسم کي تباهہ ڪري ٿي، ڪيترن قسمن جي ڪينسر زهريلن ڪيميائي مادن ۽ صنعتي غلاظت سبب ٿئي ٿي.

**Canopy** (ڪين.او.پي) ڇَٽ، ڪنهن ٻيلي جي ڊگهن وڻن جي پنن ۽ ٽارين سبب پيدا ٿيندڙ ڇٽ.

**Capacity Building** (ڪي.پيس.ٽي بلڊنگ) صلاحيت وڌائڻ، ڪنهن تنظيم يا برادريءَ جي ماڻهن جي لياقتن ۽ صلاحيتن ۾ واڌارا آڻڻ تہ جيئن اهي حالتن مطابق وڌيڪ برجستائي ۽ اعتماد سان ڪم ڪري سگهن، جنهن ۾ ڳُرن جي سکيا ڏيڻ، تنظيمي ۽ افرادي صلاحيتون وڌائڻ ۽ ناڻي بابت سکيائون ڏنيون وڃن ٿيون.

**Carbon** (ڪار.بان) هڪ اهڙو ڪيميائي عنصر جنهن مان هيرو ۽ ڪوئلو ٺهي، سيني وڻن، جانورن ۽ پيٽروليم ۾ موجود ٿئي، قدرتي ٻارڻ جهڙوڪ: ڪوئلي، تيل ۽ قدرتي گئس ٻارڻ سان ڪاربان هوا ۾ خارج ٿي آڪسيجن سان رلجي ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ پيدا ڪري ٿي جيڪا هڪ گرين هائوس گئس آهي.

**Carbon cycle** (ڪار.بان سائي.ڪل) ڪاربان گئس جو جاندارن ۽ ماحول جي وچ ۾ ڦيرو. ٻوٽا، وائي منڊل مان ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ حاصل ڪري استعمال ڪن ٿا، جيڪا پوءِ ٻوٽن کائڻ سان جانورن جي جسم ۾ وڃي ٿي ۽ اتان ٻوٽن ۽ جانورن جي ساهہ کڻڻ ۽ ڪاٺي جي سڙڻ سان ماحول ۾ واپس ٿئي ٿي.

**Carbon dioxide** (ڪار.بان ڊاءِ.آڪ.سائيڊ) هڪ بي رنگ، بي بوءِ ۽ بي سواد

گئس انسانن ۽ جانورن جي ساهه رستي، قدرتي ٻارڻ جي سڙڻ سان خارج ٿي ۽ گرين هائوس گئس هجڻ سبب عالمي تپش جو مکيه ڪارڻ بڻجي ٿي. وڌيڪ ڏسو Fossil fuel and Greenhouse gas

**Carbon footprint** (ڪار.بان فوٽ.پرنٽ) ڪنهن فرد، تنظيم، عمارت وغيره سبب ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جي مقدار جو پيدا ٿيڻ جيڪا هڪ ماپي طور استعمال ڪري ان جو ماحول تي پوندڙ اثر ڏنو ويجي ٿو.

**Carbon monoxide** (ڪار.بان.مونو.آڪ.سائيڊ) هڪ زهريلي، بي بوءِ، بي رنگ گئس جيڪا موٽرڪارين، سگريٽ، قدرتي گئس، ٻارڻ ۽ ٻين ڪيترن ذريعن رستي پيدا ٿئي ٿي. صنعتي شهرن ۽ موٽرگاڏين سبب پيدا ٿيندڙ ڪاربان مونو آڪسائيڊ غلاظت جو هڪ مکيو سبب ٿئي ٿي.

**Carbon sequestration** (ڪار.بان سي.ڪويس.ٽري.شن) ڪاربان گئس جو ٻيلن، زمين ۽ سمنڊ ۾ ڦاسي ڊگهي عرصي لاءِ ذخيرو ٿي وڃڻ جنهن سبب وائي منڊل ۾ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ طور گڏ ٿي نٿي سگهي.

**Carbon sinks** (ڪار.بان سنڪ) سمنڊ، ٻيلي يا اهڙي ڪنهن ٻئي ساوڪ واري هنڌ (وڻن ٻوٽن) جو ماحول مان ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جا وڏا وڏا مقدار جذب ڪري ماحول کي بچائڻ.

**Carcinogenic/carcinogen** (ڪار.سين.و.جين.ڪ يا ڪار.سين.و.جن) ڪينسري، ڪينسر پيدا ڪندڙ اهڙو مادو جيڪو انسانن يا جانورن ۾ ڪينسر پيدا ڪري سگهي.

**Carnivore** (ڪار.ني.وور) گوشت خور، گوشت يا ماس کائيندڙ. کاڌي جي زنجير ۾ گوشت خور ٻئي درجي وارن يعني سبزي خورن کي کائيندڙ ته ٽئين درجي وارو يعني ٻين گوشت خورن کي کائيندڙ ٿي سگهي ٿو.

**Carrion** (ڪي.ري.ين) ڍونڍ، مردار گوشت، ڳرندڙ سرندڙ جانور.

**Carrying capacity** (ڪي.ري.ينگ ڪ.پيس.ٽي) وت، وس آهر سهائتا؛ ڪو به اهڙو قدرتي ماڳ جيڪو جاندارن جي وڏ ۾ وڏ انگ کي پنهنجي معيار کي ڇيهي

رسڻ بنا پائدار طور تي سهائتا جون سهولتون جهڙوڪ: رهائش، جوءِ، پاڻي، کاڌو ۽ تحفظ مهيا ڪري سگهي.

**Catchment** (ڪئچ.مينٽ) ترائي، پلر جو ذخيرو، توپو.

**Catchment area** (ڪئچ.مينٽ ايرءِ.ا) ترائي وارو علائقو، زمين جو اهڙو لهوارو هنڌ جتي مينهن جو پاڻي گڏ ٿي وهڪرن ۽ ندين جي صورت ۾ وهي يا ڄَر ۾ گڏ ٿي وڃي. واٽرشيڊ (watershed) بہ سڏجي.

**Catchment management** (ڪئچ.مينٽ مين.ايج.مينٽ) ترائي واري علائقي جي سنڀال لهڻ، زمين جو اهڙو هنڌ جتي مينهن جو پاڻي گڏ ٿي درياءَ يا وهڪرن جي صورت ۾ ڪنهن ڍنڍ، ڊئم يا سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري.

**Cell** (سيل) سيل، گهرڙو، خانو ڪوٺي؛ ڪنهن بہ جاندار جسم جو ننڍي ۾ ننڍو ايڪو. انسان، جانور، جيت ۽ ٻوٽا بنيادي ايڪي، سيل جا ٺهيل آهن.

**Certification program** (سر.ٽي.ف.ڪي.شن پرو.گرام) خريدارن کي ان ڄاڻ جو حق هجڻ تہ شيون، صحتمند ماحولي يا بهتر سماجي طريقن سان پيدا ڪيون ويون آهن. سڌريل ملڪن ۾ زرعي پيداوار کي نامياتي، ٻيلائي ۽ پائدار وغيره جو سرٽيفڪيٽ ڏنو وڃي ٿو. اهڙي سرٽيفڪيٽ سبب وڪرو ڪندڙ کي سٺي قيمت ملي ٿي.

**Certified** (سرٽي.فائي.ڊ) ڪن مقرر معيارن مطابق اپايل کاڌو يا اناج (جهڙوڪ جيتمار دوائن بنا) جنهن جي تصديق هڪ آزاد ادارو ڪري ٿو.

**Chemical body burden** (ڪيمي.ڪل باڊي بر.ڊن) ڪنهن بہ هڪ وقت تي جسم ۾ موجود زهريلن ڪيميائي مادن جو مقدار.

**Chlorine** (ڪلو.رين) جيوڙن مارڻ ۽ پاڻي صاف ڪرڻ لاءِ ڪتب ايندڙ هڪ تيز ڪيميائي وکر. ڪلورين پني صاف ڪرڻ ۽ پي.وي.سي ٺاهڻ لاءِ بہ ڪتب اچي ٿي. ڪلورين جون ٺهيل شيون ساڙڻ سان منجهائن ڊاءِ آڪسن ۽ فيورانس جهڙيون زهريليون گئسون خارج ٿين ٿيون.

**Chlorofluorocarbons/CFCs** (ڪلو.رو.فلور.و.ڪار.بان/سي.ايف.سيز)

ڪيميائي مادن جو اهڙو ڪٽنب جيڪي شين نارڻ، ايئرڪنڊيشنرن، پيڪنگ، انسوليشن، ڳاريندڙن ۽ ڦوهار پيدا ڪندڙن طور استعمال ڪيا وڃن ٿا. جڏهن مٿين وائي منڊل ۾ رسن ٿا تڏهن منجهن موجود ڪلورين وڪر، اوزون تهه کي، جيڪو زمين کي سج جي الٽراوايولٽ ڪرڻن کان بچائي ٿو تباهه ڪري ڇڏي ٿو. ائنٽ آرڪٽڪ کنڊ مٿان اوزون کي تباهه ڪندڙ مکيو وڪر، سي ايف سي کي سمجهيو وڃي ٿو.

**Chlorophyll** (ڪلو.رو.فل) هڪ اهڙو سائو مادو، جنهن رستي پن، سج جي روشني، هوا جي ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ، زمين جو پاڻي ۽ نامياتي غذائي جزا استعمال ڪري کنڊون ۽ اسٽارچ / نشاستا ناهين ۽ کاڌي طور ڪٽنب آڻين ٿا.

**Cholera** (ڪال.ر.ا) بئڪٽيريا سبب ڪني ٽيل پاڻي پيئڻ ۽ کاڌي کائڻ ڪري ٿيندڙ بيماري، عام طور تي ڪالرا. ڪني پاڻيءَ ڪري پکڙجي ٿي، الٽيون ۽ دست ڪري ٿي.

**Chromium** (ڪرو.مي.يم) هڪ زهريلو ڳورو ڌاتو چمڙي رڱڻ، شين کي ڪسجڻ کان بچائڻ ۽ ڪيترن ڪارخانن ۾ استعمال ٿئي ٿو.

**Chronic** (ڪرا.نڪ) پراڻو ڪهنو، گهٽڻ ڏينهن جو. ڪا اهڙي بيماري جيڪا هڪ ڊگهي عرصي کان هلندڙ هجي يا ور ور ٿي پوي. ڪا ڪهني بيماري ڪيترا سال هلي ٿي ۽ ان جو علاج ڏکيو ٿئي ٿو.

**Chronic effect** (ڪرانڪ افيڪٽ) ڪنهن بہ جاندار تي پوندڙ خراب اثر، جنهن جون نشانيون هڪ ڊگهي عرصي دوران آهستي آهستي يا هر هر ظاهر ٿين ٿيون.

**Circumpolar** (سر.ڪم.پولر) ڪنهن قطب کي گهيريل هجڻ، اتر يا ڏکڻ قطب جي ويجهو يا چوگرد هجڻ.

**Cistern** (سس.ٽرن) ٽانڪي، پاڻيءَ گڏ ڪرڻ لاءِ وڏو حوض.

**Clean production** (ڪلين پرو.ڊڪ.شن) اهڙن طريقن سان شيون ناهڻ، جنهن سان وڏيءَ حد تائين زهريلي غلاظت گهٽائي يا ختم ڪري سگهجي. صاف پيداواري طريقا ڪٽنب آڻڻ سان نواڻجندڙ (renewable) توانائي ۽ مواد جو استعمال زور وني ٿو.

**Clear cut logging** (ڪليئر.ڪٽ لا.گنگ) جڏهن ڪنهن ٻيلي/علائقي جا گهٽا يا سڀ وڻ وڍي ڇڏجن.

**Climate** (ڪلاءِ.ميٽ) موسم، رُت: ڪنهن علائقي جون عام طور تي يا هڪ ڊگهي وقت تائين رهندڙ آبهوائي حالتون.

**Climate change** (ڪلاءِ.ميٽ چينج) موسمي تبديلي: مقامي ۽ عالمي سطح تي ٿيندڙ موسمي تبديلي مان مراد، وائي منڊل ۾ انساني سرگرمين سبب اهڙين گئسن جو گڏ ٿيڻ آهي جيڪي سج جي تپش جهڙين ۽ عالمي سطح تي آبهوا جي طريقن ۾ تبديليون پيدا ڪن ٿيون. نتيجي ۾ وسڪاري جي طريقن ۾ تبديلي، سامونڊي سطح ۾ چاڙهه، زبردست خشڪسالي، جوئين جي تباهي ۽ گرمي جي دٻاءَ جهڙيون ڳالهيون پيدا ٿين ٿيون. وڏ ۾ وڏ هاجيڪار گرين هائوس گئسون ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ، ميٿين ۽ نائٽرس آڪسائيڊ آهن. جيڪڏهن وائي منڊل ۾ انهن گئسن جي مقدار ۾ ٻيڻ تي واڌارو ٿي وڃي ته سال 2050 تائين ڌرتي جي گرمي پد ۾ 1.5° کان 4.5° س تائين واڌ ٿيندي جنهن سبب عالمي سطح تي وسڪاري ۾ اهڙي تبديلي ايندي جو ان جا پيانڪ نتيجا نڪرندا. آبهوائي تبديلي "عالمي تپش" ۽ "گرين هائوس افيڪٽ" جي معنيٰ ۾ به استعمال ڪئي وڃي ٿي. وڌيڪ ڏسو Climate

**Coal** (ڪول) ڪوئلو: ڪوئلو نهرو عام طور تي رنگ جو ڪارو ورلي خاڪي ڪاربان سان ٽمتار ٿئي ٿو. دنيا جي ڪيترن حصن ۾، هن اهم معدني ٻارڻ جا وڏا زخيرا موجود آهن .لکين سال اڳ جڏهن ڏٻٽي زمين ۾ دفن ٿي ويل وڻن تي زبردست گرمي ۽ دٻاءَ پيو ته اهي طبعي ۽ ڪيميائي طور تي ڪوئلي ۾ مٽجي ويا. ڪوئلو گهاتائپ، پورائپ، نهرائپ ۽ تابڪاريءَ جي لحاظ کان مختلف خاصيتن وارو ٿئي ٿو. ڪوئلي جا مکيا قسم، لگنائيٽ (lignite)، سبٽومينس (subbituminous)، بٽومينس (bituminous) ۽ انٿراسائيٽ (anthracite) آهن. ڪوئلو ڪيتري زماني کان ٻارڻ طور، بجلي پيدا ڪرڻ، ڪوڪ (coke) ۽ مختلف قسمن جي مرڪبن، ڳارڻ ۽ دوائن ٺاهڻ لاءِ استعمال ٿيندو رهيو آهي. 20 صديءَ جي اوائل کان

ڪوئلو پاڻيٺي ٻارڻ ۾ بہ تبديل ٿيندو رهيو آهي. ڪوئلي ۾ اها توانائي موجود ٿئي ٿي جيڪا وڻن ٻوٽن لکين سال اڳ سج مان جذب ۽ گڏ ڪئي. ڪوئلي ٻارڻ سان منجهائنس خارج توانائي ڪيترن طريقن سان استعمال ڪري سگهجي ٿي. دنيا جي اٽڪل 40 سيڪڙو بجلي، ڪوئلي مان پيدا ڪئي وڃي ٿي. ڪوئلي جا ذخيرا جڳهن پر محدود آهن. ڪوئلي مان بجلي پيدا ڪرڻ سستي تہ آهي پر ان جي ٻارڻ سان تمام گهڻيون گرين هائوس گئسون پيدا ٿين ٿيون ۽ موٽ ۾ ڪيترن قسمن جا سنگين ماحولي ۽ هاڃيڪار صحتي مسئلا پيدا ٿين ٿا. هوائي غلاظت پيدا ٿيڻ سبب سموگ (ڌنڌ)، سوٽ (ڪاري دز)، رک، گيرٺ، تيزابي مينهن، عالمي تپش سميت زهريلا بخار خارج ٿين ٿا. ڪوئلي کوٽڻ، هڪ هنڌان ٻئي هنڌ نيئڻ ۽ ذخيري ڪرڻ سان زمين، پاڻي ۽ هوا گندي ٿيندي رهي ٿي. ڪوئلي تي هلندڙ ڪارخانا پاڻيءَ جا لکين لٽر استعمال ڪن ٿا ۽ جهنگلي جيوت کي بہ نقصان پهچائين ٿا. 500 ميگاواٽ بجلي پيدا ڪندڙ هڪ عام رواجي ڪارخانو ساليانو ڪوئلي جا 1.4 ملين ٽن ساڙي ٿو.

Coliform bacteria (ڪو.لي.فارم بئڪ.ٽي.ريا) ڪوليفارم بئڪٽيريا عام طور تي انساني ڪاڪوس/ڪرفتي ۽ ڪسين ۾ ٿئي ٿي ۽ پاڻي جي معيار جي علامت سمجهي وڃي ٿي. جيتوڻيڪ هيءَ بئڪٽيريا پاڻ بيماري پيدا ڪندڙ نٿي ٿئي پر پاڻي ۾ موجود ٻين (روڳي) بيمار ڪندڙن جيون جي نشاندهي ڪندڙ ٿي سگهي ٿي.

Commensalism (ڪم.مين.سل.ازم) هڪ اهڙو لاڳاپو جنهن ۾ هڪڙي جنس جو جانور، ٻيءَ جنس جي جانور کان ڪاڏو يا اجهو حاصل ڪري ۽ موٽ ۾ ڪيس نہ تہ ڪو ڇيهو رسائي ۽ نہ فائدو ڏئي.

Commercial waste (ڪم.مر.شل ويسٽ) ڪنهن ڌنڌي جي پيدا ٿيندڙ نهري غلاظت جنهن ۾ دڪانن، منڊين، آفيسن، هوٽلن، شاپنگ سينٽرن ۽ سئنيما گهرن سميت ٻي بہ ڪيتري اچي وڃي ٿي.

Commodity (ڪم.موڊِ.ٽي) وکر، وٿ، جنس، مال؛ ڪابہ اهڙي ملهائتي شئي يا

وڪر جيڪا خريد ڪجي يا وڪڻجي، عام طور تي ڪا پيداوار يا خام مال (ڪاٺي، ڪٽڪ، چانور، ڪافي، ڌاتو وغيره).

Community (ڪم.ميو.نٽي) برادري، راڄ، راڄ ڀاڳ، پنگت؛ ڪنهن هڪ وستي جا اهڙا سڀ رهواسي جيڪي پٽ برادريءَ ۾ هڪٻئي سان گڏ هجن. اهڙي وسندي کي پاڙو، سڄو واهڻ يا وستي به ٿي سگهي ٿي ته ڪن فردن جو گروهه به جهڙوڪ: هاري ناري، مائرون يا فرد جيڪي ساڳي مسجد، مندر ۽ چرچ ويندڙ هجن، سندن مفاد، گهرجون ۽ مسئلا ساڳيا هجن.

Community seed stewardship (ڪم.ميو.نٽي سيڊ اسٽي.ورڊ.شپ) جڏهن برادريون آئيندي لاءِ مختلف قسمن جا ٻج گڏ ڪن ۽ انهن جو رڪارڊ رکن.

Community-based organization/CBO (ڪم.ميو.نٽي بيس.ڊ آر.گي.ني.زي. شن يا سي.بي.او) برادرين جون اهڙيون تنظيمون جيڪي مقامي سطح تي ترقياتي ڪمن ۾ شامل ٿين ۽ سهائتا ڪن.

Compact/compaction (ڪام.پئڪٽ، ڪام.پئڪ.شن) ٻُٽيل، نهري گهاٽو؛ زمين کي ٻُٽي پيڪوڙي سخت ڪري ڇڏڻ جنهن جا ڪارڻ منجهانئس نامياتي مادن جو ضايع ٿي وڃڻ، تمام گهڻي آبپاشي ڪرڻ يا مٿس ماڻهن ۽ جانورن جو گهمندو يا موٽرگاڏين جو هلندو رهڻ آهي. پيڪوڙيل زمين، گهٽي هوا ۽ مٽي جهلي نٽي سگهي ۽ ڪاٽجي وڃي ٿي.

Companion planting (ڪم.پئنين پلان.ٽنگ) مختلف فصل گڏ پوکڻ ته جيئن صحتمند پوک ٿئي، جيتن جي مسئلي کي گهٽائي ۽ زمين جي غذائي جزن جو بهتر استعمال ڪري سگهجي.

Compost (ڪام.پوسٽ) وڻ ٻوٽا يا ٻرندڙ سڙندڙ گندڪچرو جنهن کي زمين ۾ موجود بئڪٽيريا/ساڻپا ٻاري ساڙي ياڻ ۾ مٽائي ڇڏين ٿا. اهڙو ياڻ زمين جي زرخيزي وڌائي ٿو.

Concentration (ڪن.سن.ٽري.شن) گهاٽائپ، ڳوڙهائپ؛ هڪ مادي جو

نسبتي مقدار جيڪو ڪنهن بئي مادي سان ملائجي.

**Condensation** (ڪن.ڊين.سي.شن) ڪنهن بخار يا گئس جو ترڻ يا پاڻيٺ ۾ مٽجي وڃڻ.

**Coniferous tree** (ڪو.ني.فيرس ٽِري) هن قسم جي وڻ جا پن ڊگها، ڇهنبيارا نوڪدار يا ننڍا تراڪڙا ٿين ٿا، ٻج خولن ۾ ٿين ٿا جڏهن انهن جا پڙدا ڦاٽن ٿا تہ ٻاهر نڪري اچن ٿا. ڪونيفيرس وڻ ڪي سدا بهار بہ سڏجي ٿو جو سڄو سال سرسبز رهي ٿو.

**Conservation** (ڪن.زر.وِ.شن) بچائڻ، سانڍڻ، بحالڻ؛ قدرتي وسيلن/ ماحول ڪي منجهس موجود وڻن ۽ جانورن سميت انهن جي معاشي ۽ سماجي فائدن ڪي ڊگهي عرصي تائين بچائڻ. صاف نديون، ڍنڍيون، ڍورا، جهنگ جهر ۽ رڻ، گوناگون جهنگلي جيوت، صحت مند زمين ۽ صاف هوا جهڙن قدرتي وسيلن ڪي ايندڙ نسلن لاءِ سانڍيٺو پوي ٿو.

**Constructed wetland** (ڪنس.ٽرڪ.ٽيڊ ويٽ.لئنڊ) اهڙا هٿرادو ويٽلئنڊ جيڪي قدرتي ويٽلئنڊ جي طرز تي ٺاهيا وڃن ۽ ڪني پاڻيءَ ڪي صاف ڪرڻ لاءِ استعمال ڪجن ڏسو Wetland.

**Consumer** (ڪن.زو.مر) واپرائيندڙ صارفُ، شيون استعمال يا خريد ڪندڙ.

**Consumption** (ڪن.زمپ.شن) کاپو، خرچ، شيون ۽ ذريعا خريدڻ ۽ استعمالڻ.

**Containment pond** (ڪن.ٽين.مينٽ پانڊ) اهڙو ڪڏو جنهن ۾ ڪاٽين ۽ ڪوٺائي جو گند ڪچرو گڏ ڪجي.

**Contaminant** (ڪن.ٽي.مينٽ) غليظ، ڪنو، گندو يا پليت ڪندڙ.

**Contamination** (ڪن.ٽيم.ي.ني.شن) اپوتر ٿائي، پليتائي؛ اهڙو عمل يا ڪم جنهن سبب ڪا شئي هاڃيڪار ٿي پوي يا استعمال ٿيڻ جوڳي نہ رهي.

**Contour barrier** (ڪن.ٽور بئر.يير) ڪاهي جهڙين هيٺ مٿاهين تي ٺهيل رڪاوٽون جيڪي پاڻي جي وهڪ ڪي ڍلو ڪن، پکيڙين ۽ زمين ۾ جذب ڪري ڪاڏ گهٽائين.

**Contour, contour line** (ڪن.ٽور، ڪن.ٽور لائين) ٽاڪرو يا لهواريون

هيٺ مٿاهيون جيڪي لهوارن هنڌن جون سڏايون ٿين.

**Convection** (ڪن. ويڪ. شن) گرم هوا جو مٿي ۽ ٿڌي هوا جو هيٺ لهڻ. جڏهن زمين جي مٿاڇري تي هوا گهڻي گرم ٿي وڃي ٿي تہ، چڙهي هلڪي ٿي مٿي هلي وڃي ٿي ۽ ان جي جاءِ ٿڌي ڳوري هوا والاري ٿي جيڪا وري گرم ٿي مٿي هلي وڃي ٿي. گرم هوا، وائي منڊل ۾ مٿي ٿڌي هنڌ تي رسڻ سان ٿڌي ٿي وڃي ٿي ۽ هيٺ گهلڻ لڳي ٿي، ڪنويڪشن سبب مقامي هوائون تيز گهلن ٿيون ۽ گجگوڙ سان طوفان لڳن ٿا.

**Convection current** (ڪن. ويڪ. شن ڪرنٽ) هوا جو لڳڻ، پاڻيءَ يا پاڻيٺ جو وهڻ. اصل ۾ اها پاڻيٺ جي هيٺ مٿي ٿيندڙ چرپر ٿئي ٿي جهڙوڪ: گرم هوا، ٿڌي هوا کان هلڪي ٿئي ٿي، جڏهن ٿڌي ۽ گرم هوا جا ڇوها پاڻ ۾ ملن ٿا تہ گرم هوا هلڪي هجڻ سبب ٿڌي هوا کان مٿي هلي وڃي ٿي. ورلي ايتري مٿي جو ٻيءَ هوا کان وڌيڪ ٿڌي ٿي وڃي ٿي جنهن سبب هيٺ گهلڻ لڳي ٿي، زمين جي گرمي سبب وري گرم ۽ هلڪي ٿي مٿي هلي وڃي ٿي. هوا جي اهڙي طرح گهلڻ کي ڪنويڪشن ڪرنٽ سڏجي ٿو. ساڳئي اصول هيٺ اوِن ۾ کاڌو پچي ٿو.

**Convention** (ڪن. وين. شن) ناهہ يا معاهدو.

**Corrosive** (ڪور. رو. سو) تيز، ساڙيندڙ ڳاريندڙ، هڪ اهڙو مادو جيڪو ٻين مادن کي ڪيميائي عمل رستي ڳاري ختم ڪري ڇڏي.

**Crop residue** (ڪراپ ريز. ي. ڊيو) فصل جي باقيات، لاباري کانپوءِ ڏانڊيون، پن، پاڙون ۽ اهڙو ٻيو مواد عام طور تي ڪامپوسٽ يا بايوماس ٻارڻ ناهڻ لاءِ استعمال ۾ اچي ٿو.

**Crop rotation** (ڪراپ روٽئي. شن) فصل جي واري وٽيءَ سان پوک ڪرڻ. هر سال مختلف قسمن جا فصل پوکڻ تہ جيئن زمين جي زرخيزي بهتر ٿئي ۽ برقرار رهي سگهي.

**Cutting** (ڪ. ٽنگ) قلم هڻڻ، جڏهن ڪنهن وڻ يا ٻوٽي جو قلم هڻي نئون ٻوٽو يا وڻ پيدا ڪجي.

**Cyanide** (سا.ءِ.نائيڊ) سائنائيڊ: سون جي ڪاڍڻ ۾ استعمال ٿيندڙ هڪ تمام زهريلو ڪيميائي وکر.

## D

**Data** (ڊي.ٽا) انگ اکر يا حقيقت جنهن مان نتيجو ڪڍي سگهجي. ڪنهن بہ معلومات، انگن اکرن، تفصيل، رڪارڊ يا حقيقتن کي ڊيٽا چئبو آهي.

**DDT** (ڊي.ڊي.ٽي) ڊائڪلورو.ڊاءِ.فينائيل.ٽرائڪلورو.ايٿين جو مخفف. جيتن مارڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ هڪ بي رنگ ۽ بي بوءِ زهريلو جٽادار نامياتي غلاظتي مادو. انسانن ۽ ماحول لاءِ انتهائي هاجيڪار ثابت ٿيو. بيحد استعمال ڪرڻ سبب هاڻي مليريا جي مڇر مارڻ لاءِ گهٽ اثرائتو ثابت ٿيو آهي. آمريڪا ۽ انگلينڊ ۾ ڊي ڊي ٽي جي استعمال تي بندش آهي.

**Decay** (ڊ.ڪي) سڪڻ، سڙڻ، ڳرڻ، ڪنو ٿيڻ؛ جانورن ۽ ٻوٽن جي باقيات قدرتي طور تي ڳري سڙي وڃي ٿي. وڌيڪ ڏسو **Decompose**

**Deciduous tree** (ڊي.سي.ڊ.وئس ٽري) اهڙو وڻ جيڪو سال جي هڪ حصي دوران پنهنجا سڀ پن ڇاڻي ڇڏي ورلي **broadleaf tree** يا **hardwood tree** جي نالي سان بہ سڏجي.

**Decompose** (ڊي.ڪم.پوز) جڏهن گرميءَ، جيتن ۽ بئڪٽيريا سبب جاندار شيون ڳرڻ سڙڻ لڳن. نباتاتي مادو ڳري سڙي سادن جزن، ڪمپوزٽ ۽ تيل ۾ مٽجي وڃي ٿو.

**Decomposer** (ڊي.ڪم.پوزر) اهڙا جاندار (بئڪٽيريا، فنجاءِ ۽ ڪينئان) جيڪي مئل، مردار ۽ ڪريل ٻوٽن ۽ جانورن جو ماس کائي ان کي هڪ اهڙي روپ (ڪيميائي يا مڪينڪي) ۾ مٽائي ڇڏين ٿا جيڪو ٻوٽا غذائي جزن طور ڪتب آڻين ٿا.

**Defoliation** (ڊي.فو.لي.ئي.شن) قدرتي پن ڇڻ.

**Deforestation** (ڊي.فار.يس.ٽي.شن) ٻيلا ڪٽي يا تباھ ڪري ڇڏڻ. جنهن سبب جانور مري وڃن، زمين جي کاڌ ٿئي ۽ آبهوائي تبديليون اچن ٿيون.

**Degradation** (ڊي.گرءَ.ڊءَ.شن) حيثيت يا معيار گهٽائڻ؛ ڪنهن شئي کي گهٽ

ڪارائتو گهٽ ڪمائتو بڻائڻ يا ان جي خوبصورتي گهٽائي ڇڏڻ. زمين يا ٻيلي جي ناجائز استعمال سان بگاڙ پيدا ٿئي ٿو ۽ انهن جو معيار گهٽجي وڃي ٿو.

**Dehydration** (ڊي.هاءِ.ڊرءَ.شن) سوڪهڙو. جڏهن جسم گهربل مقدار ۾ پاڻي حاصل ڪرڻ بجاءِ وڌيڪ ضايع ڪري ڇڏي، سوڪهڙو دستن جي بيماريءَ جي هڪ نشاني ۽ عام طور تي نالي ماتر صحت صفائي سان لاڳاپيل ٿئي ٿي. سوڪهڙو خاص طور تي ٻارڙن لاءِ تمام خطرناڪ ٿئي ٿو.

**Delta** (ڊيل.ٽا) ڪيٽي، دوآبو، ٽڪنڊو ٻيٽارو، درياءَ جي ڇوڙ وٽ وجود ۾ آيل ڪاڙين جو ٽڪنڊو علائقو. جڏهن درياهه، سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪرڻ کان اڳ ڪيترن ننڍڙن ننڍڙن وهڪرن ۾ ورهائجي وڃي ٿو تڏهن زمين جو اهو ٽڪرو، ٽڪنڊو روپ اختيار ڪري ٿو ۽ اتي لٽُ گڏ ٿيڻ لڳي ٿو. عام طور تي لٽ اهڙي هنڌ گڏ ٿئي ٿو جتي ڇولي يا تيز وهڪرو ان کي ايترو جلد ختم ڪري نٿو سگهي جيترو جلد گڏ ٿيندو رهي ٿو. ان سبب ڊيلٽا، ڪناري کان پري وجود ۾ اچي ٿو. ڊيلٽا جو اصطلاح، يوناني تاريخدان هيرادِٽس، نيل درياءَ جي ڇوڙ واري هنڌ / منهن ٻاري وٽ ٽڪنڊي صورت ۾ گڏ ٿيل لٽ لاءِ استعمال ڪيو. 1555 کانپوءِ انگريزي ۾ ۽ 1790 کان ٻين دريائن جي منهن ٻارن لاءِ عام استعمال ٿيڻ لڳو.

**Dengue fever** (ڊين.گي) مڇرن رستي پکڙجندڙ هڪ خطرناڪ وائرسي بيماري جيڪا اوچتو بخار ۽ سنڌن ۾ شديد سور ڪري ٿي.

**Desalination** (ڊي.سي.لي.ني.شن) ڪنهن به طريقي سان پاڻي مان واڌو لوڻ ۽ ٻي معدنيات ڪڍي تازي پاڻي ۾ مٽائڻ جيڪو جانورن جي استعمال ۽ آبپاشي لائق ٿئي ٿو. جڏهن منجهانئس مڪمل طور تي لوڻ ڪڍيو وڃي ٿو تڏهن انسان جي استعمال لاءِ ٿئي ٿو. ورلي ان جي باقيات مان ڪاڄرو لوڻ به ناهيو وڃي ٿو.

**Desertification** (ڊ.ي.زرٽ.ي.في.ڪي.شن) بنجرجڻ، بيابانجڻ. اهڙو عمل جنهن سان ڪو علائقو مٽيءَ ۽ ساوڪ جي تباهه ٿيڻ ڪري وڌيڪ بنجر بڻجي وڃي.

**Detoxify** (ڊي.ٽاڪس.ي.فاءِ) زهر کان صاف ڪرڻ، ڪنهن مادي مان زهريلا وڪر

يا خاصيتون ختم ڪري ڇڏڻ.

**Development** (ڊي.ول.پ.مينٽ) ترقي، واڌارو؛ هڪ اهڙو عمل جنهن سان ڪا شئي اڳتي وڌي، منجهس سڌارو ۽ واڌارو ٿئي.

**Dewlap** (ڊيو.ليپ) گگهه، ڪمرُ؛ جانورن جي ڳچيءَ وٽان ڦلهڙي، لڙڪندڙ چمڙي.

**Diarrhoea** (ڊاءِ.ريا) دست، گهمرا، پيچش؛ پاڻيءَ جهڙو پترو هر هر وهندڙ ڪاڪوس. عام طور تي دستن جي بيماري ڪني پاڻي پيئڻ ۽ صحت صفائي نه هجڻ سبب ٿئي ٿي.

**Dilute** (ڊاءِ.ليوٽ) ڇِنڙو ڪرڻ، پاڻي يا ڪابه پاڻيٺي شئي ملائي ڇڊو/ ڪمزور ڪرڻ.

**Dioxin** (ڊاءِ.آڪ.سن) پلاسٽڪ جي سڙڻ سان منجهانئس هڪ انتهائي هاڃيڪار ڪيميائي مادن جو هڪ گروهه ڊاءِ آڪسن نالي خارج ٿئي ٿو جيڪي اصل ۾ جٽاءدار نامياتي غلاظتي مادا آهن (POPs).

**Discharge** (ڊس.چارج) ڪنهن به غلاظت (پاڻيٺ، گئس يا ڪنهن ٻئي مادي) کي پيدا ٿيندڙ هنڌ کان وهائي ڇڏڻ.

**Disinfect/disinfection** (ڊس.ان.فيڪٽ/ڊس.ان.فيڪ.شن) اروڳڻ، صاف ڪرڻ؛ ڪنهن شئي (پاڻي، ڦٽ، اوزار ۽ سامان وغيره) کي جيوڙن کان صاف ڪرڻ ته جيئن ان جا جيوڙا مري وڃن ۽ بيماري پکيڙي نه سگهن.

**Disposable** (ڊس.پوز.ئبل) اهڙي شئي جيڪا هڪ ڀيري جي استعمال ڪانپوءِ ضايع ڪري ڇڏجي.

**Dissolved oxygen** (ڊز.زالوڊ آڪسيجن) پاڻيءَ ۾ ڳريل آڪسيجن جيڪا آبي جيوت، ساهه کڻڻ لاءِ استعمال ڪري.

**Diurnal** (ڊا.ير.نل) ڏينهوڙا، ڏينهن دوران چست زندگي گذاريندڙ.

**Diversity** (ڊاءِ.ور.سٽي) گوناگونيت، انيڪتا، قسمين قسمين؛ انيڪ قسمن جي ماڻهن، جانورن، ٻوٽن يا ٻين شين جو هجڻ. وڌيڪ ڏسو Biodiversity

**Dormant** (ڊار.مينٽ) غيرفعال، ستل يا جھڙوڪ ستل ھجڻ، بي حرڪت، بيڪار.

**Dose response** (ڊوز ر.سپانس) ڪو جاندار ڪنھن زھريلي مادي جي مقدار متجڻ سان انجي ڪھڙي موٽ ڏئي ٿو مثال طور: ڪاربان مونو آڪسائيڊ جو ٿورڙو وزن غشي جو سبب تہ وڏو وزن موتمار ٿي سگھي ٿو.

**Down cycling** (ڊائون سائي.ڪ.لنگ) جڏھن گندڪچري يا بيڪار مادن مان اھڙيون شيون ٺاھجن، جيڪي اصل شين کان گھٽ معياري ۽ گھٽ استعمال جوڳيون ھجن جھڙوڪ: اعليٰ قسم جي پلاسٽڪ مان گھٽ درجي جي پلاسٽڪ. اپسائيڪلنگ (upcycling) جي ابتڙ، جنھن ۾ بيڪار مادن مان ٺھندڙ شيون اصل شين کان بہ اعليٰ ھجن ٿيون.

**Drainage** (ڊرئن.ايج) پاڻيءَ نيڪال موريون، نيڪاس: ڪنھن ھنڌ تان پاڻي نيئڻ يا ڄر ۾ سمي وڃڻ.

**Drought** (ڊرائوٽ) سوڪِ، سوڪھڙو، اوسَرُ، اٽاٽ، اٽوٽ، خشڪسالي. ھڪ ڊگھي عرصي تائين خشڪ رھندڙ موسم. خشڪ سالي انساني يا قدرتي سببن ڪري بہ ٿي سگھي ٿي.

**Drug resistance** (ڊرگ ري.زسٽ.ئنس) جڏھن ڪي دوائون ڪنھن بيماريءَ لاءِ اثرائتيون نہ رھن.

**Dump** (ڊمپ) اھڙو زميني ٽڪرو جتي ماحول جي صحت صفائيءَ جو خيال ڪرڻ بنا گندڪچرو بي ترتيبيءَ سان ڦٽو ڪيو يا اڇلايو وڃي.

## E

**Earth** (ارٿ) ڌرتي، زمين، زميني گرهُ جنهن تي انسان ۽ جانور رهن ۽ ٻوٽا ٿين ٿا.

**Earth system** (ارٿ سسٽم) زميني سرشتو، ڌرتيءَ کي هڪ اهڙو يڪ وجودي/متحده سرشتو سڏجي ٿو جنهن جا جابلو منڊل (geosphere)، وايو منڊل (atmosphere)، آبي منڊل (hydrosphere) ۽ جاندار منڊل (biosphere) اٽٽٽ ۽ هڪ ٻئي تي اثرانداز ٿيندڙ حصا آهن. جابلو منڊل ۾ ڌرتي جي مٿاڇري تي موجود سيئي طبعي عنصر، ان جو ٻاهريون تهه ۽ اندرين جوڙجڪ اچي وڃي ٿي. جن ۾ ڪنڊن جي چرپر، ٻرندڙ جبلن جو ڦاٽڻ ۽ زلزلن جهڙيون سرگرميون ٿين ٿيون. وايومنڊل، زمين جي گولي کي چوگرد گهيريل گئسن جو هڪ سنهو تهه يا هوا جو غلاف ٿئي ٿو جنهن ۾ هوائون لڳن، موسمون پيدا ٿين ۽ جاندارن ۽ ماحول وچ ۾ گئسن جي مٽاسٽا ٿيندي رهي ٿي. آبي منڊل ۾ زمين تي يا مٿاڇري ويجهو پاڻي آبي بخارن، برفاني چوٽين، گنجن/برفاني ڇپن /گليشيئرن، سمنڊن، دريائن، ڍنڍن ڍورن ۽ جر جي صورت ۾ موجود ٿئي ٿو، درياءَ وهندا، پاڻي بخار ٿيندو ۽ وسڪارو ٿيندو رهي ٿو. جاندار منڊل ۾ ڌرتي جو ڏن ۽ گوناگون جيوت اچي وڃي ٿي جنهن ۾ زندگي ۽ موت، ارتقا ۽ فنا ٿيڻ جهڙا لقاءَ ٿيندا رهن ٿا.

**Echolocation** (اڪ.و.لو.ڪي.شن) ٻلهڻ ۽ چمڙي جهڙن جانورن جي شڪار ڪرڻ ۽ ترڻ جو طريقو جنهن لاءِ اهي تمام تيز آوازي لهرون پيدا ڪن ٿا ۽ اهي جڏهن جسمن سان لڳي واپس اچن ٿيون ته، ان مان ان جسم جي طرف، ڊول، بناوت وغيره جو اندازو لڳائين ٿا. جڏهن ته انسان ان بجاءِ اليڪٽرانڪ طريقو استعمال ڪن ٿا جنهن کي سونار (sonar) سڏجي ٿو.

**Eco-** (اڪو-) ماحول سان واسطو رکندڙ يوناني لفظ. جنهن جي معنيٰ گهر يا ماحول آهي. لفظي اڳياڙي.

**Ecoclimate** (اڪ.و.ڪلا.ئي.ميٽ) ڪنهن مخصوص ايراضي، ماڳ يا جوءِ جي آبهوا.

Eco-friendly (اڪو- فرينڊلي) ماحول-دوست؛ ڪو بہ ڪم اهڙي طرح سان ڪرڻ تہ جيئن ماحول کي گهٽ ۾ گهٽ يا نہ جهڙو ڇيهو رسي.

Ecological (اِ.ڪا.لا.جي.ڪل) ماحولي، ماحولياتي؛ جڏهن ڪا شئي ماحول لاءِ ڪارائتي هجي يا ڪنهن قدرتي سرشتي جيان ردعمل ڪري تہ ماحولياتي سڏجي ٿي، ماحول کي بچائڻ لاءِ ڪم ڪرڻ.

Ecology (اِ.ڪا.لا.جي) جاندار شين (جانورن، ٻوٽن ۽ انسانن) ۽ انهن جي ماحول جو سائنسي ابياس، ماحولي سرشتن جو ابياس.

Economic development (ا.ڪا.نامڪ ڊو.لپ.مينٽ) ڪنهن خطي يا ملڪ جي معاشيات وڌائڻ جهڙوڪ: معاشي مشغولين کي زور وٺائڻ، هنري ڪمن کي هٿي ڏيڻ ۽ نوڪريون پيدا ڪرڻ.

Ecosystem (اڪ.وسس.ٽم) ماحولي سرشتو. جاندار ۽ انهن جي ماحول جو سرشتو. ڌرتي هڪ وڏو ماحولي سرشتو آهي جنهن ۾ ٻيا ڪيترائي ننڍا ننڍا سرشتا جهڙوڪ: جبل، جهنگ، جهر، بر، بحر، ڍنڍون ڍورا، درياءَ اچي وڃن ٿا.

Ecotourism (ا.ڪو.ٽوئر.زم) ماحولي سياحت؛ سياحن/سيلانين کي ماحول کي ڇيهي رسائڻ کانسواءِ ڪنهن ماڳ جي قدرتي سونهن/ حسين قدرتي نظارا ڏيکاري آمدنيءَ جون رٿائون هلائڻ (جهڙوڪ: ڪيمپون هڻڻ، هائيڪنگ / قدرتي دلڪش ماحول ۾ پنڌ ڪرڻ، گهوڙي سواري ڪرڻ ۽ جهنگلي جيوت ڏسڻ).

Ecozone (اڪو.زون) درجيبندي جي لحاظ کان ماحول جا اهڙا مختلف حصا جن جي جاگرافي، ساوڪ ۽ جانورن جي زندگي ساڳي قسم جي هجي.

Effluent (اف.فلو.ينٽ) ڪنهن ڪسِي يا ڪارخاني مان خارج ٿيندڙ غليظ يا ڪنو پاڻي.

E-flows (اِي.فلوز) انوائرنمينٽل فلوز جو مخفف. ماحولياتي وهڪرا؛ تازي پاڻيءَ جي وهڪرن جو ايترو معياري، مقداري ۽ وقتائتو هجڻ جنهن سان آبي ماحولي سرشتا روان دوان رهن، انهن جا مختلف حصا زنده رهن، قدرتي طور ڪارج پورو ڪندا پاڻيرا ٿيندا رهن ۽ محتاج وسندين ۽ سرشتن جون شيوائون بہ ڪري سگهن.

El Niño (ايل.ني.نيو) ڏکڻ آمريڪا جي الهندي ڪناري سان سامونڊي گرم پاڻيءَ جو هر چند سالن کانپوءِ ٿيندڙ غير معمولي چاڙهه سبب دنيا جي ڪيترن هنڌن تي غير رواجي موسمي تبديلين جو پيدا ٿيڻ. جيئن تہ اهڙي صورتحال ڪرسمس جي ڏينهن جي ويجهو ٿئي ٿي ان سبب ان کي ”ايل نينيو“ سڏجي ٿو (اسپيني ٻوليءَ ۾ ايل نينيو جي معنيٰ ”ڇوڪر“ جي آهي جنهن کي ان حوالي سان ”ٻالڪ عيسيٰ“ سڏجي ٿو). جڏهن ايل نينيو جون حالتون ڪيترن مهينن تائين هلن تڏهن سمنڊ جي تمام گهڻي گرمي پيدا ٿئي ٿي ۽ معاشي حالتون ڀيانڪ ٿي وڃن ٿيون. آمريڪا جي گهم ۽ يخ سيارو، ڏکڻ آمريڪا ۽ يورپ جي خشڪي ۽ گرم اونهارو ۽ آفريڪا جي خشڪ سالي ايل نينيو سان لاڳاپيل ٿئي ٿي.

Emergency Broadcasting System (ا.مر.جين.سي براڊڪاسٽنگ سس.ٽم) عوام کي هنگامي حالتن ۾ احتياطي اپاءَ وٺڻ لاءِ آگاهه ڪرڻ. اهڙي آگاهي مقامي ريڊيو ۽ ٽي.وي اسٽيشنون ڏين ٿيون.

Emission (ا.مي.شن) نيڪال، اخراج؛ ڪنهن مادي کي ماحول ۾ نيڪال يا خارج ڪرڻ جهڙوڪ: ڪار جو دونهون ۽ هوا ۾ گئس يا دز.

Emission standards (ا.مي.شن اسٽين.ڊرڊس) سرڪار جا مقرر ڪيل معيار تہ غلاظتي مادن جو ڪيترو مقدار ماحول (هوا) ۾ خارج ڪرڻو آهي.

Emphysema (ام.في.سي.ما) سگريٽ ڇڪڻ، ڪاٺين ڪوئلن ۽ هوا جي غلاظت سبب ٿيندڙ ڦڦڙن جي هڪ سنگين بيماري.

Endangered (ان.ڊين.جرڊ) ناس ٿيڻ/ ناپيد ٿيڻ جي خطري ۾؛ اهڙا ٻوٽا ۽ جانور جيڪي ماحول ۾ ايندڙ انساني يا قدرتي تبديلين سبب ناپيد ٿيڻ جي خطري ۾ هجن.

Endemic species (اين.ڊمڪ اسپي.شيز) مقامي جنسون؛ اهڙا ٻوٽا ۽ جانور جيڪي رڳو مخصوص ماڳ/ جوءِ ۾ ٿين.

Endothermic (اين.ڊو.ٿر.مڪ) 1. ٿڌائتن ۽ پکين جهڙا جانور جيڪي پنهنجي ماحول جي گرمي پد کان بي نياز پنهنجي جسم جو هڪ مخصوص گرمي پد قائم رکن

تا 2. گرم رت وارا (warm blooded) جانور 3. گرمي جذب ٿيڻ جو ڪيميائي عمل.

**Energy recovery** (ان.ر.جي ر.ڪو.ر.ي) ڪنهن غلاظت مان مختلف طريقن (جهڙوڪ ساڙڻ) سان توانائي حاصل ڪرڻ. ڪيترا جديد انسينريٽر غلاظت مان توانائي حاصل ڪن ٿا.

**Environment** (ان.واءِ.رن.مينٽ) ماحول، آسپاس، پسگردائي؛ اهي سڀ طبعي، ڪيميائي ۽ حياتياتي حالتون جن جي اثر هيٺ ڪو جاندار رهي ٿو.

**Environmental** (ان.واءِ.رن.مين.ٽل) ماحولياتي، ماحول سان لاڳاپيل.

**Environmental accounting** (ان.واءِ.رن.مين.ٽل اڪ.ڪائونٽ.نگ) ماحولياتي ليکو. ڪنهن پيداوار يا سرگرمي تي ايندڙ خرچ ۽ ان جا پيدا ٿيندڙ سٺا ۽ خراب نتيجا جهڙوڪ: ماحول ۽ ماڻهن جي صحت، صحت ۽ معاشيات تي پوندڙ اثرن سميت ان تي ايندڙ سڄي لاڳت جو ليکو.

**Environmental audit** (ان.واءِ.رن.مين.ٽل آڊٽ) ماحولياتي ڇنڊڇاڻ يا ڇڪاس؛ ڪنهن تنظيم جي تفصيلي ڇنڊڇاڻ ڪري ڏسڻ تہ اها قانون پٽاندڙ ڪم ڪري، ماحولياتي رٿائن مطابق هلي ۽ ماحول جي اصولن هيٺ پنهنجو سرشتو هلائي ٿي. اهڙي آڊٽ مان تنظيم کي پنهنجين رٿائن ۽ انتظام ڪاري سڌارڻ ۾ مدد ملي ٿي.

**Environmental development** (ان.واءِ.رن.مين.ٽل ڊو.لپ.مينٽ) ماحولياتي ترقي؛ ماحول جي ترقيءَ، سڌاري ۽ واڌاري لاءِ ماحولياتي رٿائون هلائڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ.

**Environmental equity** (اين.واءِ.رن.مين.ٽل ايڪ.وءَ.ٽي) ماحولياتي مساوات؛ فردن، گروهن يا برادرين کي رنگ، نسل، قوم، مذهب يا معاشي ننڍ وڏائپ کانسواءِ ماحولي خطرن ۽ هاڃن کان هڪجهڙو تحفظ ڏيڻ.

**Environmental governance** (ان.واءِ.رن.مين.ٽل گو.رن.نس) ماحولياتي حڪمراني؛ حڪومت جو فرض تہ اها ماحول جو هاڃن ۽ آئيندي لاءِ پنهنجي نگرانيءَ، انتظام ۽ قانون سازيءَ رستي بچاءُ ڪري.

Environmental Impact Assessment (EIA) (ان.واۂ.رن.مين.ٽل امر.پئڪٽ ا.سيس .مينٽ يا اِي.آۂ.آي) هڪ اهڙو ماحولياتي اڀياس جنهن رستي اڳواٽ ڄاڻ رکي سگهجي ٿي ته ڪنهن رٿا جهڙوڪ: ڪنهن عمارت اڏڻ، روڊ ٺاهڻ، ڪارخاني هڻڻ، کاڻ کوٽڻ، يا ڊئم جوڙڻ سان آسپاس ۾ ڪهڙيون ماحولي تبديليون اچي ۽ اثر پيدا ٿي سگهن ٿا. اِي.آۂ.آي رستي مقامي اختيارين کي اهو فيصلو ڪرڻ ۾ سهولت ٿئي ٿي ته هو ڪنهن زمين جي ٽڪري کي رهائشي مقصدن لاۂ استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏين يا نه.

Environmental justice (ان.واۂ.رن.مين.ٽل جس.ٽس) ماحولياتي انصاف: هر انسان سان بنا رنگ، نسل، قوم، مذهب، آمدني، تعليمي مت ڀيد جي ماحولياتي ترقي، قانونن، قاعدن ۽ رٿائن جي نافذ ڪرڻ ۾ داد ڪرڻ. جنهن جو اهو مقصد به آهي ته آدمشماري جي ڪنهن حصي کي سياسي يا معاشي هيٺاڀ سبب غلاظت جي ناڪاري اثر سهڻ لاۂ مجبور نه ڪرڻ.

Environmental law (ان.واۂ.رن.مين.ٽل لا) ماحولياتي قانون: اهڙا ملڪي ۽ رياستي قاعدا قانون جن جو مقصد ماحول، جهنگلي جيوت، زمين، ڏرتي جي سونهن سوڀيا جي سانڀ ڪرڻ، غلاظت روڪڻ، ٻيلن جي ناجائز واڍي روڪڻ، خطري ۾ رهندڙ جاندار جنسن کي بچائڻ، پاڻي جو تحفظ ڪرڻ ۽ هاڃيڪار مشغولين کي روڪڻ هجي. عام طور تي اهڙا قانون، فردن ۽ ٽولن کي قانوني قدمن کڻڻ يا ڪورٽ رستي انهن جي بچاءَ ڪرڻ جا موقعا ڏين ٿا يا ڪنهن به اهڙي خانگي يا سرڪاري مشغولين روڪڻ لاۂ ان ۾ سڏارا آڻڻ لاۂ گهُر ڪري سگهن ٿا ته جيئن، ماحول تي هاڃيڪار اثر پئجي نه سگهن.

Environmental management (ان.واۂ.رن.مين.ٽل مين.يج.مينٽ) اها پڪ ڪرڻ ته ماحول جي سيني خدشن کي ترقياتي رٿائن جي هر مرحلي ۾ شامل ڪيو ويو آهي ته جيئن پائدار ترقي ٿي سگهي.

Environmental Management System (ان.واۂ.رن.مين.ٽل مين. يج.

مينٽ سس.ٽم) ماحولياتي سرشتو يا نظام؛ ڪنهن علائقي جي ماحول جي سنڀال لهڻ لاءِ بنيادي جوڙجڪ، رٿائون ۽ طريقيڪار تيار ڪرڻ.

**Environmental policy** (ان.واءِ.رن.مين.ٽل پال.ي.سي) ماحولياتي رٿا؛ ماحول جي سنڀال لهڻ ۽ بچاءَ لاءِ رهنمائي ۽ قانون.

**Environmental sustainability** (ان.واءِ.رن.مين.ٽل سس.ٽين.ا.بلي.ٽي) ماحولياتي بقاداري؛ ماحول جي اهڙي پائداريءَ ۽ ذميواريءَ سان سنڀال لهڻ ته جيئن ان کي ايندڙ نسلن لاءِ به صحت مند رکي سگهجي.

**Environmentalist** (ان.واءِ.رن.مين.ٽل.سٽ) ماحولياتي ماهر، ماحول-دوست، ماحول جي حفاظت ڪندڙ، ماحوليات محافظ.

**Environmentally** (ان.واءِ.رن.مين.ٽل.لي) ماحول سان لاڳاپيل يا ان کي متاثر ڪندڙ.

**Environmentally friendly** (ان.واءِ.رن.مين.ٽل.لي فرينڊ.لي) ماحول-دوست؛ اهڙي طرح سان رٿڻ، ڪرڻ يا سوچڻ جنهن سان قدرتي ماحول کي نقصان نه پهچي.

**Environmentally sensitive area** (ان.واءِ.رن.مين.ٽل.لي سين.سي.ٽو اير.يا) ماحولياتي حساس ماڳ؛ ڪو اهڙو ماڳ يا هنڌ جتي قدرتي ماحول کي سولائي سان ڇيهو رسي سگهي.

**Epidemic** (اپي.ڊيم.ڪ) وبائي مرض، مَري، وبا؛ اهڙي بيماري جيڪا هڪ فرد کان ٻئي فرد تائين جهٽ پکڙجي هڪ ئي وقت گهڻن کي بيمار ڪري وجهي.

**Equator** (ا.ڪوئي.ٽر) خط استوا؛ اهڙي خيالي ليڪ جيڪا ڌرتي جي اترئين اڌ کي ڏاکڻي اڌ کان الڳ ڪري ٿي.

**Equinox** (ا.ڪو.ناڪس) وِسُو ڏينهن ۽ رات جي برابري؛ جڏهن سج خط استوا مان ٽپندو هجي ۽ ڏينهن ۽ رات هڪ جيترا ٿيندا هجن. ائين سال ۾ ٻه ڀيرا، مارچ 21 (spring equinox) ۽ سيپٽيمبر 22 (autumnal equinox) تي ٿئي ٿو.

**Erosion** (ا.رو.زن) پائڻ، ڪاٽ، جڏهن زمين جو مٿاڇرو ۽ پٿر هوا، پاڻيءَ ۽ برفاني ڇپن /گليشيرن رستي ڳري گسي وڃن.

**Estuary** (ايس.چو.ا.ري) منهن ٻارو. ڪاري - مٺي پاڻيءَ جو سنڌو. اهڙو هنڌ جتي درياءُ سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. اهڙي هنڌ جو پاڻي ٻاڙي، مٺي ۽ ڪاري جو ميلاپ ٿئي ٿو. درياءَ ۽ سامونڊي ڪناري ويجهو هڪ اهڙو پيچيده ماحولي سرشتو جتي مٺو ۽ ڪارو پاڻي ملندو رهي ٿو ڪاري پاڻي جي ذريعن ۾ اُپسمنڊ (bay)، منهن ٻارا ( mouths of river)، سَن (salt marsh)، ويٽلئنڊ (wetland) ۽ ڪاريون ڍنڍون (lagoon) اچي وڃن ٿيون جن تي لهرن ۽ وهڪرن جو اثر ٿيندو رهي ٿو. ڪو بہ منهن ٻارو/ درياءَ جي ڇوڙ وارو هنڌ سامونڊي جانورن، پکين ۽ جهنگلي جيوت لاءِ شاهوڪار ۽ تمام ڪارائتو ماڳ ٿئي ٿو.

**Ethanol** (اٿ.نو.ل) الڪوحل، هڪ قسم جو بايوفيول جيڪو پيٽرول سان ملائجي ٿو ڪيترن فصلن جهڙوڪ: پٽاٽن، مڪئي ۽ ڪمند مان ناهي سگهجي ٿو.

**Eutrophication** (يو.ٽرو.في.ڪي.شن) ڍنڍ جو ڪنو ٿيڻ، ڪنهن ڍنڍ يا پاڻيءَ ۾ جانورن جي غلاظت، ڀاڻ ۽ ڪسين جي پاڻيءَ جي پوندي رهڻ سبب ڪن غذائي جزن (فاسفيٽ يا نائٽريٽ) جي گهڻي مقدار ۾ گڏ ٿيڻ ڪري ساوڪ (سينورا) جي حد کان وڌيڪ واڌ ٿيڻ، جذب ٿيل آڪسيجن جو گهٽجڻ ۽ ٻين جاندارن جو ناس ٿيڻ.

**Evaporation** (ا.وي.پو.رءَ.شن) ڪافورجڻ، ٻُخارجڻ، جڏهن پاڻي گئس ۾ مٽجي يا هوا ۾ خشڪ ٿي وڃي.

**Evergreen** (اي.ور.گرين) سدا بهار، سدا سائو. اهڙو ٻوٽو جيڪو ڪنهن بہ وقت ۾ پنهنجا سڀ پن نہ ڇاڻي.

**E-waste** (اِي-ويسٽ) اِي ويسٽ ڪي اليڪٽرانڪ ويسٽ (electronic waste) يا اِي اسڪريپ (e-scrape) بہ سڏجي جنهن ۾ پراڻا يا بيڪار اليڪٽرانڪ رانديڪا، ريفريجريٽر، ڪمپيوٽر، موبائيل، ٽي.وي وغيره جا ڪيترا حصا، پرزا، ٽامون، اسٽيل، پلاسٽڪ، ڪيٿوڊ ري ٽيوب وغيره ڪڏي وري استعمال ۽ ٻيهر ورڪرو

ڪيا وڃن ٿا. غير سائنسي طريقن سان اهڙين شين جي ڪيڙڻ، مرمت ڪرڻ يا نيڪال ڪرڻ سان انساني صحت لاءِ انتهائي هاڃيڪار ٿين ٿا. ٿين دنيا ۾ اِي ويسٽ جو وڏو ڏنڊو ڪيو وڃي ٿو.

**Excess** (ايڪ.سس) گهڻ، گهٽائي، ڪثرت؛ ڪنهن شئي جو حد کان وڌيڪ هجڻ جهڙوڪ غلاظت يا ڪچرو.

**Exemption** (اگز.يمپ.شن) ڇوٽ، معافي؛ خاص پرمٽ/اجازت جنهن هيٺ ڪن گهرجن کان آجو ڪيو ويو هجي.

**Exoskeleton** (اڪس.و.اسڪيل.ي.ٽن) ڪن جيتن ۽ ڪرسٽيشينس (ڪيڪڙن، جهينگن) جو ٻاهريون سخت، بچاءُ ۽ سهائتا ڏيندڙ ڍانچو.

**Exosphere** (ايڪس.و.اسفيئر) ڏسو Atmosphere

**Exotic plant or tree** (اگ.زا.ٽڪ پلانٽ آر ٽري) غير، ڌاريو ٻاهريون، غير مقامي؛ اهڙو ٻوٽو يا وڻ جيڪو مقامي نہ هجي.

**Exploit** (ايڪس.پُلائٽ) غير واجبي فائدو استحصال؛ صحت جي ڳڻن فائدن کي نظرانداز ڪندي ڪمائڻ.

**Export** (ايڪس.پورٽ) روانگي واپار؛ ڪنهن ٻئي ملڪ ڏانهن مال، سامان يا خدمتون واپار ڪرڻ، وڪڻڻ يا ڪمائڻ لاءِ موڪلڻ.

**Exposure** (ايڪس.پو.زر) واڪو ٿيڻ؛ جڏهن ڪو فرد ڪنهن شئي سان لاڳاپي ۾ اچي. ماڻهو جيتمار دوائن ۽ اهڙن ٻين ڪيميائي مادن سان ساهہ رستي کڻڻ، ڳهڻ ۽ ڇهڻ رستي لاڳاپي ۾ اچن ٿا.

**Extinct** (ايڪس.ٽنڪٽ) ختم، فنا ٿي ويل؛ جڏهن ڪو جانور يا ٻوٽو هن ڌرتي جي ڪنهن بہ هنڌ تي موجود نہ رهيو هجي.

## F

**Fair trade** (فيئر. ٽريڊ) مناسب واپار، اهڙي مناسب/واجبي اگهه تي شيون خريدڻ ۽ وڪڻڻ جيڪي خريد ۽ وڪرو ڪندڙ ٻنهي لاءِ جائز هجن. فيئر ٽريڊ سان اسرندڙ ملڪن ۾ غربت گهٽجي، ماحول لاءِ بهتري ٿئي، اپائيندڙن کي سٺو اجورو ملي ٿو ته خريد ڪندڙن کي معياري شيون ملن ٿيون.

**Fair trade certification** (فيئر. ٽريڊ سر. ٽي. ف. ڪي. شن) خريد ڪندڙن کي اها ڄاڻ ڏيڻ ته اهڙين شيون پيدا ڪرڻ لاءِ پورهئي جا جائز طريقا ڪتب آندا ويا آهن جنهن سان اهڙي پيداوار جو سٺو اگهه ملي ٿو ۽ قيمت پائدار رهي ٿي وڌيڪ ڏسو Certification

**Farmer field school** (فار. مر فيلڊ اسڪول) اهڙا سکيائي پروگرام جيڪي آبادگارن کي پنهنجا مسئلا پاڻ حل ڪرڻ ۾ مدد ڪن ۽ اهي ٻين آبادگارن سان ونڊين.

**Ferment** (فر. مينٽ) خميرجڻ، جڏهن ڪاٺ ۽ ٻيون نامياتي شيون ڳري ڪٽيون ٿي وڃن، جنهن جو سبب بئڪٽيريا جو انهن شين ۾ داخل ٿي ڪين مٽائي ڇڏڻ آهي.

**Fertile, fertility** (فر. ٽائيل، فر. ٽل. ٽي) زرخيز، اُپٽائتي، ڦلائتي، ڦلي، زمين ڪيترو سٺو فصل اپائي ٿي يا جانور ۽ ماڻهو پيدائش ڪن ٿا.

**Fertilizer** (فر. ٽي. لاءِ. زر) ڀاڻ، اهڙو مادو جنهن جي استعمال سان زمين وڌيڪ زرخيز ٿئي ۽ گهٽي اپت ڏئي ٿي. ڀاڻ مصنوعي ۽ ڪيميائي ته قدرتي جهڙوڪ ڇيڻو به ٿئي ٿو.

**Filter feeder** (فل. ٽر فيڊ. ر) اهڙا آبي جانور جيڪي پاڻي ڇاڻي منجهس موجود غذائي جزا ۽ ننڍڙا جانور کائين ٿا. سپيون، ڪوڏ ۽ مرجان فلٽر فيڊر آهن ۽ ائين پاڻيءَ کي ڇاڻي صاف رکڻ ۾ مددگار ٿين ٿا. بئلين وَيل (baleen whale) ڪيتري ننڍي مڇي ۽ ڪرل (جهينگي جهڙو ننڍڙو جيو) ڇاڻي غذا کائين ٿيون.

**Fjord** (فيوڊ) هڪ اهڙو سامونڊي ڏگهو ۽ سنهو حصو جيڪو اُڪپرين وچم ٿئي.

**Flock** (فلاڪ) ولر، ڌڻ، سگر، وڳر، جانورن جي ٽولي.

**Flood plains** (فلڊ پلينس) ڪچو، درياءَ سان لڳ اهڙا تراڪڙا هنڌ جتي ٻوڏ دوران لَٽ رهجي وڃي ٿو.

**Flora and fauna** (فلو.را اينڊ فا.نا) نباتات ۽ حيوانات، مخصوص خطي يا وقت ۾ ٿيندڙ مقامي جانور ۽ ٻوٽا.

**Food chain** (فوڊ چين) غذائي زنجير، غذائي زنجير مان خبر پوي ٿي ته ڪيئن ڪو جاندار پنهنجي لاءِ کاڌو حاصل ڪري ٿو. غذائي زنجير جي شروعات هميشه هڪ ٻوٽي کان ٿئي ۽ انت هڪ جانور تي ٿئي ٿو (جهڙوڪ: ماڪڙ جوئر يا مکئي کائي ٿي، ڪوئو ماڪڙ کائي ٿو ۽ ڪوئي کي باز کائي ٿو) يا جاندارن جو هڪٻئي جو محتاج هجڻ ته ڪيئن نه هڪ جاندار ٻئي کي کائي زنده رهي سگهي ٿو.

**Food miles** (فوڊ مائيل.س) اناج يا کاڌي جو اُپائجندڙ هنڌ کان آخر ۾ وڪامجندڙ هنڌ يا استعمال ڪندڙ فرد تائين سفر.

**Food pyramid** (فوڊ پير.ا.مڊ) غذائي ٽڪنڊو، ماحولي سرشتي ۾ غذائي زنجير جي ٽڪنڊي/اهرامي ترتيب/تسلسل جنهن ۾ وڏو شڪاري مٿاهين سطح تي ته باقي شڪارين جي سطح جيئن پوءِ هيٺاهين ٿيندي وڃي ٿي جنهن ۾ ساوا ٻوٽا تري ۾ ٿين ٿا، هر مٿين سطح جو جاندار هيٺين سطح جي جاندار جو شڪار ڪري ٿو (چوٽي: وڏي مڇي ننڍيءَ مڇيءَ کي کائي ٿي).

**Food safety** (فوڊ سيف.ٽي) جڏهن کاڌو غذائيت سان ڀرپور ۽ ڪنهن به زهريلي يا هاڃيڪار مادي کان پاڪ صاف هجي.

**Food security** (فوڊ سي.ڪيو.ري.ٽي) کاڌي جي ضمانت، جنهن تحت هر فرد کي سڄو سال کائڻ لاءِ جهجهو سنو طاقتور ۽ صحيح کاڌو ملندو رهي ته جيئن چست ۽ تندرست زندگي گذاري سگهجي. کاڌي جي ضمانت جو مطلب کاڌو اهڙي طريقي سان اپائڻ ۽ ورهائڻ آهي جنهن سان هڪ صحتمند ماحول قائم، برادريءَ ۾ اعتماد، ماڻهن ۽ راڄ ۾ ان جي ونڊ ورهاست به ٿيندي رهي.

**Food sovereignty** (فوڊ ساو.ر.ين.ٽي) کاڌي جي خود مختياري، ڪنهن برادريءَ، راڄ، خطي يا قوم کي پنهنجي مقامي اناج اپائڻ/کاڄ شرستي بابت فيصلن

ڪرڻ جو حق هجڻ جنهن ۾ مقامي پوکي راهي/ زراعت ڪرڻ، مَندين جي چونڊ، مناسب ورهاست، خريدڻ جي قوت ۽ سٺي کاڌي هجڻ جي ضمانت بہ شامل ٿئي ٿي.

**Food web** (فوڊ ويب) غذائي ڪڙين سان سلهاڙيل هڪ پيچيده سرشتو/مانداڻ. ڏسو Food chain

**Forage** (فار.ايج) چارو، کاڌي جي ڳولا.

**Forest** (فار.يسٽ) ٻيلو، زمين جو هڪ اهڙو شاهي ٽڪرو جيڪو وڻن سان ڇانيل هجي، ڪو ٻيلو رڳو وڻن ۽ ٻوٽن تائين محدود نٿو ٿئي پر منجهس قسمين قسمين جانور، جيت جڻيا، پکي ۽ ماڻهو بہ رهن ۽ ٻيلي جي وسيلن جا محتاج هجن ٿا.

**Forest fragmentation** (فار.يسٽ فريگ.مين.ٽي.شن) ٻيلو ٽڪرائڻ، جڏهن ڪنهن ٻيلي کي روڊن، زراعت ۽ انساني ترقي جي رٿائن سبب ورهايو وڃي. ٻيلي کي ٽڪرائڻ سان منجهس موجود ڀانت ڀانت جانورن ۽ ٻوٽن جي جوئين ۽ ماڳن کي ڇيهو رسي ٿو.

**Fossil fuel** (فاس.ل في.ول) معدني ٻارڻ، ڪروڙين سال اڳ مري ويل ٻوٽن ۽ جانورن جي باقيات مان پيدا ٿيل قدرتي ٻارڻ جهڙوڪ: پيٽرول، ڪوئلو، قدرتي گئس، پروپين وغيره. قدرتي ٻارڻ، اڻ-نواڻجندڙ (nonrenewable) وسيلو آهي ۽ جڏهن ٻاريو وڃي ٿو تہ منجهانئس ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ گئس خارج ٿي عالمي تپش جو ڪارڻ بڻجي ٿي.

**Fumes** (فيومز) بخار، ورلي نظر نہ ايندڙ ٻي ٻوءِ گئسون يا دونهون ڪيميائي مادن مان خارج ٿئي ٿو يا جڏهن ٻاهہ ٻري ٿي. عام طور تي بخار ساهہ سرشتي لاءِ هاڃيڪار ٿين ٿا.

**Fungicide** (فن.جي.سائيڊ) کاڌي يا اناج کي ڦنگي کان بچائڻ يا ماري ڇڏڻ لاءِ فنجيمار دوا استعمال ڪرڻ.

**Fungus** (فن.گس) ڦنگي.

G

**Gasoline** (گئس.و.لائن) پيٽرول؛ قدرتي ٻارڻ جيڪو موٽرڪارين، ٽرڪن، موٽرسائيڪلن، جنريٽرن وغيره ۾ استعمال ٿئي ٿو.

**Generate** (جن.ر.يٽ) پيدا ڪرڻ، بجلي پيدا ڪرڻ.

**Genes** (جِين.س) جينون، اڊون؛ ڪنهن جاندار جا موروثي ايڪا جيڪي ڊگهين لڙهين جي صورت ۾ ٿين ٿا ۽ ڪروموسوم سڏجن. انهن جو ڪم موروثي ڄاڻ ۽ خاصيتون منتقل ڪرڻ ٿئي ٿو. جينون اسان جي اکين جو رنگ ڪارو يا شيرو، وار سڌا يا گهنڊيدار، هٿن ۽ پيرن جي ڊيگهه ۽ ڊول وغيره جهڙين ڳالهين جو فيصلو ڪن ٿيون. ڊي.اين.اَي (DNA) جي هڪ اهڙي لڙهي جنهن سبب فردن ۾ تبديليون اچن ٿيون.

**Genetic damage, Genetic defect** (جي.ني.ٽڪ ڊئم.ئيج، جي.نيٽڪ ڊ.فيڪٽ) جينياتي نقص؛ جينن / اڊن کي نقصان پهچڻ جي نتيجي ۾ اهڙي ماڻهوءَ، ٻوٽي يا جانور لاءِ مسئلا پيدا ٿين ٿا. ڪيترا زهريلا مادا ۽ وکر جينياتي نقص پيدا ڪن ٿا ۽ اهي اولاد /تخم ۾ منتقل ٿيندا رهن ٿا.

**Genetic engineering** (جي.ني.ٽڪ انج.نيءَ.رنگ) جينون، جن جو ڪم جاندارن جي موروثي ڄاڻ هڪ نسل کان ٻئي نسل ۾ منتقل ڪرڻ آهي تن ۾ هٿرادو طريقي سان تبديلي آڻڻ ته جيئن پيدا ٿيندڙ ٻوٽي يا جانور جي خاصيتن ۾ مرضي مطابق تبديلي آڻي سگهجي.

**Genetically modified organism/GMO** (جي.ني.ٽي.ڪلي ماڊ.ي.فائيڊ اور.گين. ازم يا جي.ايم.او) ٻسرُ، گڏو، پيوندي؛ اهڙا ٻوٽا يا جانور جن جون اصلي جينون، اڊون يا موروثي مادا مٽايا ويا هجن. اهڙن جاندارن جو موروثي ڍانچو هٿ سان ٺاهيو ويجي ٿو ۽ اهي عام طور تي زبردست غذائي اهميت وارا، سخت جان، ڏسڻ ۽ عمل ۾ اصلي جاندارن کان مختلف لڳن ٿا.

**Geobiophysics** (جي.و.با.يو.فز.ڪس) ڪنهن ماحولي سرشتي جا طبعي،

حياتياتي ۽ جيالاجيڪل پهلو.

**Geology** (جي.ولا.جي) زمين جي ڏول، جوڙجڪ، طبعي خاصيتن ۽ تاريخ جو اڀياس.

**Geothermal energy** (جي.او.ٿر.مل ان.ر.جي) زمين جي قدرتي گرمائش/ توانائي، جنهن کي Earth energy بہ سڏجي.

**Germ** (جَرم) روڳي جيوڙو، بيماريون پکيڙيندڙ ننڍو جاندار. مختلف جيوڙا مختلف بيماريون مختلف طريقن سان پکيڙين ٿا جهڙوڪ: دستن جا جيوڙا ڪرفتيءَ رستي ۽ سلهہ جا هوا رستي پکڙجن ٿا.

**Giardia** (جيا.ر.ڊيا) هڪ پئراسائٽي جيوڙو جيڪو پيلا، بدبودار دست، پيٽ ۾ وڏ / وڪڙ ۽ بادي ڪرائي ٿو جن مان ڪنن آنن جهڙي بوءِ ٿئي ٿي.

**Glacier** (گلَي.شر) گَنجُ، برفاني ڇپ، زمين تي برف جو ڇپ جي صورت ۾ گڏ ٿيندو رهڻ. برفاني ڇپن سبب ڪيتريون ڊنڊون ۽ زميني ٽڪرا وجود ۾ اچن ٿا، آهستي آهستي ڇرن ٿا ۽ اونهاري ۾ مڪمل ننڍا ڳرن.

**Global warming** (گلوب.ل وارم.نگ) عالمي تپش، سڄي دنيا ۾ وڌندڙ گرمي پد جنهن سبب وڏيڪ ٻوڏون ۽ طوفان اچن ٿا، سامونڊي سطح ۾ چاڙهہ ٿئي ٿو ۽ ڪيترن نون هنڌن تائين بيماريون پکڙجن ٿيون.

**Glutaraldehyde** (گلو.ٽا.رل.ڊي.هائيڊ) جيوڙن مارڻ ۽ صفائي لاءِ استعمال ٿيندڙ هڪ تمام خطرناڪ ڪيميائي زهريلو مادو. جيڪڏهن مجبوريءَ ۾ استعمال جي ضرورت هجي تہ خبرداريءَ سان ڪتب آڻجي.

**Goiter** (گواءِ.ٽر) ڪنٺ مالها، ڳِهٽُ، ڪڳهُہ، کاڌي ۾ آيوڊين جي کوٽ يا سايانائڊ جي زهرجڻ سبب ڳچيءَ جي هيٺين حصي تي ٿيندڙ ڳوڙهو.

**Grassland** (گراس.لئن.ڊ) چراگاهہ، زمين جا اهڙا وسيع ٽڪرا جتي مختلف قسمن جو گاهُ ۽ ٻوٽا پوکجن ۽ اتي هر سال 100 س.م کان گهٽ وسڪارو ٿئي ٿو، اهڙن هنڌن تي گهٽا وڻ ننڍا ٿين.

**Green** (گرين) سائو، ساوڪائڻ، ماحول کي بچائڻ يا ان کي گهٽ ۾ گهٽ ڇيهو

رسائڻ، اهڙا هنڌ جتي ماحول جو بچاءُ ڪيل هجي، ڪوبہ هنڌ يا ڪا سرگرمي اهڙي طرح سان تبديل ڪرڻ جنهن سان ماحول جو بچاءُ ٿئي يا ماحول کي پهچندڙ نقصان کي گهٽائي سگهجي.

**Green audit** (گرين آڊٽ) اهڙي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ تہ ڪو ادارو يا ڪمپني ماحول کي ڇيهي رسائڻ کان بچائڻ لاءِ پنهنجين ڪاروباري سرگرمين کان ڪيترو بچاءُ ڪري رهيو آهي.

**Green issue** (گرين ا.شو) اهڙو مسئلو يا معاملو جيڪو ماحول کي متاثر ڪندڙ هجي.

**Green manure** (گرين من.و.ئر) سائو ياڻ، عام طور تي ملچ (mulch) طور استعمال ڪيو ويجي ٿو.

**Green revolution** (گرين ريو.و.لو.شن) سائو انقلاب؛ اقوام متحده جي خوراڪ ۽ زراعت (Food and Agriculture) اداري پاران ڏڪر ختم ڪرڻ لاءِ 1963 ۾ شروع ڪيل ڪوششون، جنهن هيٺ فصلن جي اُپت وڌائڻ لاءِ انگريزي ياڻ، هائبرڊ/ٻسر فصل ۽ جديد مشينون متعارف ڪرايون ويون. ٽين دنيا جي ڪيترن حڪومتن کي پڪ ڏياري ويئي تہ اجهوڪي بک ختم ٿي، خوشقسمتيءَ سان ميڪسيڪو ۾ ڪڻڪ جي پيداوار ۾ واڌارو ٿيو. پر 50 سالن گذرڻ کانپوءِ بہ دنيا ۾ بک ۽ بدحالي جو بچڙو ٿول برقرار آهي. سائي انقلاب جي نعري هيٺ متعارف ڪرايل هائبرڊ اناجن جو معيار ۽ سواد مقامي جنسن کان گهٽو گهٽ آهي، فصلن تي ڪيميائي مادن جي گهڻي استعمال سان زمين ۽ انساني صحت تباہ ٿي آهي. جڏهن تہ سائي انقلاب مان وڏ ۾ وڏ جاگيردارن، سرمائيدارن ۽ جيتمار دوائون ٺاهيندڙن ڪمايو آهي.

**Green roof /living roof** (گرين روف يا لِونگ روف) هڪ اهڙي ڇت جيڪا سڄي يا ٿوري مٽي يا ٻوٽن سان ڍڪيل هجي. جنهن سان اهڙي عمارت جي گرمي گهٽجي، هوا جي غلاظت صاف ٿئي ۽ جهنگلي جيوت کي جوءِ مهيا ڪري.

**Green washing** (گرين واش.انگ) جڏهن ڪا ڪمپني اهڙو تاثر ڏئي يا ڪا

اهڙي شئي جيڪا ڏسڻ ۾ ماحول-دوست اچي پر اصل ۾ ائين نہ هجي.

**Greenbelt** (گرين.بيلٽ) وسنديءَ جي چوگرد اهڙو زميني ٽڪرو جتي وندر ورونهہ لاءِ باغيچا هجن. پوکي راهي ٿئي ۽ قدرتي زمين کي اڏاوتن کان آجو ڪيو ويو هجي.

**Greenhouse** (گرين هائوس) ڪابہ اهڙي بند اڏاوت (شيشي يا پلاسٽڪ جي) جنهن ۾ پنهنجي مرضي سان گرمي ۽ گهم پيدا ۽ هوا جو گذر قائم رکي زراعت ڪري سگهجي.

**Greenhouse effect** (گرين هائوس اف.فيڪٽ) وائي منڊل جو تپڻ. عام رواجي طور تي گرين هائوس افيڪٽ تڏهن پيدا ٿئي ٿو جڏهن سج جي زمين ڏانهن ايندڙ گرمي زمين جي فضا/وائي منڊل ۾ گئسن (ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ، آبي بخارن ۽ ڪن خفيف گئسن) جي ڇٽ سبب ڦاسي پوي ٿي. سج جي روشني توانائي جي صورت ۾ ڌرتي جي مٿاڇري کي گرم ڪندي رهي ٿي. ان توانائي جو ڪجھ حصو جڏهن وائي منڊل ۾ انفراريڊ شعاعن جي صورت ۾ خارج ٿئي ٿو تہ ان جو گهڻو حصو ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ ۽ آبي بخار جذب ڪري واپس زمين جي مٿاڇري ڏانهن وڌيڪ گرمي جي صورت ۾ موٽائي ڇڏين ٿا. انفراريڊ شعاعن جي جذب ٿيڻ سبب ڌرتي جو مٿاڇرو ۽ هيٺيون وايومنڊل/ فضا ڪجھ وڌيڪ گرم ٿي ڌرتي کي رهڻ جوڳو بڻائين ٿا. پر جڏهن زمين جي فضا ۾ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جو مقدار مختلف قسمن جي ٻارڻن استعمال ڪرڻ سبب وڌي وڃي تڏهن گرين هائوس جو اثر بہ اوترو وڌي ٿو ۽ اهڙا آبهوائي تاثير پيدا ڪري ٿو جيڪي ديرپا ٿين ٿا. ساڳي طرح سان جڏهن انساني سرگرمين سبب وائي منڊل ۾ ڪن ٻين خفيف گئسن جهڙوڪ: ڪلوروفلوروڪاربانس، نائٽرس آڪسائيڊ ۽ ميٿين جو مقدار يا ڳوڙهائپ وڌي وڃي تہ ان سبب گرين هائوس اثر تهائنئين گهڻو پيدا ٿئي ٿو. صنعتي انقلاب جي شروعات کانوني، 20 صدي جي آخر تائين فضا ۾ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جي مقدار ۾ 30 هوٽو ۽ ميٿين جي مقدار ۾ ٻيڻ کان وڌيڪ واڌارو ٿيو آهي. هڪ اندازي موجب رڳو آمريڪا، گرين هائوس گئسن جي پنجين حصي جي اخراج جو ذميوار آهي. وڌيڪ

ڏسو Global warming.

**Greenhouse gas** (گرين هائوس گئس) فضا گرمائيندڙ گئس، ڌرتيءَ جو گرمي پد وڌائيندڙ گئس: ڪابہ اهڙي گئس جيڪا ڌرتيءَ کان خارج ٿيندڙ انفراريڊ شعاعن/گرمي کي واپس ڪري ڇڏي. ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ، نائٽرس آڪسائيڊ، ميٿين، آبي بخار ۽ ڪلوروفلوروڪاربان (ڪفڪ) اهڙين گئسن جا ڪجھ مثال آهن. جن مان ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ، نائٽرس آڪسائيڊ، ميٿين جو گهڻو مقدار قدرتي ۽ انساني ذريعن رستي پيدا ٿئي ٿو. جڏهن تہ ڪفڪ جي اخراج جو وڏو سبب ڪارخانا آهن. آبي بخارن جو گرين هائوس (ڌرتي جي تپش) وڌائڻ ۾ زبردست تاثير ٿئي ٿو.

**Greening** (گرين.نگ) سائو ٿيڻ، ڦٽڻ: ماحولياتي مسئلن ۾ وڌ ۾ وڌ دلچسپي وٺڻ ۽ ماحول کي بچائڻ لاءِ ڪم ڪرڻ.

**Greenly** (گرين.لي) ڪا سرگرمي اهڙي طريقي سان ڪرڻ جنهن سان ماحول کي ڇيهو رسي نہ سگهي.

**Greentailing** (گرين.ٽي.لنگ) اهڙين شين جي وڪري جو ڪاروبار ڪرڻ جيڪي ماحول لاءِ هاڃيڪار نہ هجن. ڌنڌي ۾ اهڙين شين جو استعمال ڪرڻ جيڪي ماحول لاءِ خطرناڪ نہ هجن.

**Green-washing** (گرين.واش) جڏهن ڪو ڌنڌو، صنعت يا ادارو اها ڳالهہ ظاهر ڪري تہ ان جون سرگرميون ماحول دوست آهن يا ان کي ماحول جي بچاءَ جو اونو آهي، پر اصل ۾ ائين نہ هجي.

**Grey water** (گري.وا.ٽر) ڌوپ يا رڌپچاءَ جو پاڻي جيڪو باغيچن ۽ اهڙن ٻين هنڌن لاءِ ڪتب آڻي سگهجي.

**Ground water** (گرائونڊ وا.ٽر) جَر: زمين اندر موجود پاڻي جيڪو کوهن، نلڪن، ٽيوب ويلن ۽ چشمن رستي زراعت ۽ پيئڻ لاءِ ڪتب اچي ٿو. جَر جي سطح مينهن جي مقدار، ٻوڏن، زمين ۽ پاڻي جي استعمال جي طريقن آهر متبي رهي ٿي. جَر کي water table ۽ aquifer بہ سڏجي.

Guinea worm (گني. ورم) وار-ڪينئون، وارو، نارو. ڊاڳي جي بيماري؛ سفيد ڊاڳي جهڙو سنهو ڊگهو ڪينئون جسم ۾ چمڙيءَ هيٺان رهي ۽ مُري، تنگ يا جسم جي ڪنهن بہ گهميل هنڌ تي پيڙاڪن ڦٽ ڪري ٻاهر نڪري. عام طور تي دنيا جي ريگستاني علائقن ۾ ٿئي. ڪنهن دور ۾ ڪني پاڻي پيئڻ سبب ٿرپارڪر ۾ ٿيندو هو.

H

**Habitat** (هيب.ي.ٽئٽ) جوءِ، ماڳ: اهڙو هنڌ جتي قدرتي طور تي ڪو جانور رهي يا ٻوٽو پيدا ٿئي ۽ واڌ ڪري ڪاڌو پاڻي ۽ اجهو مهيا ٿئيس ته جيئن ان وسندي ۾ آزاد بنا اُلڪي زندگي گذاري سگهي.

**Habitat degradation** (هيب.ي.ٽئٽ ڊيگ.ري.ڊي.شن) ڪنهن جوءِ يا ماڳ جو معيار ايترو خراب ٿي وڃڻ جو اتي رهندڙ ساڳين جنسن جي، اڳي جيان سهائتا نه ٿي سگهي.

**Hazardous waste** (هيزا.رڊ.س ويسٽ) هاڃيڪار غلاظت. ڪابه اهڙي نهري، پاڻيني يا گئسي غلاظت جيڪڏهن صحيح طريقي سان نه رکجي، نيئجي، اڪلائجي يا ڪٽجي ته جاندارن ۽ ماحول لاءِ گهڻي هاڃيڪار ٿي سگهي.

**Heavy metal** (هيو.وي ميٽ.ل) ڳورو ڌاتو، ڪنهن ڳوري ڌاتوءَ (شيهي، پاري، ڪيڊميم، ڪروميم، يورينيم وغيره) جو خصيص مقدار به جاندارن لاءِ خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو ۽ ڪنهن به فوڊ چين ۾ گڏ ٿيندو رهي ٿو.

**Heliotropic** (هي.لي.و.ٽ.را.پڪ) هڪ اهڙو جاندار (عام طور تي ٻوٽو) جيڪو اس/ روشني ڏانهن چرپر ڪري يا ان ڪان پري ٿيجي. جيئن سورج مکي سدائين پنهنجو منهن سج ڏانهن ڪري ڇڏي ٿو.

**Hemisphere** (هي.مي.سفيير) اڌ ڌرتي، اڌ گولو. خط استوا وٽ ڌرتي اتر ۽ ڏکڻ اڌ گولن ۽ نصف النهار (meridian) وٽ اڀرندي ۽ الهندي اڌ گول ۾ ورهيل آهي.

**Herbicide** (هرب.ي.سائيڊ) اهڙي دوا جيڪا ٻوٽن يا گندگاهه کي ختم ڪرڻ يا انهن جي واڌ روڪڻ لاءِ استعمال ڪجي. اهڙيون 70 سيڪڙو دوائون ساوڪ کي تباهه ڪري ڇڏين ٿيون ۽ گهڻ اثرائتيون هجڻ سبب ٻين ڪيترن جاندارن لاءِ هاڃيڪار ٿين ٿيون.

**Herbivore** (هر.بي.وور) چَرندڙ سبزي خور. اهڙو جانور جيڪو غذا لاءِ ٻوٽن تي گذران ڪري.

**Herd** (هرڊ) ڌڻ، ولر، وڳ: ساڳئي قسم جي جانورن جو ولر جيڪي گڏ چَرن يا

مسافري ڪن جهڙوڪ: اٺ، ڍڳيون، ٻڪريون، رڍون.

**Hibernation** (هاءِ.بر.ني.شن) سيارو ڪاٽڻ، سڄو سيارو يا ان جو ڪجهه حصو گذارڻ لاءِ اگهور ننڊ ۾ هليو وڃڻ. ڪي جانور ٿڌ کان بچڻ ۽ کاڌي جي کوٽ سبب ائين ڪن ٿا.

**High voltage wire** (هاءِ.وول.ٽيج وا.ئر) اهڙيون تارون، جيڪي بجلي، ٺهندڙ هنڌ کان استعمال واري هنڌ تائين نيئن.

**Holistic** (هو.لس.ٽڪ) اهو فلسفو ته قدرتي طاقتن کي ڪُل ڪري ڏسجي پر نه ڪي ورهيل حصن ۾.

**Horizon** (هو.ري.زون) افق، اهو هنڌ جتي ڌرتي آسمان سان ملندي نظر اچي ٿي.

**Hormone disruptor** (هار.مون ڊِس.رپ.ٽر) مصنوعي ڪيميائي مادا يا قدرتي وکر جڏهن جسم ۾ پهچن ته غدودن ۽ هارمونن جي ڪمن ۾ تبديليون آڻي واڌ ۽ ويجهه جا مسئلا پيدا ڪن ٿا.

**Hormones** (هار.مونس) هارمون، جسم ۾ پيدا ٿيندڙ ڪيميائي رطوبتون جيڪي جسماني واڌ، بک، هڏن جي سگهائپ، مزاج، جنسي احساسن ۽ ويجهه/ پيدائش جهڙين لياقتن تي ضابطو رکن ٿا.

**Humus** (هيو.مس) ڳريل سڙيل نامياتي مادو، مٽيءَ جو گهرو ناسي يا ڪارو، ڳرندڙن سرندڙن ٻوٽن ۽ جانورن مان ٺهندڙ نامياتي مادو جنهن جو صحت مند زمين ۾ 3.5 کان 5 سيڪڙو موجود ٿئي ٿو. هيومس نرم، مٺي بوءِ وارو ۽ پرندڙ ٿئي ٿو منجهس ججهي غذائيت موجود هجڻ سبب زمين جي زرخيزي لاءِ ضروري ٿئي ٿو.

**Hurricane** (هر.ري.ڪين) تمام وڏو، طاقتور ۽ تباهي ڦهلائيندڙ واچوڙو خاص طور تي ائٽلانٽڪ سمنڊ جي الهندي ۾ پيدا ٿئي.

**Hybrid** (هاءِ.برڊ) گاڏڙ، پيوندي، ٻِسرُ، ٻن مختلف جنسن مان حاصل ٿيندڙ ٻوٽو، ميوو، سبزي يا ڦر، تيل سان گڏ بجليءَ تي به هلي سگهندڙ موٽر گاڏيون.

**Hydroelectricity** (هاءِ.ڊرو.ا.ليڪ.ٽرڪ.سٽي) وهندڙ پاڻيءَ جي طاقت ذريعي

بجلي پيدا ڪرڻ. عام طور تي هن قسم جي بجلي مٿاهين ڪان هيٺ ڪرندڙ پاڻيءَ يا ساموندي ڇولين جي زور تي ٽربائين هلائي پيدا ڪئي ويجي ٿي.

Hydrologic cycle /water cycle (هائِڊرو.لا.جڪ سائي.ڪل يا واٽر سائي.ڪل) پاڻيءَ جو ڦيرو: زمين تان پاڻي جو بخار ٿي فضا ۾ رسڻ، اتي ٺري مينهن، برف يا ڳڙي جي صورت ۾ وسي ندين ۽ وهڪرن رستي سمنڊن تائين پهچڻ. ڌرتي جي مٿاڇري وارو ۽ ان جي هيٺان موجود پاڻي سدائين گردش ۾ رهي ٿو. جنهن جي نه ته شروعات ۽ نه ئي پڇاڻي ٿئي ٿي. پاڻي، گردش جي مختلف مرحلن دوران پاڻيٺ، بخارن ۽ نهري حالت ۾ مٿبو رهي ٿو جنهن ۾ اک ڇنڀ کانونٽي لکين سالن جيترو وقت به لڳي سگهي ٿو. هن ڌرتيءَ تي ڪيتري زماني کانونٽي پاڻي جو توازن هڪ ڪرو رهندو آيو آهي. جڏهن ته ان جا ماليڪيول/ اٽا، جهٽ پٽ ۾ پيدا ٿيندا ۽ ضايع ٿيندا رهن ٿا. مثال طور، توهان ڪالهه ڪاڌل زيتون رستي جيڪو پاڻي حاصل ڪيو هو ممڪن آهي ته ان جا ماليڪيول گذريل سال آفريڪا مان رسيا هجن يا ڊائنوسارن (dinosaurs) 100 ملين سال اڳ پيتا هجن. ٿلهي ليکي، هن ڌرتي تي جملي اٽڪل 1.39 ڪيوبڪ ڪ.م پاڻي ۽ ان جو هڪ وڏو حصو اٽڪل 96.5 سيڪڙو دنيا جي سمونڊن ۾ موجود آهي. باقي اٽڪل 1.7 سيڪڙو قطبن جي برفاني چوٽين، گنجن (glaciers) ۽ پڪي برف جي صورت ۾ ته بيو 1.7 سيڪڙو جرن، ڍنڍن، دريائن، وهڪرن ۽ زمين ۾ گهم جي صورت ۾ آهي. باقي 1 سيڪڙي جو هڪ هزارون حصو زمين جي فضا ۾ آبي بخارن جي روپ ۾ آهي. پاڻيءَ جي ڦيري/گردش جا مکيه اهم حصا آهن: 1- بخارجڻ (evaporation)، سج جي تپش سبب دريائن، ندين، ڍنڍين ڊورن، سمنڊن وغيره جو پاڻي ٻاڦ جي صورت وٺي فضا ۾ هليو ويجي ٿو 2- ٺرڻ (condensation)، فضا ۾ آبي بخار ٺري پاڻيٺ ۾ مٿجي ڪڪرن جي صورت وٺن ٿا 3- وسڪارو (precipitation)، جڏهن فضا ۾ پاڻي ايترو ٺري ويجي ٿو جو هوا ان کي جهلي نٿي سگهي، تڏهن مينهن، ڳڙي يا برف جي صورت ۾ وسي پوي ٿو 4 - اُپ مان پاڻي سمنڊن، دريائن، ڍنڍين، ڍورن يا زمين تي وسندو رهي ٿو. زمين تي وسڻ جي حالت ۾ ان کي تر ڪري ڇڏي ٿو يا جر جو هڪ حصو ٿي ويجي ٿو

جيڪو ٻوٽا ۽ جانور پيئڻ سميت ٻين ڪيترن ڪارجن لاءِ استعمال ڪن ٿا. زمين تي وهڻ جي حالت ۾ وهڪرن جي صورت ۾ وهندو سمنڊن، دريائن ۽ ڍنڍين ڍورن ۾ وڃي پوي ٿو. جتان پاڻي جي هڪ دفعو وري گردش / ڦيرو شروع ٿئي ٿو.

**Hydroponics** (هاءِ.ڊرو.پان.ڪس) مٽي بجاءِ پاڻيءَ، واريءَ يا بجريءَ ۾ (جنهن ۾ گهربل معدني غذائي جزا ملائجن) ٻوٽن اپائڻ جي سائنس.

**Hydrosphere** (هاءِ.ڊرو.اسفيئر) آبي منڊل، زمين تي موجود پاڻي، جنهن ۾ پاڻيءَ جا بخار، سمنڊن ، دريائن، ڍنڍين ڍورن، جَر جو پاڻي ۽ ڪنڊن جي برف اچي وڃي ٿي.

**Hygiene** (هاءِ.جين) صحت صفائي. ماڻهو صاف سٿري رهڻ ۽ بيمارين جي جيوڙن کان بچڻ لاءِ جيڪي ڪجهه ڪن ٿا جنهن ۾ هٿ ملي صاف ڪرڻ، وهنجڻ، صفائي سان کاڌو تيار ڪرڻ ۽ سانڍي رکڻ سميت گهر صاف رکڻ جهڙيون ڳالهيون اچي وڃن ٿيون.

I

**Iceberg** (آئيس.برگ) ترندڙ برفاني ڇپ، جنهن جو رڳو 10 سيڪڙو پاڻيءَ جي مٿاڇري کان مٿي ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

**Ichthyology** (اڪ.ٿي.او.ل.و.جي) مڇين جو سائنسي اڀياس.

**Idling** (آئڊ.لنگ) جڏهن موٽرڪار تہ بيهاري ڇڏجي پر ان جي انجڻ چالو هجي جنهن سبب هرويرو گرين هائوس گئسون خارج ٿينديون رهن ٿيون.

**Immunization** (ا.ميو.ني.زَ.شن) بيماريءَ ٿيڻ کان اڳواٽ اپاءُ وٺڻ جهڙوڪ: ارڙي، ٽيٽنس ۽ پوليي جو اڳواٽ بچاءَ جو ٽڪو هڻڻ يا ڦڙا پيارڻ. وئڪسينيشن بہ سڏجي.

**Immunization programs** (ا.ميو.ني.زَ.شن پروگرام) عوامي سطح تي ماڻهن کي بيمارين کان اڳواٽ بچائڻ/ اميون ڪرڻ جا هلندڙ پروگرام جيڪي عام طور تي صحت جون بين القوامي تنظيمون: صحت جو عالمي ادارو (WHO)، يونيسيف (UNICEF)، قومي ۽ مقامي حڪومتون هلائين ۽ انهن هيٺ وئڪسينون ڏاهيون ۽ وڪرو ڪيون وڃن ٿيون. وئڪسينيشن پروگرام بہ سڏجن.

**Incineration** (ان.سي.نر.ي.شن) ڪنهن نهري، پاڻيٺ يا گئسي شئي کي هڪ بند بٺيءَ ۾ گهڻي گرمي پد تي ساڙي پسم ڪري ڇڏڻ. هن عمل سان خاص طور تي اسپتالن جي ڪچري کي ناس ڪيو وڃي ٿو.

**Incinerator** (ان.سي.نر.ي.ٽر) غلاظت خاص طور تي، صنعتي ۽ اسپتالي ساڙڻ لاءِ هڪ قسم جي بٺي يا اوون.

**Incline** (ان.ڪلائين) لهندو لاهي، لهواري سطح. ڪنهن ٽڪريءَ جي لاهي.

**Indigenous** (ان.ڊي.ج.ي.نس) ديسي، ڏيهي، مقامي. ڪنهن هنڌ تي قدرتي طور تي ٿيندڙ / رهندڙ جنسون (انسان، جانور، ٻوٽا).

**Indoor air pollution** (ان.ڊور ايئر پو.لوشن) ڪنهن گهر يا عمارت ۾ تماڪ، باهہ، ڪيميائي مادن يا ٻين ذريعن رستي ٿيندڙ هوا جي غلاظت.

**Indus** (اندس) سنڌو، سنڌو درياهہ، شينهن درياهہ، مهراڻ: شينهن درياءُ هماليہ جي

وادين جا پيٽ، پاسا ۽ پنيون چيريندو چار ملڪ چين، انڊيا، افغانستان ۽ پاڪستان لتاڙيندو، 2900 سو ڪ.م جو سفر ڪندو آخر ۾ عربي سمنڊ ۾ وڃي ڇوڙ ڪري ٿو. سنڌو پاڪستان جي 170 ملين ماڻهن جي لاءِ شهہ رڳ جي حيثيت رکي ٿو. پاڪستان جي 21.5 ملين هيڪٽرن مان 80 سيڪڙو زراعت سنڌو جي ڇولين جي محتاج آهي ۽ اهي بہ هماليہ جبل جا گليشير / گنج ئي آهن جيڪي پاڻ ڳاري سنڌو کي وهڻ لاءِ 70 کان 80 سيڪڙو پاڻي مهيا ڪن ٿا. سنڌو دريائي سرشتو دنيا جو هڪ وڏي ۾ وڏو آبپاشي جو سرشتو جوڙي ٿو. هماليہ مان سنڌوءَ کي ملندڙ پاڻيءَ جو ايترو گهڻو مقدار ايشيا جي ٻئي ڪنهن بہ درياءَ جي پيٽ ۾ نٿو پوي.

**Indus Delta** (انڊس ڊيلٽا) ٺٽي ضلعي ۾ وچٽيءَ جي شڪل جهڙو هي ڊيلٽا 600,00 هيڪٽرن ۾ اولهہ ۾ پٽياڻي ڪريڪ /ڇاڙهہ کان اوڀر ۾ سر ڪريڪ تائين 17 وڏين ڇاڙهن تي مشتمل دنيا جو پنجون نمبر وڏو ڊيلٽا آهي.

**Indus Ecoregion** (سنڌو ماحولي خطو) سنڌو ماحولي خطو دنيا جي چونڊيل (238) ماحولي خطن (G200) منجهان هڪ خطو آهي. جيڪو عالمي ماحولي اهميت وارو تہ ساڳئي وقت هن ڌرتيءَ تي موجود، مالامال گوناگون جيوت جي نمائندگي ڪندڙ بہ آهي. سنڌو ماحولي خطو سنڌ جي اٽڪل 65 سيڪڙي ۾ پکڙيل آهي جنهن جو اتريون الهندو حصو بلوچستان جو بہ ڪجهہ حصو والاري ٿو. هن گرم ۽ نيم گرم آبهوائي خطي ۾ سنڌو درياءَ سان لڳ دريائي ٻيلا، ڇوڙ واري علائقي ۾ تمر جا ٻيلا، تازي ۽ کاري پاڻيءَ جا ويٽ لئنڊ ۽ ان جي گهيري ۾ وارياسا ماحولي سرشتا آهن. انڊس ماحولي خطي جي سماجي- اقتصادي ۽ ماحولي اهميت کي نظر ۾ رکندي، ڊبليو.ڊبليو.ايف- پاڪستان ۽ سنڌ سرڪار، انڊس اِڪوريجن (Indus Ecoregion Programme) پروگرام شروع ڪيو آهي جيڪو گوناگون جيوت جي بچاءَ ۽ مقامي ماڻهن جي پيٽ گذر کي آڏو رکندي، ماحولي خطي جي سنوارڻ لاءِ 50 سالن جو تصور آهي. انڊس ماحولي خطي جو پهريون ڇهہ سالا مرحلو (جولاءِ 2006 کان جون 2012) انڊس فار آل پروگرام جي نالي سان مشهور آهي. انڊس ماحولي خطي جي 15 اوليت وارن ماڳن مان، شروعات ۾ ٽن ضلعن جي

ڇئن حساس ماحولي سرشتن: ساحلي (ڪيٽي بندر، ٺٽو)، هڪ تازي پاڻيءَ جي ڍنڍ (ڪينجهر ڍنڍ، ٺٽو)، هڪ ٻيلائي (پٺي ٻيلو نوابشاهه) ۽ هڪ ريگستاني ماحولي سرشتي (ڇوٽيارين، سانگهڙ) جي چونڊ ڪئي ويئي آهي.

**Industrial pollution** (انڊس.ٽري.ئل پو.لوشن) صنعتي غلاظت. ڪنهن ڪارخاني جي ڪيميائي مادن سبب ٿيندڙ غلاظت.

**Inert ingredient** (انر.ٽ ان.گري.ڊي.نٽ) ڪنهن پيسٽيسائيڊ/جيتمار جو هڪ اهڙو سليل/ بي حرڪت وڪر جيڪو ان جو چست حصو نه هجي. سليل وڪرن ۾ موجود اهڙيون شيون پيسٽيسائيڊن کي ڀوڻن يا جيتن سان اهڙو چنبڙائي ڇڏين ٿيون جو اهي مينهن ۾ ڌوپجي نه ٿيون سگهن. عام طور تي اهڙا وڪر گهڻا زهريلا ٿين ٿا.

**Infection** (ان.فيڪ.شن) وچڙندڙ بيماري، بئڪٽيريا، وائرس يا ڪنهن ٻئي جيوڙي سبب ٿيندڙ بيماري/ روڳ. بيماريون سڄي جسم يا جسم جي ڪنهن هڪ حصي کي متاثر ڪري سگهن ٿيون.

**Infectious disease** (ان.فيڪ.شس ڊ.زيز) وبائي/پکڙجندڙ بيماري، اهڙي بيماري جيڪا هڪ فرد کان ٻئي فرد کي سولائي سان وچڙي سگهي.

**Infrastructure** (ان.فرا.اسٽرڪ.چر) بنيادي جوڙجڪ، گهرن، رودن ۽ پاڻيءَ جي سنجڻن/سهولتن جهڙيون بنيادي جوڙجڪون. ڪنهن سرگرميءَ لاءِ بنيادي ڍانچو جنهن ۾ روڊ رستا، پاڻي، نيڪاس، بجلي، ٽيليفون، گئس وغيره جي فراهمي اچي وڃي ٿي.

**Inorganic** (ان.آر.گين.نڪ) غيرنامياتي، جاندارن جون خاصيتون نه رکندڙ، قدرتي طور پيدا نه ٿيندڙ ڪاربان کان ڪورا.

**Inputs** (ان.پٽس) آبادگارن پاران فصل اپائڻ لاءِ ڪاٻه سهائتي شئي استعمال ڪرڻ جهڙوڪ: ٻج، جيتمار دوا، ڀاڻ وغيره.

**Insecticide** (ان.سيڪ.ٽي.سائيڊ) جيتمار، جيتن کي مارڻ يا انهن جي واڌ روڪڻ جي ڪيميائي دوا.

**Integrated pest management/IPM** (ان.ٽي.گريٽ.يڊ پيسٽ مئنيج.

مينٽ/آءِ.پي.ايم) زهريلن ڪيميائي مادن بنا فصلن کي جيتن ۽ بيمارين کان بچائڻ جو طريقو جنهن کي نيچرل پيسٽ مئنيجمينٽ (natural pest management) بہ سڏجي.

**Invasive species** (ان.وي.سو اسپي.شيز) تيزي سان پکڙجندڙ يا جارح جنس/ جنسون، هڪ اهڙي ڌاري اسپيشيز/جنس جيڪا ڪنهن نئين هنڌ تي آندي وڃي تہ ماحول لاءِ خطرناڪ ٿي سگهي ٿي. ڇاڪاڻ تہ اها مقامي اسپيشيز/ جنسن جي وسيلن جو استحصال ڪري ٿي، جلد واڌ ڪري ٿي ۽ اتي ان جا قدرتي دشمن موجود نہ ٿا ٿين.

**Invertebrate** (ان.ور.ٽي.بريٽ) اڪرنگهائون، بنا ڪرنگهي جانور، پٺيءَ ڪنڊي بنا.

**Irrigation** (ار.ري.گي.شن) ريج، پيچ، آبپاشي، پوک يا وڻن ٽڻن کي پاڻي پهچائڻ.

**IUCN** (آءِ.يو.سي.اين) انٽرنئشنل يونين فار ڪنزرويشن آف نيچر (International Union for Conservation of Nature) جو مخفف. هيءَ بين القوامي تنظيم، ماحول جي ڪنن مسئلن ۽ ترقياتي للڪارن جي اپائن لاءِ جاکوڙي ٿي. آءِ.يو.سي.اين، ريڊ لسٽ آف ٿريٽينڊ اسپشيز (Red List of Threatened Species) بہ شايع ڪندي رهي ٿي، جنهن ۾ جاندارن (جانورن ۽ ٻوٽن) جي بچاءَ جي حوالي سان تڪ تور ڪئي وڃي ٿي. آءِ.يو.سي.اين، دنيا جو هڪ پراڻو ۽ وڏو ماحولياتي اداراو آهي، جنهن جون دنيا ۾ 1000 کان وڌيڪ سرڪاري ۽ غيرسرڪاري تنظيمون ميمبر ۽ اٽڪل 11000 رضاڪار سائنسدان 160 کان وڌيڪ ملڪن ۾ موجود آهن. آءِ.يو.سي.اين کي دنيا جا 1000 کان وڌيڪ ماهر ۽ سوين سرڪاري، غيرسرڪاري تنظيمن ۽ خانگي ادارن جا رضاڪار ماحول جي بهتري لاءِ سهائتا ڪندا رهن ٿا. يونين جو هيڊڪوارٽر گلئنڊ (Gland)، جينيوا، سئٽزرلئنڊ ۾ آهي.

**IUCN Red List of Threatened Species** (آءِ.يو.سي.اين ريڊ لسٽ

آف ٿريٽينڊ اسپيشيز). آءِ.يو.سي.اين ريڊ لسٽ آف ٿريٽينڊ اسپيشيز کي آءِ.يو.سي.اين ريڊ لسٽ يا ريڊ ڊيٽا لسٽ (IUCN Red List or Red Data List) بہ سڏيو وڃي ٿو جيڪا اول، 1963 ۾ تيار ڪئي ويئي هئي. ريڊ ڊيٽا لسٽ کي، دنيا جي خطري ۾ رهندڙ جيوت جي سانڊ جي حوالي سان وڏ ۾ وڏ جامع فهرست ۽ آءِ.يو.سي. اين کي جيوت جي سانڊ جي لحاظ کان وڏ ۾ وڏ بااختيار سمجهيو وڃي ٿو. ان سلسلي ۾ فردي حڪومتون بہ هر پنجين يا ڏهين اهڙيون لسٽون هر سال شايع ڪري خطري ۾ رهندڙ جنسن جي حالت جي ڇنڊڇاڻ / تڪ تور ڪن ٿيون.

## J

**Jaundice** (جان.ڊس) يرقان، سائي، ڪامڻ: چمڙيءَ ۽ اکين جو رنگ پيلو ٿي وڃڻ. يرقان/سائي جيري جي بيماري يا هيپيٽائيٽس جي نشاني ٿي سگهي ٿي.

**Jellyfish** (جيل.لي.فش) بنا ڪرنگهي سامونڊي جانور جنهن جو مٿيون ڊول ڇٽيءَ جهڙو ته هيٺان لڙڪندڙ ٽينٽيڪل ٿين. اصل ۾ مڇي نه پر هڪ اهڙو قديم جانور آهي جيڪو ڏسڻ ۾ جيليءَ جيان اچي ٿو. عام طور تي ڏاڍو سهڻو ۽ گهڻو رنگين ٿئي ٿو.

**Junk food** (جنڪ فوڊ) اهڙو کاڌو يا پيتو جيڪو سوادي ته لڳي پر صحت بخش نه هجي جو منجهس ڪي ٿورڙا غذائي جزا ۽ جهجهو سٽپ، لوڻ، کنڊ، تيل ۽ ڪيميائي مادا موجود ٿين ٿا.

K

**Kelp** (ڪيلپ) هڪ ڏگهي ساواڻ مائل ـ ناسي الجي يا اُلي (seaweed) وڏن ٻيلن ۾ ٿئي ٿي ۽ ڪيترين جنسن کي ضروري ماڳ مهيا ڪري ٿي. غذائيت سان ڀرپور هجڻ سبب سڄي دنيا جا ماڻهو کائين ٿا.

**Kilowatt** (ڪل.و.واٽ) بجليءَ جي ماپ جو ايڪو 1000 واٽن جي برابر.

**Kilowatt-hour** (ڪل.و.واٽ آور) بجلي جي هڪ ڪلوواٽ ۾ موجود توانائي جو مقدار, جيڪو هڪ ڪلاڪ تائين هلي ٿو. بجلي ڪلوواٽ ـ ڪلاڪ جي حساب سان وڪرو ڪئي وڃي ٿي.

**Krill** (ڪرل) جهينگي جهڙو پر تمام ننڍڙو جاندار, جيڪو ڪيترن جانورن جو کاڄ آهي.

**Kyoto Protocol, Kyoto Agreement** (ڪيوتو پرو.ٽو.ڪول يا ڪيوتو ا.گري. مينٽ) گرين هائوس گئسن گهٽائڻ جو بين الاقوامي معاهدو يا ناه. جنهن تي 11 ڊسمبر 1997ع تي جاپان جي شهر ڪيوتو ۾ صحيون ڪيون ويون ۽ 16 فيبروري 2005 تي ان تي عمل ٿيڻ شروع ٿيو. جنهن هيٺ 37 صنعتي ملڪن کي 1990 ۾ خارج ٿيندڙ گرين هائوس گئسن (ڪاربانڊاءِ آڪسائيڊ, ميٿين, نائٽرس آڪسائيڊ, هيڊروفلوروڪاربانس, پرفلوروڪاربانس, سلفرهيگزا فلورائيڊ) جي مقدار کي 2012 تائين, وڌيڪ 5 سيڪڙي تائين گهٽائڻ لاءِ پابند ڪيو ويو. هن معاهدي ۾ 8 ڊسمبر 2012 ۾ دوها, قطر ۾ ڪي ترميمون ڪري ان جو مدو ٻهرين جنوري کان 2020 تائين وڌايو ويو.

L

**Lagoon** (لي.گون) ڪاري ڍنڍ: ڪاري يا ٻاڙي پاڻيءَ جي اهڙي تراڪڙي ڍنڍ جيڪا اونهي سمنڊ کان واريا سن ڍڙن يا مرجاني ٽڪرين رستي الڳ ٿيل هجي.

**Land degradation** (لئنڊ ڊيگ.ري.ڊي.شن) زمين يا ساوڪ جي طبعي، ڪيميائي ۽ حياتياتي خاصيتن جي لحاظ کان ايتري زرخيزي گهٽجي وڃڻ جو اهي غيرپائدار ماحولي سرشتي جو هڪ حصو بڻجي وڃن.

**Landfill** (لئنڊ.فل) پراءُ: هڪ اهڙي شاهي کڏ جتي مٽيءَ جي تراڪڙي تهه هيٺان گندڪچرو پورجي. اسريل ملڪن ۾ لئنڊفل اهڙي طرح ٺاهيون وڃن ٿيون جو ان ڪچري مان ٻارڻ/ گئسون ۽ بجلي پيدا ڪئي وڃي ٿي.

**Landfills/landfill site** (لئنڊفلس/ لئنڊفل سائيٽ) جڏهن پٽر ڪاڻ ۽ عام ڪاڻ جهڙن هنڌن کي گهريلو صنعتي ۽ هاجيڪار گند اڇلائڻ لاءِ استعمال ڪجي.

**Landscape** (لئنڊ.اسڪيپ) زمين جي بيهڪ: ڪنهن مخصوص جاگرافيائي علائقي يا هنڌ جا نقش ۽ جوڙجڪ جنهن ۾ قدرتي خوبصورتي ، مصنوعي ۽ سماجي- معاشي منظر بہ اچي وڃن ٿا.

**Leach field** (ليچ فيلڊ) سِمائيندڙ کڏ: ڪني پاڻيءَ کي صاف ڪرڻ جو سرشتو جنهن هيٺ گندي پاڻيءَ کي زير زمين سوراخدار پائيپن ڏانهن موڪلجي ٿو تہ آهستي آهستي گندو پاڻي زمين ۾ سمي جذب ٿي وڃي ٿو.

**Leachate** (ليچ.ايٽ) ڪنهن غلاظت يا گند جي ڍير مان سمندڙ پاڻيني غلاظت.

**Lichen** (ل.چين) پريو: عام طور تي ڦنگي جيڪا الجيءَ سان گڏ ٿئي ٿي ۽ اهڙن هنڌن تي ڇلر يا شاخن جي صورت ۾ واڌ ڪري ٿو جتي ٻوٽا نٿا ڪن جهڙوڪ: وڻ جو ڇوڏو ۽ نوڙهو پٿر.

**Limnology** (لم.نال.جي) تازي پاڻيءَ جهڙوڪ: ڍنڍن ۽ تلائن جو طبعي، جاگرافيائي، حياتياتي ۽ ٻين پهلوئن کان سائنسي اڀياس.

**Lithosphere** (لٿ.و.اسفيئر) جابلو منڊل: زمين جو ٻاهريون سخت، سگهارو تهہ.

جنهن کي ڪرسٽ (crust) بہ سڏجي منجهس مٽي، پهڻ ۽ پاڻي ٽئي ٽو.

**Livestock** (لائيو اسٽاڪ) چوپايومال، ڍورڍڳا، مينهون، ڍڳيون، رڍون، ٻڪريون، مرون يا گهوڙا وغيرهہ جيڪي گهريلو ڪارج يا واپاري مقصدن لاءِ پالجن.

**Local Agenda 21**(لوڪل ايجنڊا 21) پائدار ترقيءَ لاءِ اقوام متحده جي هڪ اهڙي رضاڪارانا عملي رٿا جيڪا قومي، علائقائي ۽ مقامي سطح تي هلائي سگهجي. 21 صدي لاءِ هيءَ رٿا 1992ع ۾ ريو ڊي جينيريو ۾، ريو سمٽ ( Rio Summit) دوران برازيل ۾، دنيا جي 173 ملڪن اختيار ڪئي جنهن جو بنياد ماحول کي ترجيح ڏيڻ، پائدار طريقن سان پيداوار ڪرڻ، غربت گهٽائڻ، تعليم، ڪاڌي، رهائش، صحت سڌارڻ ۽ سماجي-معاشي پهلوئن وغيره لاءِ ڪوشش ڪرڻ تي ٻڌل آهي. هن ايجنڊا ۾ وقت بہ وقت واڌارا ڪيا وڃن ٿا.

**Malaria** (مِ.ليرِ.يا) سرءَ جو تپ، مليريا. مڇرن رستي پکڙجندڙ هڪ سنگين بيماري جيڪا بخار ڏڪڻي، لڳن ۾ سور پيدا ڪري ۽ موتمار ثابت ٿي سگهي ٿي.

**Malathion** (ما.لا.ٿا.ئن) مالاٿائن: ٻنين ۽ باغن ۾ استعمال ٿيندڙ جيتمار دوا، ماحول ۽ خاص طور تي آبي جاندارن لاءِ گهڻي هاڃيڪار ٿئي ٿي جيتوڻيڪ اصلي حالت ۾ انسانن لاءِ خطرناڪ نٿي سمجهي وڃي پر جڏهن انساني جسم ۾ ٽٽي ٿي تڏهن وڌيڪ هاڃيڪار ٿي پوي ٿي.

**Mammal** (مئمِ.مل) ٿڃائتو، کير ڌارائيندڙ. اهڙو جانور جيڪو ٻچا ڄڻي ۽ انهن کي پنهنجو کير ڌارائي.

**Manganese** (مئن.گ.نيز) هڪ زهريلو ڳورو ڌاتو جيڪو ويلڊنگ ڪرڻ ۽ تارن ڳنڍڻ لاءِ ڪتب اچي.

**Mangrove** (مئن.گ.رو) تِمر: گرم علائقن جي سامونڊي ڇِڪ وارن ڍورن يا سامونڊي وير وارن هنڌن تي جهڳٽن جي صورت ۾ ٿيندڙ ٻوٽو يا وڻ جنهن جون هوائي پاڙون شاخن مان ڦٽن. ڪيترن لحاظن کان منفرد ٿئي ٿو جو گهٽ آڪسيجن واري پاڻيءَ، تازي، کاري ۽ ٻاڙي ۾ به ٿي سگهي ٿو ۽ تيزيءَ سان واڌ ڪري ٿو. پاڪستان ۾ خاڪي، ڳاڙهو پيلو ۽ دريائي تمر ٿئي ٿو.

**Manure** (مِ.نوئر) ڇيڻو، ڀاڻ طور استعمال ڪري زمين کي زرخيز ڪرڻ.

**Mariculture** (مير.ي.ڪل.چر) سامونڊي ٻوٽا ۽ جانور پنهنجي قدرتي ماحول يا زمين تي سامونڊي فارم ناهي پيدا ڪرڻ.

**Marine** (مي.رين) سامونڊي، بحري يا سمنڊ سان واسطو رکندڙ.

**MBT** (ايمِ.بي.ٽي) مڪينيڪل بائلاجيڪل ٽريٽمينٽ (mechanical biological treatment) جو مخفف جيڪو غلاظت جي ڇانٽي ۽ صاف ڪرڻ لاءِ آهي. غلاظت کي اول مشينن رستي ريسائيڪل ٿيندڙ ۽ ريسائيڪل نه ٿيندڙ مادن ۾ ورهايو وڃي ٿو. ريسائيڪل ٿيندڙ گند کي ڪامپوسٽ ڀاڻ ۾ مٽايو وڃي ٿو ته باقي

ڪڍڻ ۾ پوريو وڃي ٿو.

**Mercury** (مر.ڪيو.ري) پارو: هڪ انتهائي زهريلو پاڻيٺي، ڳورو ڌاتو سون ڪوٺڻ لاءِ ڪاٺين، ٿرماميٽرن، انرجي سيور بلبن ۽ ڪيترن طبي ۽ سائنسي اوزارن ۾ استعمال ٿئي ٿو. پاري کي ڇهڻ بہ خطرناڪ ٿئي ٿو. گئسي حالت ۾ متجڻ، ساهہ ۾ وڃڻ، پاڻيءَ سان ملڻ يا ٻين عنصرن سان گڏجڻ ڪانپوءِ تہ تهائين خطرناڪ ٿي وڃي ٿو.

**Meridian** (مي.ريڊ.ي.ن) خط النهار: هڪ اهڙو خيالي گول جيڪو اتر ۽ ڏکڻ قطبن کان ٿيندو ڌرتي کي ايرندي ۽ الهندي اڌ ۾ ورهائي ڇڏي ٿو جتي انهن جي ڊگهائي ڦاڪ 0° ۽ 180° آهي.

**Mesosphere** (ميز.و.اسفيئر) ڏسو Atmosphere

**Methane** (ميٿ.اين) ميٿين. بي بوءِ، بي رنگ، پڙڪيدار، قدرتي گئس جو هڪ حصو. قدرتي طور تي پيدا ٿئي ٿي تہ هترادو بہ ٺاهي سگهجي ٿي. ميٿين هڪ گرين هائوس گئس آهي، تڏهن پيدا ٿئي ٿي جڏهن جيت ۽ ٻي مخلوق نامياتي مادو جهڙوڪ ٻوٽا کائي ٿي. انسان جڏهن گئس ۽ تيل ٻاري ٿو تڏهن پڻ خارج ٿئي ٿي. وائي منڊل ۾ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ کان بہ وڌيڪ مقدار ۾ گڏ ٿي رهي آهي. سارين جي پوک ۽ جانورن جو اوڳر هن گئس جي اخراج جا وڏا سبب آهن.

**Microorganism** (ماءِ.ڪرو.اور.گين.ازم) بئڪٽيريا، ييسٽ (خمير)، سادي فنگي، الجي، پروٽوزون ۽ ٻيا ڪيترائي ننڍ جيو. جيڪي خوردبين کانسواءِ ڏسي نٿا سگهجن انهن مان ڪي فائديمند تہ ڪي بيماريون پيدا ڪندڙ ٿين ٿا. ڪي ڪمپوزٽنگ پاڻ ناهڻ ۽ ڪسين جي گندي پاڻي کي صاف ڪرڻ لاءِ پڻ استعمال ڪجن ٿا.

**Microwave** (ماءِ.ڪرو.ويو) هڪ اهڙو اوون جيڪو توانائيءَ جي لهرن جي گرمي استعمال ڪري، شين کي اوٻڙي / جيوڙن کان صاف ڪري ڇڏي ٿو.

**Migration** (ماءِ.گري.شن) لڏپلاڻ: ڪنهن ٻئي هنڌ وڃي رهڻ، جڏهن پکي

لڏپلاڻ ڪن ٿڌهن اهڙي هنڌ اڏامي وڃن ٿا، جتي وڌيڪ ڪاڏو ۽ گرم موسم ٿئي ٿي. سائبيريا مان هر سال پکي سنڌ جي ڍنڍن تي اچن ٿا ۽ ڏيڍر بهار ۽ سياري جي اجهن وچم لڏپلاڻ ڪن ٿا.

**Mildew** (مل. ڊو) رتي (بيماري) / ٻئار ڦُلي: اهڙي فنگي/ فنگس جيڪا ڏسڻ ۾ پائوڊر مٽيءَ يا ڌاڳن جيان اچي. فنگي گهميل هنڌن تي واڌ ڪري ٿي.

**Minamata Convention** (منا.ماتا ڪن.وين.شن) مناماتا ناهُ: اقوام متحده جي ماحولياتي پروگرام 10 آڪٽوبر 2013 تي جاپان جي شهر ڪُماماتو ۾ هڪ بين القوامي ڪانفرنس سڏائي، پاري بابت هڪ ناه ڪيو جنهن کي دنيا جي 104 ملڪن اختيار ڪيو. مناماتا ناه جو مکيو مقصد انساني صحت کي پاري جي بخارن ۽ ماحول کي پاري ۽ ان جي مرڪبن کان بچائڻ آهي. هن ناه هيٺ هر ملڪ پاري لاءِ مناسب اپاءَ وٺندو، ڪا اهڙي شئي نه ناهيندو، گهرائيندو، ٻاهر موڪليندو يا پاري جو استعمال ڪندو جيسين ان جي استعمال کي سال 2020 تائين مڪمل ختم نٿو ڪيو وڃي. دنيا جي 50 ملڪن جي راضپي سان هي معاهدو 90 ڏينهن اندر عمل ۾ اچڻ شروع ٿيندو.

**Mold** (مولڊ) سينور: هڪ قسم جي فنگس/ ڦنگي جيڪا پاروٺي ڪاڌي، ٻوٽن ۽ گرم-گهميل شين تي واڌ ڪري ٿي.

**Mollusk** (مول.لسڪ) اهڙو اڪرنگهائون (invertebrate) جنهن کي عام طور تي پر سدائين نه هڪ اهڙو ڪوپو ٿئي ٿو جيڪو ان جو سڄو جسم يا جسم جو ڪجهه حصو ڍڪيندڙ ٿئي ٿو جن جا ڪجهه مثال سپي، ڪوڏ، ميو /اسڪوئڊ ۽ پچانگو / آڪٽوپس آهن.

**Monoculture** (مون.و.ڪل.چر) ڪنهن زمين ٽڪري تي رڳو هڪ قسم جو فصل پوکڻ، جنهن کي مونوڪراپنگ (monocropping) به سڏجي.

**Mulch** (مَلچ) زمين جي مٿاڇري تي پکڙيل اهڙو مواد (ڳرندڙ سرندڙ پن، ٽاريون، ڇوڏو وغيره) جيڪو سج، مينهن، پاري ۽ گندگاهه کان وڻ کي بچاءُ ڏئي ٿو.

**Multinational corporation** (مل.ٽي.ن.ئش.نل ڪار.پو.رءَ.شن) اهڙا سگهارا گهڻ قومي واپاري ادارا جيڪي هڪ ئي وقت دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ ڪاروبار ڪن. گهڻا طاقتور هجڻ سبب حڪومتن تي پنهنجا اثر هلائي عالمي ڪاروباري نيمن ۽ قانونن ۾ تبديليون آڻين ٿا. ڪين ٽرانسِنئشنل ڪارپوريشنس (transnational corporations) جي نالي سان بہ سڏجي ٿو.

**Multiple chemical sensitivity/MCS** (مل.ٽي.پل ڪيم.ي.ڪل سين.سي.ٽو. ٽي/ ايم.سي.ايس) ماڻهن ۾ رنگ، خوشبوءِ، سرهاڻ، پرفيوم، موٽرڪارين ۽ عمارتي سامان وغيره ۾ موجود عام زهرن سبب ائلرجي جا گنڀير ردعمل پيدا ٿيڻ. "ماحولياتي بيماريءَ" جي نالي سان بہ سڏجي ٿي.

**Municipal waste** (ميو.نس.پل ويسٽ) شهري علائقن جو گندڪچرو جنهن ۾ گهڻو ڀُهر تہ ٿوري مقدار ۾ ڪاروباري ڪچرو بہ ٿئي.

**Muskeg** (مس.ڪيج) اهڙي ڏبڻ يا چورگپ جيڪا سينور (moss) جي تمام گهڻي مقدار، پنن ۽ ڳرنڊڙسرنڊڙ مادي سبب وجود ۾ اچي.

**Mutagen** (ميو.ٽي.جن) ڪو بہ اهڙو ڪيميائي مادو، الٽراوايوليٽ روشني، ايڪسري يا تابڪار مادو جيڪو جاندار جي ڊي.اين.اي يا موروثي خاصيتن ۾ تبديلي پيدا ڪري.

**Mutagenicity** (ميو.ٽي.جي.نس.ٽي) ڪنهن طبعي يا ڪيميائي مادي سبب جاندار جي موروثي خاصيتن ۾ دائمي تبديلي اچڻ.

**Mutation** (ميو.ٽي.شن) ڪنهن جاندار جي جينيٽڪي يا موروثي مادي (ڊي.اين. اي) ۾ تبديلي اچڻ. جينيٽڪي تبديليون فائديمند ۽ جاندار جي اوسر جو هڪ حصو ٿين ٿيون. جڏهن تہ ڪي، نيوٽرل يا تباه ڪن بہ ٿي سگهن ٿيون.

**Mutualism** (ميو.چو.ال.زم) جاندارن جي ٻن جنسن وچ ۾ اهڙو لاڳاپو جنهن ۾ ٻئي هڪ ٻئي لاءِ فائديمند ٿي سگهن. اهڙي لاڳاپي کي سمبياسس (symbiosis) بہ سڏجي.

N

**Naphtha** (نئف.ٿا) هڪ زهريلو ٻڙڪيدار تيل, ٻاريندڙ ڪيميائي وکر.

**National park** (ني.شن.ل پارڪ) اهڙا مخصوص زميني ماڳ جيڪي تاريخي، سائنسي، ثقافتي ۽ دلڪش منظرن جي حوالي سان خاص اهميت رکندڙ هجن تن کي الڳ ٿلڳ رکيو ۽ سانڍيو وڃي ٿو جهڙوڪ کيرٿر نئشل پارڪ جنهن جي حڪومت سنڀال لهي ٿي. اتي مختلف قسمن جا جانور، پکي، وڻ ٽڻ وغيره ٿين ٿا.

**Native species** (ني.ٽو اسپي.شيز) ديسي، ڏيهي، اصلي، قدرتي. هڪ اهڙي اسپيشيز يا جنس جيڪا قدرتي طور تي ڪنهن علائقي يا ماحولي سرشتي ۾ ٿئي.

**Natural environment** (نيچ.ر.ل ان.واءِ.رن.مينٽ) قدرتي ماحول؛ اسان جي طبعي پسگردائي جنهن ۾ جانور ۽ ٻوٽا ٿين ۽ انهن کي انساني سرگرمين سبب ڪا به تڪليف نہ رسي. هوا جو معيار، مقامي ۽ ساحلي پاڻي ۽ گوناگون جيوت قدرتي ماحول جو هڪ حصو ٿين ٿا.

**Natural fertilizer** (نيچ.ر.ل فر.ٽ.لائيز.ر) قدرتي ڀاڻ؛ نامياتي مادن جهڙوڪ: جانورن جي ڇيڻي، فصل جي ڪچري يا ڪمپوزٽ مان ٺهندڙ ڀاڻ جيڪو زرخيزي لاءِ بهتر ٿئي ٿو.

**Natural gas** (نيچ.ر.ل گئس) قدرتي گئس؛ زمين يا سمنڊ اندر پيدا ٿيندڙ گئس.

**Natural heritage site** (نيچرل هير.يٽ.يج سائيٽ) قدرتي موروثي ماڳ؛ جمالياتي، سائنسي ۽ سانڍ جي لحاظ کان اهم ماڳ.

**Natural pesticide** (نيچ.ر.ل پيس.ٽي.سائيڊ) قدرتي جيتمار؛ ٻوٽن جي قدرتي مادن (نم، ٿوم، مرچن گينڊي وغيره)، کير يا بناسپتي تيل مان ٺهندڙ جيتمار دوائون.

**Natural resources** (نيچ.ر.ل ر.سور.سس) قدرتي وسيلا؛ قدرتي طور تي ليندڙ

شيون يا وکر جن رستي معاشي فائدا حاصل ڪجن. قدرتي وسيلن ۾ زمين، پاڻي، ٻيلا، جهنگلي جيوت ۽ معدنيات وغيره اچي وڃي ٿي.

**Natural succession** (نيچ.ر.ل سڪ.سيس.شن) قدرتي بحالي يا پاڻ ڀرائي: هڪ اهڙو مرحلو جڏهن ٻوٽا ڪنهن تباهه حال زمين ٽڪري ۾ واڌ ڪن يا تباهي ڪانپوءِ پاڻيرا ٿين.

**Naturalist** (نيچ.ر.ل.سٽ) فطرتدان: فطرت جي تاريخ جو اڀياس ڪندڙ يا ان ۾ دلچسپي رکندڙ فرد.

**Network** (نيٽ.ورڪ) تاڃي پيٽو ڄار: ماڻهن، شين، تنظيمن، رابطن يا سرشتن جو لاڳاپو.

**Niche** (نِچ) ڪنهن مخصوص جانور يا ٻوٽي جي زنده رهڻ لاءِ گهربل هڙني حالتن (طبعي، ڪيميائي ۽ حياتياتي) جو هجڻ.

**Nickel** (نڪ.ل) نڪل: بئٽرين، اليڪٽروپليٽنگ ۽ سوڏڻ ۾ استعمال ٿيندڙ چاندي جهڙو سفيد ڌاتو جنهن جي لاڳاپي ۾ اچڻ سان صحت جا مسئلا پيدا ٿي سگهن ٿا. جهڙوڪ ڊگهي وقت تائين نڪل جي ڳهن وغيره پائڻ سان چمڙي جي سوزش، ته هن جا بخار ناسن ۽ ڦڦڙن جي ڪينسر پيدا ڪري سگهن ٿا.

**Nitrate** (ناءِ.ٽري.ٽ) هڪ اهڙو ڪيميائي مرڪب جنهن ۾ آڪسيجن ۽ نائٽروجن ٿئي ۽ ياڻ ۾ استعمال ڪجي ٿو.

**Nitrite** (ناءِ.ٽرا.ئٽ) شوري جي تيزاب جو لوڻ يا ايسٽر (تيزاب ۽ الڪوحل جي ردعمل سبب پيدا ٿيندڙ نامياتي مرڪب).

**Nitrogen** (ناءِ.ٽرو.جن) نائٽروجن: هڪ بي رنگ، بي بوءِ، بي سواد ڪيميائي عنصر، ٻه ايٽمي گئس جي صورت ۾ وائي منڊل جو 78 سيڪڙو جوڙيندڙ صحتمند زمين ۽ سيني جاندارن جو هڪ اهم نامياتي مرڪب ٿئي ٿو.

**Nitrogen fixing plants** (ناءِ.ٽرو.جن فڪس.نگ پلانٽس) نائٽروجن جذبيندڙ ٻوٽا: اهڙا ٻوٽا ۽ وڻ جيڪي زمين سان نائٽروجن شامل ڪن ٿا جنهن سبب زمين زرخيز ٿئي ٿي ۽ سنو فصل ڏئي ٿي.

**Nitrous oxide** (ناءِ.ٽرس آڪس.ائيڊ) هڪ قسم جي گئس، قدرتي طور تي پيدا ٿئي ٿي ته هٿرادو به ناهي سگهجي ٿي، هڪ گرين هائوس گئس آهي، لافنگ (laughing) يا کلائيندڙ گئس جي نالي سان به سڏجي ٿي.

**Nocturnal** (ناڪ.چر.نل) راتوڪو، رات جو چست زندگي گذاريندڙ.

**Node** (نوڊ) ڳنڍ، ڳوڙهي جتان ٻوٽي مان پن ڦٽن ٿا.

**Noise pollution** (نوائز پو.لو.شن) گوڙ شور، اهڙو آواز جيڪو ماحول ۾ ماڻهن جو سڪون ڦٽائيندڙ هجي جهڙوڪ: تيز موسيقي، ڊرل مشين، عام مشينون، موٽر گاڏيون وغيره.

**Nomadic** (نو.ميڊ.ڪ) رولو سانگي، خانه بدوش، خانه بدوش ماڻهو ڪاڏي، پاڻي ۽ جانورن جي چاري لاءِ موسمي حالتن مطابق مختلف هنڌن ڏانهن لڏپلاڻ ڪن ٿا.

**Nonbiodegradable** (نان.با.يو.ڊي.گريڊ.ا.بل) جيڪي شيون قدرتي طور تي اهڙن مادن ۾ ٽٽي يا ڳري نه سگهن جيڪي ماحول لاءِ ڇيهو رسائيندڙ نه هجن.

**Non-governmental organization/NGO** (نان گو.رن.مينٽل آر.گين.ي.زي.شن يا اين.جي.او) غير سرڪاري تنظيمون، جيڪي ماحول جي سڌاري يا ٻين سماجي ڀلائيءَ جي ڪمن ۾ پاڙيري ٿيڻ لاءِ صلاحون ڏين، سهائتا ڪن، مالي مدد ڪن ۽ ترقياتي ڪم ڪرائين.

**Nonrenewable** (نان.ري.نيو.ا.بل) اڻ نواڻجندڙ، اهڙو قدرتي وکر يا شئي جيڪا هڪ دفعي جي ختم ٿي وڃڻ کانپوءِ ٻيهر پيدا ٿي نٿي سگهي جهڙوڪ: معدنيات ۽ قدرتي ٻارڻ (تيل، گئس ۽ ڪوئلو).

**Nonrenewable natural resources** (نان.ري.نيو.ا.بل نيچ.ر.ل ر.سور.سس) اڻ نواڻجندڙ قدرتي وسيلا، اهڙا قدرتي وسيلا جن کي پيدا ٿيڻ ۾ لکين سال لڳي وڃن ٿا ۽ هڪ دفعي جي استعمال کان پوءِ ختم ٿي وڃن ٿا.

**Non-timber forest product** (نان_ٽمر.بر فار.يسٽ پراڊ.ڪ.ٽ) ڪاٺيءَ کانسواءِ باقي شيون جيڪي ٻيلي مان پائدار طريقي سان حاصل ۽ وڪرو ڪيون وڃن ٿيون جهڙوڪ: ميوو، چارو، ماکي وغيره.

**Noxious gases** (ناڪش.س گئسِس) زهريليون گئسون جيڪي انسانن ۽ ماحول کي ڇيهو رسائي سگهن. اهڙين گئسن جهڙوڪ: سلفرڊاءِ آڪسائيڊ ۾ تيز بوءِ ته ڪاربان مونوآڪسائيڊ بي بوءِ ٿئي ٿي.

**Nursery** (نرس.ري) هڪ اهڙو هنڌ جتي وڻ ۽ ٻوٽا تيستائين سنڀال هيٺ اپايا وڃن جيستائين ايترا طاقتور ٿي نه وڃن جو ڪنهن ٻئي هنڌ هٽڻ سان واڌ ڪري سگهن.

**Nutrient** (نو.ٽري.انٽ) طاقتور ڪاڌو، قوت بخش غذا؛ ڪابه اهڙي شئي جنهن تي ٻوٽا، جانور ۽ ماڻهو نپجن. طاقتور ٿيڻ، تندرست رهڻ، ٻوٽن کي زمين ۾ واڌ ڪرڻ ۽ ڦر ڇهلڻ لاءِ غذائي جزن جي ضرورت ٿئي ٿي. آبادگار زمين ۾ ڪامپوسٽ ۽ ياڻ ملائڻ سان منجهس غذائي جزا شامل ڪن ٿا.

**Nutrition** (نو.ٽري.شن) خوراڪ، غذا؛ مناسب ۽ متوازن ڪاڌن کائڻ سان ماڻهوءَ کي واڌ ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي، تندرست رهي ٿو ۽ بيمارين سان منهن ڏئي سگهي ٿو.

**Oil** (آئل) هڪ قسم جو معدني ٻارڻ (fossil fuel) جيڪو ملائم گهري پاڻيٺ جهڙو زمين ۾ پيدا ٿئي ٿو. ان مان پيٽرول (گئسولن)، ڊيزل، گاسليٽ، پلاسٽڪ ۽ ڪارخانن ۾ ڪتب ايندڙ ڪيترين شيون ٺاهيون وڃن ٿيون. پيٽروليم بہ سڏجي.

**Oil refinery** (آئل ري.فائن.نري) تيل صاف ڪرڻ جو ڪارخانو. جتي خام تيل کي ڪيترن مختلف شين: نيڦٿا، پيٽرول، ڊيزل، اسفالٽ، گاسليٽ ۽ پلاسٽڪ وغيره ۾ ٺاهيو وڃي ٿو. تيل صاف ڪرڻ جا ڪارخانا هوا جي غلاظت پيدا ڪرڻ جا وڏا ذريعا ٿين ٿا.

**Oil spill** (آئل اسپل) تيل هارجڻ، ويٽڻ: عام طور تي پاڻي جي جهازن يا پائيپ لائينن مان تيل هارجي پوي يا هاريو وڃي ٿو. جيڪو ماحول لاءِ هاڃيڪار، صاف ڪرڻ ڏکيو، سامونڊي ڪناري سان ٿيندڙ زندگي، پکين، مڇيءَ ۽ ٻيءَ جهنگلي جيوت لاءِ موتمار ثابت ٿئي ٿو.

**Omnivorous** (آم.نيو.و.رس) مختلف قسمن جا ٻوٽا ۽ جانور کائيندڙ، کائڻ جوڳي هر شئي کائي ويندڙ.

**Organic** (اور.گ.ِ.نڪ) نامياتي: جاندار شين سان واسطو رکندڙ ٻوٽن يا جانورن مان حاصل ڪيل يا ٺهيل مادا.

**Organic certification** (اور.گ.ِ.نڪ سر.ٽي.في.ڪ.ِ.شن) جيڪي آبادگار پوکي لاءِ نامياتي يا پائدار طريقا استعمال ڪن ٿا تن کي اهڙيون سندون ملڻ سان کين پنهنجي پيداوار جون وڏيڪ ۽ مستحڪم قيمتون ملن ٿيون. وڌيڪ ڏسو Certification

**Organic farming** (اور.گ.ِ.نڪ فارم.نگ) نامياتي زراعت: اهڙي پوک جنهن لاءِ ڪيميائي ڀاڻ يا جيتمار دوائون استعمال نہ ٿيون ڪجن. جيتمار دوائن جي متعارف ٿيڻ کان اڳ پوک، انهن جي استعمال بنا ڪئي ويندي هئي جنهن کي آرگئنڪ يا نامياتي فارمنگ سڏجي ٿو. لفظ ”آرگئنڪ“ جي معنيٰ بنا ڪيميائي

مادن جي پوک ڪرڻ آهي.

**Organic food** (اور.گ.ءِ.نڪ فوڊ) نامياتي ڪاڌو، ڪيميائي شين جي استعمال بنا اپايل ڪاڌو. آرگينڪ ڪاڌن اپائڻ لاءِ ڪنهن به قسم جي ڪا به هٽرادو / مصنوعي جيتمار دوا، انگريزي ڀاڻ، هارمون يا جينيٽيڪلي ماڊيفائيڊ آرگنزم/ جيو نه ته پاڻي ۽ نه ئي زمين تي استعمال ڪيا وڃن ٿا.

**Organic matter** (اور.گ.ءِ.نڪ.مئٽر) نامياتي مادو، ڪا به اهڙي شئي جيڪا زنده آهي يا هئي ۽ ڳري سڙي وڃي جهڙوڪ: ٻوٽا، جانور، جيت ۽ بئڪٽيريا وغيره. نامياتي مادو زمين کي زرخيز ڪري ٿو.

**Organic waste** (اور.گ.ءِ.نڪ ويسٽ) نامياتي باقيات، ڪاڌ خوراڪ جي باقيات، فصل جو ڪچرو، ڀاڻ ۽ جاندار شين جي باقيات جيڪي ڳري سڙي زمين سان ملي وڃن ٿيون.

**Organism** (اور.گين.ازم) زندگيءَ جو ڪو روپ، ڪهڙي به هنڌ رهندڙ ڪو به جاندار جهڙوڪ: بئڪٽيريا، ٻوٽو جيت، پکي، نانگ، مڇي، ٿڻائتو جانور.

**Over-fishing** (او.ور فش.انگ) حد کان وڌيڪ مڇي مارڻ، ڪنهن هنڌ تان ايتري گهڻي مقدار ۾ مڇي مارڻ جو، قدرتي طور تي اهڙي کوٽ پوري ٿي نه سگهي.

**Oxidant** (آڪس.ي.ڊنٽ) آڪسيجندڙ مادو، ڳٽُ يا ڪسُ پيدا ڪندڙ وکر. هڪ اهڙو مادو، جنهن ۾ آڪسيجن ٿئي ۽ اهو ڪيميائي طور تي ٻين سان ردعمل ڪري نوان مادا پيدا ڪري. سموگ (smog) ۾ آڪسيڊنٽ مکيو وکر ٿئي ٿو.

**Oxygen** (آڪس.ي.جن) هڪ بي رنگ، بي بوءِ، بي سواد، به ايٽمي گئس وائي منڊل جو 21 سيڪڙو ٿئي ٿي، ٻوٽا پيدا ڪن ۽ انسانن سميت جانور استعمال ڪن ٿا. پاڻيءَ، ڪيترن پٿرن، معدنيات ۽ نامياتي مرڪبن ۾ ٿئي ٿي.

**Ozone** (او.زون) عام آڪسيجن گئس جيڪا اسان ساهه رستي کڻون ٿا، ان جو هڪ خاص قسم آهي جيڪو بي رنگ ٿئي ٿو ۽ منجهس ڇڊي ڪلورين جهڙي بوءِ ٿئي ٿي. عام آڪسيجن جي ماليڪيول ۾ آڪسيجن جا به ايٽم ته اوزون

ماليڪيول ۾ ٽي ايٽم ($O_3$) ٿين ٿا. جڏهن عام آڪسيجن تي سج جا الٽراوايوليٽ شعاع لڳن ٿا تہ اها ٻن ايٽمن ۾ ٽٽي پوي ٿي جنهن جو هڪڙو ٽٽل ايٽم عام آڪسيجن سان ملي ان کي تہ ايٽمي آڪسيجن: اوزون ۾ مٽائي ڇڏي ٿو. قدرتي طور تي اوزون رڳو اوزون جي تهہ اسٽريٽواسفيئر ۾ ٺئي ٿي جتي سج جي الٽراوايوليٽ ڪرڻن کي زمين تي پهچڻ کان اڳ جهڙوڪر مڪمل طور تي جذب ڪري ڌرتي تي رهندڙ جاندارن کي ان جي هاڃيڪار اثرن کان بچائي ٿي. زمين تي انسان پاران استعمال ٿيندڙ ڪيترن قسمن جا ڪيميائي وکر جڏهن مٿين وائي منڊل (اسٽريٽواسفيئر) ۾ داخل ٿين ٿا تہ اوزون جي تهہ تائين رسي ان کي ڇيهو رسائين ٿا. اوزون گئس، هيٺين وائي منڊل (ٽروپواسفيئر) ۾ هوا جي غلاظت سبب پيدا ٿئي ٿي جيڪا انسانن، ٻوٽن ۽ ماحول لاءِ سخت هاڃيڪار ٿئي ٿي وڏيڪ ڏسو Photochemical smog

**Ozone hole** (او.زون هول) اوزون ۾ سوراخ: عام طور تي هر سال، آگسٽ جي آخر کان آڪٽوبر جي اوائل تائين انٽ آرڪٽڪا کنڊ مٿان اسٽريٽو- اسفيئر جي هڪ شاهي حصي ۾، اوزون جو تهہ ايترو تہ گهٽو ڇڊو ٿي وڃي ٿو جو منجهانئس سج جا الٽراوايوليٽ ڪرڻا ٽپي زمين تائين رسي جاندارن ۽ انسانن لاءِ صحت جا ڪيترائي مسئلا پيدا ڪن ٿا. اوزون جي اهڙي سنگين ڇڊ/ سنهاڻ 1970ع جي آخري ڏهاڪي کان مشاهدي ۾ آئي جنهن جو سبب زمين تي ڪلوروفلوروڪاربانن/ ڪفڪ جهڙن ڪيميائي مادن جو بي حساب استعمال ڪندو رهڻ آهي. جيڪڏهن اسٽريٽواسفيئر ۾ ڪفڪ، ائين گڏ ٿيندا رهيا تہ اوزون کي اڃان وڌيڪ ڇيهو رسندو.

**Ozone layer** (او.زون لي.ئر) اوزون جو تهہ: قدرتي طور تي اوزون جو تهہ/ لِهہ زمين کان اٽڪل 15 ڪ.م مٿي اسٽريٽواسفيئر ۾ ٺئي ٿو جيڪو ڌرتي تي رهندڙ ٻوٽن ۽ جانورن کي سج جي خارج ٿيندڙ هاڃيڪار الٽراوايوليٽ ڪرڻن کان هڪ ڇٽيءَ جيان بچائي ٿو. قدرتي طور تي اوزون جي وڌ ۾ وڌ ڳوڙهائپ (اٽڪل 10 پارٽس پر ملين جي حساب سان) زمين کان اٽڪل 25 ڪ.م جي اوچائي ۾ موجود آهي.

اسٽريٽواسفيئر جي ڳوڙهائپ تي سڄو سال موسمن آهر تبديلي ايندي رهي ٿي ته برندڙ جبلن ۽ سج جي پڙڪن جو به اثر پوندو رهي ٿو. جڏهن انساني سرگرمين سبب گئسون جهڙوڪ: هيلونس ۽ ڪلوروفلوروڪاربانس (ريفريجريٽرن، ايئر ڪنڊيشنرن، رنگن ۽ اسپري جي ڏبن ۾ استعمال ٿيندڙ) اوزون تهه تائين رسن ٿيون ته ان کي تباهه ڪري ڇڏين ٿيون. جڏهن اوزون گئس، زمين ويجهو (0 کان 15 ڪ.م جي اوچائي تائين) موجود هجي ته هڪ هوائي غلاظت طور هاڃيڪار ٿئي ٿي ۽ لاڳاپي ۾ ايندڙ هر شئي کي متاثر ڪري وجهي ٿي.

Ozone-friendly (او.زون فرينڊ.لي) اوزون-دوست: اوزون کي نقصان نه رسائيندڙ اهڙي غلاظت پيدا نه ڪندڙ ڪيميائي مادا جيڪي اوزون جي تهه کي ڇيهو رسائين.

P

**Passive solar design** (پيِ.سِو سو.لر ڊ.زائين) عمارتن جي اهڙي هنڌ ۽ آبهوائي حالتن آهر جوڙجڪ ڪرڻ تہ جيئن قدرتي گرمي، ٿڌ ۽ روشني حاصل ٿي سگهي.

**PCBs** (پي.سي.بيِس) پاليڪلورينيٽيڊ بائفينائيلس (polychlorinated biphenyls) جو مخفف. هي زهريلا ڪيميائي مادا رنگن، پلاسٽڪ ۽ اليڪٽرانڪ اوزارن ۾ استعمال ٿين، ماحول ۾ ڊگهو عرصو باقي رهن ۽ سلامتيءَ سان خارج ڪري نٿا سگهجن. پي.سي.بي ماحول ۾ سدا غلاظت پيدا ڪندا رهن ٿا.

**Permafrost** (پر.ما.فراسٽ) دائمي ڄميل/ ڳڱيل زمين عام طور تي آرڪٽڪ ۽ سب آرڪٽڪ علائقي جي.

**Persistent Organic Pollutants/POPs** (پر.سس.ٽنٽ اور.گ.ءِ.نڪ پولو ٽنٽس يا پي.او.پيِس) اهڙن زهريلن ڪيميائي مادن جو گروهہ جيڪي ماحول ۾ تمام گهڻا جٽائدار ٿين ٿا جهڙوڪ: ڊاءِ آڪسن ۽ پي.سي.بي. جڏهن ڪنهن بہ غذائي ڪڙي/ فوڊ ويب ۾ گڏ ٿيندا رهن تہ انسانن ۽ جانورن لاءِ انتهائي خطرناڪ ٿين ٿا.

**Pesticide** (پيس.ٽي.سائيڊ) عام طور تي هڪ اهڙو ڪيميائي زهريلو مادو جيڪو بئڪٽيريا، فنگي، ڪُترينڊڙن، جيتن، گندگاه ۽ ٻوٽن جي بيمارين کي ختم ڪرڻ، جانورن کي ٿهائڻ، مارڻ يا ضابطي ۾ رکڻ لاءِ استعمال ڪجي ٿو. اهڙن زهريلن ڪيميائي مادن ۾ بئڪٽيريسائيڊ (bactericide)، فنگيسائيڊ (fungicide)، روڊينٽيسائيڊ (rodenticide)، انسيڪٽيسائيڊ (insecticide) ۽ هربيسائيڊ (herbicide) اچي وڃن ٿا.

**Petrol** (پيٽ.رول) ڏسو Gasoline

**Petroleum** (پيٽ.رول.يم) ڏسو Oil

**pH** (پي ايچ) پاور آف هيڊروجن (power of hydrogen) جو مخفف. جنهن ۾ پي (p) جرمن ٻوليءَ جي *potenz* تان ورتل ۽ ان جي معنيٰ power يا طاقت ۽ ايچ،

هيبروجن عنصر جي نشاني (H) آهي. ڪنهن عنصر جي نشاني هجڻ سبب H سدائين وڏي لکي ويندي آهي. ڪنهن مادي ۾ موجود تيزابيت يا کارڻ جي نسبت ڏسڻ. پي ايچ ماپو 0 (وڏيڪ تيزابي) کان 14 (وڏيڪ کارو) درجن ۾ ورهايل ٿئي ٿو. جڏهن ته 7 نيوٽرل ٿئي ٿو. هي اصطلاح 1909ع ۾ هڪ ڊينش بايوڪيمسٽ، سورين پيٽر لوريٽس سورينسن (Sören Peter Lauritz Sörensen) متعارف ڪرايو.

**Photochemical smog** (فوٽو.ڪيميڪل.سموگ) ڏسو Smog

**Photosynthesis** (فو.تو.سن.ٿي.سس) ڪاٺي ٺاهڻ جو اهڙو طريقو جنهن هيٺ ٻوٽا سج جي توانائيءَ رستي ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ ۽ پاڻي کي ڪاٺي (کنڊن) ۾ مٽائي ڇڏين ٿا.

**Phototropism** (فو.ٽو.ٽرا.پزم) ڪنهن ٻوٽي جو روشنيءَ لاءِ ردعمل.

**Phyllophagous** (فل.لاف.ءَ.گس) پن چرندڙ پن کائيندڙ.

**Phytoplankton** (فاءِ.ٽو.پلئنڪ.ٽن) ڪلوروفل وارا هڪ سيلا جاندار جيڪي پاڻيءَ تي ترندا رهن.

**Pioneer species** (پا.يو.نيئر اسپي.شيز) اهڙا ٻوٽا جيڪي ڪنهن تباه ٿيل زمين تي سڀ کان اڳ ۾ ڦٽن.

**Plaintiff** (پلئن.ٽف) دانهين، مدعي، قانون جو سهارو وٺندڙ فرد جنهن کي ڪنهن قسم جو ڇيهو رسيو هجي.

**Plankton** (پلئنڪ.ٽن) تازي ۽ کاري پاڻي تي ترندڙ لڙهندڙ ننڍڙا خوردبيني جاندار (نباتاتي يا حيواني). ڪيترا پلئنڪٽن ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جذب ڪن ۽ جهجي آڪسيجن خارج ڪن ٿا، ان سبب اهم ٿين جو ڪيترن وڏن جانورن جو کاڄ ٿين ٿا.

**Plant breeding** (پلانٽ بريڊ.نگ) جڏهن پوکيءَ لاءِ آبادگار اهڙن ٻجن جي چونڊ ڪن جن جا ٻوٽا ڏگها، جيتن لاءِ مزاحمت رکندڙ، کائڻ ۾ سوادي يا منجهن اهڙيون ٻيون خاصيتون هجن. آبادگار زمانن کان اهڙي زراعت ڪندا رهيا آهن

جنهن سبب اڄ اسانوٽ ڪيترين ئي قدرتي سوادي ۽ غذائيت سان ڀرپور جنسون موجود آهن.

**Plastic** (پلاس.ٽڪ) پيٽروليم ۽ ٻين ڪيميائي مادن مان ٺهندڙ مادو. جيئوٽيڪ پلاسٽڪ ناهڻ سولي ٿئي ٿي پر ان جي ناهڻ، استعمالڻ ۽ نڪاٽي لڳائڻ سان ماڻهو ان جي زهريلن اثرن سبب متاثر ٿين ٿا.

**Plume** (پلوم) هوا، پاڻي ۽ زمين ۾ غلاظتي مادن جي ڳوڙهائپ جيڪا عام طور تي ڪنهن ڏورانهين ذريعي کان شروع ٿئي ٿي.

**Poaching** (پوچ.نگ) جهنگلي جانورن، مڇيءَ ۽ ٻوٽن جو غيرقانوني شڪار ڪرڻ، ڦاسائڻ يا ڳڏ ڪرڻ.

**Point source pollution** (پوائنٽ سور.س پو.لو.شن) ڪنهن ٻه هڪ هنڌ تان خارج ٿيندڙ غلاظت جهڙوڪ: پائيپ، ڪڏا ۽ ڪسيون.

**Poison** (پواءِ.زن) زهر: اهڙو مادو جيڪو واپرائڻ يا جسم ۾ جذب ٿيڻ سان ڪنهن جاندار کي بيمار ڪري يا ماري ڇڏي.

**Pollinate** (پال.لي.نئٽ) ٻوڪڻ يا ٻوڪجڻ: جڏهن هڪ گل جو تخم ڪنهن ٻئي گل تائين رسي ٿو ته ٻج يا ميوو پيدا ٿئي ٿو.

**Pollinator** (پال.لي.نئٽر) ٻوڪائيندڙ: جڏهن ڪو جيت يا جانور هڪ گل جا تخم ٻئي تائين پهچائي ٿو ته ائين ٻوٽن کي ٻوڪجڻ ۾ مدد ڪري ٿو. هوا ٻه تخم ڦهلائڻ ۾ مددگار ٿئي ٿي.

**Pollutant** (پو.لو.ٽنٽ) ڪو ٻه اهڙو مادو جيڪو هوا، زمين يا پاڻيءَ کي گندو يا غليظ ڪري ڇڏي.

**Pollute** (پو.لو.ٽ) غليظ ڪرڻ، گندو ڪرڻ، پليت ڪرڻ، ملاوت ڪرڻ، ڪنو ڪرڻ، بگاڙڻ: هوا، پاڻيءَ يا زمين کي ايترو گندو ۽ غليظ ڪري ڇڏڻ جو انهن جو استعمال ڪري نه سگهجي.

**Polluter** (پو.لو.ٽر) ڪو اهڙو فرد يا ادارو جيڪو غلاظت پيدا ڪرڻ جو ذميوار هجي.

**Pollution** (پو.لو.شن) پليتائي، اپوترتائي: جڏهن ڪو هاجيڪار ڪچرو يا ڪيميائي مادو هوا، پاڻيءَ سان ملايو يا زمين تي اڇلايو وڃي. پاڻي، هوا يا زمين سان ڪو به اهڙو مادو ملائڻ جيڪو ماحول جي قدرتي معيار کي گهٽائي ڇڏي، ڏسڻ، سنگهڻ ۽ ذائقي ۾ اوڪارينڌڙ هجي يا صحت لاءِ هاجيڪار ٿي سگهي.

**Population growth** (پاپ.و.لي.شن گروٿ) ماڻهن جي انگ ۾ واڌ جهڙوڪ: جڏهن ڄم جي شرح مرڻ جي شرح کان وڌيڪ هجي.

**Porous** (پو.رس) سمٺو سوراخدار، سوراخن سان ڀريل.

**Poverty** (پاو.ر.ٽي) غربت، آمدني کان وڌيڪ مفلسي: اهڙي صورتحال جڏهن ماڻهو گهٽ ۾ گهٽ معياري زندگي به گذاري نه سگهن.

**Precautionary principle** (پري.ڪا.شن.يري پرن.سي.پل) احتياطي اصول: جڏهن ڪنهن به سبب ويساهه ڪيو وڃي ته ڪا شئي هاجو پهچائي سگهي ٿي پوءِ ڀلي ته اهڙي پڪ نه به هجي تڏهن بهتر ان کان پاسو ڪرڻ ٿئي ٿو بجاءِ خطري کڻڻ جي.

**Precipitation** (پري.سي.پي.ٽي.شن) وسڪارو: جڏهن اپ مان پاڻي پاڻيٺ يا نهري صورت ۾ وسي جهڙوڪ: مينهن، برف يا ڳڙو.

**Predator** (پريڊ.ءَ.ٽر) شڪاري، ڦورو: ٻين جانورن کي شڪار ڪري کائيندڙ.

**Prehistoric** (پري.هس.ٽار.ڪ) تاريخ لکڻ کان اڳ وارو دور، تواريخي دور کان اڳ جو، قبل از تاريخ.

**Prey** (پري) ٻَڪُ، شڪار: اهڙو جانور جيڪو ٻئي کي شڪار ڪري کائي.

**Price support** (پرائيس سپ.ورٽ) ڪنهن مقرر حد تائين قيمتون قائم رکڻ لاءِ حڪومت جي امداد.

**Processed** (پرا.سس.ڊ) ڪنهن شئي کي ڏاڪي به ڏاڪي ڪيترن مرحلن مان گذاري متائي ڇڏڻ جهڙوڪ: خام تيل مان مختلف قسمن جو تيل حاصل ڪري استعمال ڪيو وڃي ٿو.

**Produce** (پرو.ڊيوس) اُپت، پيداوار، مارڪيٽ ۾ وڪڻڻ لاءِ تازيون ڀاڄيون ۽ ميوو جيئن فصل ٿئي.

**PVC** (پي وي سي) پالي.وي.نائيل ڪلو.رائيڊ (polyvinyl chloride) هڪ قسم جي پلاسٽڪ جنهن ۾ ڪلورين ٿئي ٿي. جڏهن ناهي ۽ ساڙي وڃي ٿي تڏهن ڊاءِ آڪسن ۽ فيورانس جهڙا انتهائي هاڃيڪار ڪيميائي مادا خارج ڪري ٿي.

## Q

**Quartz** (ڪوار.ٽس) زمين جي مٿين تهہ ۾ موجود هڪ عام معدنيات جنهن ۾ سليڪا (سليڪان ڊاءِ آڪسائيڊ) ٿئي. عام طور تي تمام سخت قلمي صورت ۾، نج هجي تہ بلوري/ شفاف ٿئي ٿي.

**Quicksilver** (ڪوئڪ سل.ور) پاري جو پراڻو نالو.

## R

**Radiation** (ري.ڊي.اي.شن) شعاع، ڪرڻا، ترورا: توانائي جو نظر نہ ايندڙ هڪ قسم. ڪي شعاع جهڙوڪ: اس قدرتي ٿئي ٿي تہ نيوڪليائي ڌماڪن جا پيدا ٿيندڙ شعاع سنگين بيماريون پيدا ڪن ٿا.

**Radiation poisoning** (ري.ڊي.اي.شن پواءِ.زن.نگ) شعائن لڳڻ يا انهن ۾ واڪي ٿيڻ سبب پيدا ٿيندڙ بيماري. شعاعن جا زهريلا اثر ڪينسر، چمڙيءَ جون بيماريون ۽ صحت جا سنگين مسئلا پيدا ڪن ٿا.

**Radioactive waste** (ري.ڊ.يو.ايڪ.ٽو ويسٽ) اهڙو گندڪچرو جنهن مان شعاع، ترورا يا توانائيءَ جون لهرون خارج ٿين. عام طور تي اهڙا مادا گهٽي ياڳي ايٽمي ريئڪٽرن، تحقيقي ادارن يا اسپتالن جي خطرناڪ غلاظت سان رلايا وڃن ٿا.

**Radon** (ري.ڊان) هڪ بي رنگ، قدرتي پيدا ٿيندڙ گئس جيڪا رئڊيم ايٽم جي ٽٽڻ/تباه ٿيڻ سبب پيدا ٿئي ٿي. جڏهن ڀُهرن يا اهڙين عمارتن ۾ گڏ ٿيندي رهي جتي هوا جو گذر نہ هجي تڏهن ڦڦڙن جي ڪينسر پيدا ڪرڻ جو مکيہ ڪارڻ ٿئي ٿي.

**Rain forest** (رين ف.ا.ريسٽ) برساتي ٻيلا: گرم ملڪن جا برساتي ٻيلا عام طور تي گهاٽا، موڪرن پنن سان، سدا بهار ۽ اهڙن هنڌن تي ٿين ٿا جتي هر سال گهڻو مينهن پوي ٿو ۽ خشڪسالي نہ ٿي ٿئي.

**Recycling** (ري.سائي.ڪ.لنگ) بيڪار ڪيل، استعمال ٿيل، اڇلايل شين کي وري استعمال جوڳو بڻائڻ. شيون ميڙي، صاف ڪري وري استعمال ڪرڻ پر نہ ڪي گند ڪچري طور اڇلائي ڇڏڻ.

**Red data species** (ريڊ ڊيٽا اسپي.شيز) ڏسو IUCN Red List of Threatened Species

**Reference doze/RfD** (ريف.ري.نس ڊوز) ڪنهن ڪيميائي مادي جي مخصوص ڳوڙهائپ/ وزن جيڪو صحت جا ڪي مسئلا پيدا ڪندڙ هجي يا هڪ اهڙو معياري وزن جيڪو روزانو برداشت ڪري سگهجي.

**Refinery** (ري.فان.ير.ي) ڏسو Oil refinery

**Rehydration drinks** (ري.هاءِ.ڊري.شن ڊرنڪس) نمڪول، سوڪهڙو ختم ڪندڙ پاڻيٺ، کنڊ، لوڻ ۽ پاڻي يا اناج ۽ پاڻي ملائي استعمال ڪرڻ سان جسم جو سوڪهڙو/ پاڻيٺ جي کوٽ ختم ۽ صحت بحال ٿي ويجي ٿي.

**Renewable** (ري.نيو.ا.بل) نواٽجندڙ، اهڙو لامحدود قدرتي وسيلو جيڪو استعمال ڪرڻ سان ختم نہ ٿئي پر سدائين پيدا ٿيندو رهي جهڙوڪ: اس، هوا ۽ پاڻي.

**Renewable energy** (ري.نيو.ا.بل ان.ار.جي) نواٽجندڙ توانائي، توانائي جا اڻکٽ وسيلا جهڙوڪ: شمسي، هوائي، جيوٿرمل/زميني گرمي.

**Renewable resource** (ري.نيو.ئبل ري.سورس) نواٽجندڙ وسيلو، ڪنهن وسيلي جي ختم ٿيڻ جي اُلڪي کانسواءِ استعمال ڪرڻ ڇاڪاڻ تہ اهو ڪنهن وڻ جيان ٻيهر پيدا ٿي سگهي ٿو يا فطرت جو هڪ حصو هجي ٿو جهڙوڪ: هوا ۽ اس.

**Reptile** (ريپ.ٽائيل) سرٽاڪ، ريڙهاڪ، ٿڌي رت وارو ڪرنگهائون جانور جنهن جو جسم چلرن سان ڍڪيل ٿئي ٿو جهڙوڪ: نانگ، ڪرڙي، ڪمي، واڳون.

**Reservoir** (ريز.ر.ور) هترادو نهيل ڍنڍ عام طور تي ڪنهن ڊئم پرسان.

**Residue** (ريز.ي.ڊيو) ڇاڻ، ڇاڻو ڪتي، گيرٽ، باقيات. جيتمار دوائن جي ڦوهاري جي باقيات فصلن تي سڪل پائوڊر يا سٽيي تہ جي صورت ۾ باقي رهجي ويجي ٿي. لاباري کانپوءِ فصل جي باقيات ۾ پن، ڏانديون ۽ ٻج جي کل وغيره ٿئي ٿي.

**Resistance** (ري.زسسٽ.نس) مزاحمت، ڪنهن هڪ شئي ۾ ٻيءَ اهڙي شئي

خلاف مزاحمت هجڻ جيڪا عام طور تي انکي هاجو رسائيندڙ يا ماريندڙ هجي. بئڪٽيريا ۾ ڪن قسمن جي انٽيبياٽڪ دوائن ۽ ميڙن ۾ جيتمار دوائن لاءِ مزاحمت ٿي سگهي ٿي.

**Resource** (ر.سور.س) ذريعو، وسيلو. اهڙو وکر/ شئي جيڪا زندگي روان دوان رکي ۽ انساني ضرورتون پوريون ڪري جهڙوڪ: هوا، پاڻي، زمين، معدنيات، تيل، ٻيلا، اس.

**Resource recovery** (ر.سور.س ر.ڪو.ري) ڪنهن بيڪار ڪيل نهري گند ڪچري جهڙوڪ: پني، پاڻي، شيشي ۽ ڌاتو مان ڪارائتيون شيون ٺاهڻ يا توانائي حاصل ڪرڻ.

**Respirator** (رس.پاءِ.ري.ٽر) اهڙو مکوٽو يا نقاب جيڪو نڪ ۽ وات يا سڄو منهن ڍڪي ڇڏي، ته جيئن دز، دونهون يا زهريلا مادا ساهه رستي ڪٽي نه سگهجن.

**Respiratory illness** (رس.پاءِ.ري.ٽوري ال.نيس) ساهه جي بيماري، اهڙي بيماري جيڪا ساهه کڻڻ ۾ رخنو وجهي جهڙوڪ: دم ۽ نمونيا.

**Restoration** (رس.ٽو.رءَ.شن) بحالي، ڪنهن تباه ٿيل شئي کي وري ساڳيءَ / سٺي حالت ۾ آڻڻ، بحال ڪرڻ.

**Riparian** (ر.پير.ي.ن) وهڪرن يا درياءَ جي ڪنڌين ۽ ڪنارن سان رهندڙ يا ٿيندڙ.

**River** (رِور) درياءُ، ندي، پاڻيءَ جو اهڙو وڏو قدرتي وهڪرو جيڪو پنهنجي پيٽ سان مخصوص رخ ۾ وهندو، آسپاس جي وسندين کي پاليندو، ننڍن وهڪرن کي پريندو سمندو، ڍنڍ، سمنڊ يا ڪنهن ٻئي وهڪري ۾ وڃي ڇوڙ ڪري. ڪن حالتن ۾ ڪي درياءَ ڪنهن هنڌ ڇوڙ ڪرڻ بجاءِ زمين تي يا وهندي وهندي سڪي وڃن ٿا.

**River basin** (رو.ر بي.سن) ترائي، زمين جو اهڙو ٽڪرو جتان درياءُ پاڻي وهائي وڃي ۽ منجهس واهڙ وهن. ترائي جو معيار، پاڻي جي معيار تي اثرانداز ٿئي ٿو تنهنڪري پاڻي جي معيار سڌارڻ ۽ بچائڻ لاءِ ترائي لاءِ مناسب انتظام ڪيا وڃن ٿا.

**Riverine** (رو.رائين) درياهي، درياءَ سان گڏ ٿيندڙ يا رهندڙ.

Rodenticide (رو.ڊين.ٽي.سائيڊ) ڪا جيتمار يا اهڙي دوا جيڪا ڪوئن ۽ ڪترينديڙ جانورن کي مارڻ يا ڪاڍڻ، فصل ۽ چاري کي انهن جي نقصان پهچائڻ کان بچائڻ لاءِ استعمال ڪجي.

Routine gas flares (رو.ٽين گئس فليئرس) جڏهن 24 ئي ڪلاڪ قدرتي گئس ساڙي پيٽروليم کان الڳ ڪئي وڃي.

Runoff (رن.آف) زمين تي وهندڙ زمين جي مٿاڇري تي وهندڙ پاڻي نه ڪي زمين ۾ جذب ٿيندڙ.

Rural (رو.رل) ٻهريتو ٻهراڙي جو ڳوٺاڻو.

## S

**Safe water** (سيف وا.ٽر) سٺو پاڻي، صاف پاڻي؛ اهڙو پاڻي جيڪو ڪيٽئن، جيوڙن، جيتن يا زهريلن ڪيميائي مادن سبب غليظ ٿيل نہ هجي ۽ پيئڻ، وهنجڻ ۽ ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ استعمال ڪري سگهجي.

**Safety gas flares** (سيف.ٽي گئس فليئر) پيٽرول مان واڌو قدرتي گئس الڳ ڪرڻ لاءِ ٻاري ختم ڪرڻ، تہ جيئن تيل جي پائيپن ۾ ڌماڪا ٿي نہ سگهن.

**Salinity** (سي.لين.ٽي) ڪلر، لوڻيات، ڪاراڻ.

**Sanitary landfill** (سئن.ي.ٽري لئنڊ فل) اهڙين غلاظتن پورڻ لاءِ کڏا جيڪي پيهر استعمال يا ريسائيڪل ڪري نہ سگهجن.

**Sanitary water** (سئن.ي.ٽري واٽر) ڪاڪوسن، غسل خانن، بورچي خانن ۽ غير صنعتي هنڌن جو نيڪال ٿيندڙ پاڻي، انکي gray water بہ سڏجي.

**Sanitation** (سئن.ي.ٽ.ۓ.شن) صاف سترو ۽ صحتمند ماحول؛ ڪاڪوس ناهڻ ۽ سٺيءَ حالت ۾ رکڻ تہ جيئن انساني غلاظت جو صحيح ۽ سلامتيءَ واري طريقي سان اکلاءُ ڪري سگهجي ۽ هٿ ملي صاف ڪرڻ، تہ جيئن بيمارين جي جيوڙن کان بچاءُ ٿي سگهي.

**Scarcity** (اسڪئر.س.ٽي) اوڻائي، قلت، ڪمي، اڻاٺ، کوٽ؛ جڏهن ڪا شئي سُلڀ يا جهجهي مقدار ۾ موجود نہ هجي جهڙوڪ پاڻي يا کاڌو.

**Scavenger** (اسڪي.وين.جر) ڍونڍ کائيندڙ مردار خور؛ اهڙو جانور يا جاندار جيڪي مئل يا مردار مادا کائين.

**Schistosomiasis** (شس.ٽو.سو.ميا.سس) آبي ڪوڏن ۾ پلجندڙ ڪيٽئن سبب ٿيندڙ بيماري جنهن کي بلڊ فلوڪ (blood fluke) ۽ بلهارزيا (bilharzia)جي نالي سان بہ سڏجي.

**Sedimentary rock** (سيڊ.ي.مين.ٽ.ري راڪ) تهدار جبل، تهدار جبل عام طور تي تهن جي صورت ۾ معدنيات (چاڪ، ڪوئلي، مٽيءَ، چن جي پٿر، گپ،

وارياسي پٿر، شيل/ ڪچي پٿر) يا نامياتي باقيات جو جڙيل ٿئي جنهن کي پندپهڻ سڏجي ٿو.

**Septic tank** (سيپ.ٽڪ ٽئنڪ) اهڙي زير زمين ٽانڪي جنهن ۾ گهرن جي ڪسين جو پاڻي گڏ ڪري ان کي بئڪٽيريا رستي صاف ڪيو وڃي ٿو. بئڪٽيريا، پاڻيءَ مان نهريون شيون ۽ مئل بئڪٽيريا الڳ ڪن ٿيون جيڪي گپ جي صورت ۾ تري ۾ گڏ ٿي وڃن ٿيون، ته پاڻيني حصو زمين ڏانهن وهي وڃي ٿو. جيڪڏهن اهڙين ٽانڪين جي صحيح طرح سان سنڀال نه ڪجي، ته جر ۽ مٿاڇري واري پاڻيءَ جي غلاظت جو مکيه ذريعو ٿين ٿيون.

**Sewage** (سيو.ايج) رهائشي ۽ صنعتي ذريعن جي غلاظت پائيپن يا ڪليل ڪڏن رستي نيڪال ڪرڻ.

**Sewage system** (سيو.ايج سس.ٽم) ڪڏن يا پائيپن جو اهڙو سرشتو جن رستي ڪنو پاڻي سيپٽڪ ٽانڪين، گندن تلائن، پاڻي صاف ڪندڙ مشينن يا ڪنهن ٻئي هنڌ پهچايو وڃي.

**Sewage treatment** (سيو.ايج ٽريٽ.مينٽ) ڪني پاڻيءَ کي ڇاڻڻ ۽ صاف ڪرڻ جا طريقا ته جيئن اهو ٻيهر استعمال ڪري يا بنا خطري ماحول ۾ واپس ڪري سگهجي.

**Sewer** (سُو.ور) ڪسيون يا ڪڏا جيڪي نيڪاس جو سرشتو جوڙين.

**Sharps** (شارپس) سُين، بليڊن ۽ نستر جهڙيون تيز ڇهنبياريون شيون (ڀڳل گلاس به).

**Silica, silica dust** (سل.ي.ڪا، سل.ي.ڪا ڊسٽ) ڪيترين قسمن جي ڪاڻين ۾ ٿيندڙ هڪ مادو ڪيترا ڪارخانا استعمال ڪن ٿا. سليڪا دز ساهه ۾ کڻڻ سان صحت جا مسئلا پيدا ڪري ٿي.

**Silicosis** (سل.ي.ڪو.سس) سليڪا جي دز، ساهه رستي کڻڻ سان ڦڦڙن جي سليڪوسس جهڙي سنگين بيماري پيدا ٿئي ٿي.

**Silt** (سلٽ) لٽُ، رڳ، پٿرن ۽ مٽيءَ جون پاڻيءَ سان وهندڙ ذريون پرزيون جيڪي زرخيز زمين جو هڪ حصو ٿي وڃن ٿيون.

**Sindh Environmental Protection Agency/SEPA** (سنڌ ان.واءِ.رن.مينٽ.ل پرو.ٽيڪ.شن ا.جين.سي يا ايس.اِي.پي.اَي) سنڌ جي ماحوليات جي تحفظ جو ادارو. هي ادارو منسٽري آف ڪلائيميٽ چينج سان لاڳاپيل ۽ پاڪستان انوائرنمينٽل پروٽيڪشن ائڪٽ، 1977ع نافذ ڪرڻ جو ذميوار آهي جنهن هيٺ ماحول جو بچاءُ، سانڍ، بحاليءَ ۽ بهتريءَ سميت گدلاڻ روڪڻ ۽ پائدار ترقيءَ لاءِ ڪوششون ڪرڻ آهن.

**Skimmer (filter feeder)** (اسڪم.مر يا فلٽر فيڊر) هڪ اهڙو آبي جانور جيڪو پاڻي مان ترندي ننڍا جزا ۽ جاندار ڇاڻي کائي.

**Smelting** (سميلٽ.نگ) سوڌڻ، عام طور تي ڌاتن سوڌڻ سان زهريلي غلاظت پيدا ٿئي ٿي.

**Smog** (سموگ) هڪ قسم جي هوا جي غلاظت، سموگ لفظ اصل ۾ دونهين (smoke) ۽ ڪوهيڙي (fog) جو ميلاپ آهي. سموگ تڏهن پيدا ٿئي ٿو جڏهن دونهين جي غلاظت ڪوهيڙي سان ملي وڃي ٿي. لنڊن، عام طور تي ڪوهيڙي ۾ گهيريل رهي ٿو. ڪنهن دور ۾ لنڊن جا رهواسي گهرن کي گرم رکڻ لاءِ ڪوئلو استعمال ڪندا هيا جنهن سبب تمام گهڻو دونهون خارج ٿي ڪوهيڙي سان ملي سموگ پيدا ڪندو هو. سموگ ۾ بدبوءِ هجڻ سبب ساهه کڻڻ ۾ تڪليف ٿئي ٿي، ڪيترن مادن کي تباه ڪري ڇڏي ٿو ۽ هڪ تمام خراب قسم جي هوائي غلاظت ٿئي ٿي. اهڙو هڪ خاص قسم جو به سموگ ٿئي ٿو جنهن کي فوٽوڪيميڪل سموگ (photochemical smog) سڏجي ٿو. تڏهن پيدا ٿئي ٿو جڏهن، سج جي روشني جا شعاع/فوٽان مختلف قسمن جي غلاظتي ماليڪيولن سان ٽڪرائجن ٿا ته ڪيميائي ردعمل ڪري ڪن اهڙن آزاريندڙ ڪيميائي مادن جي ملاوت ۾ منتجي وڃن ٿا جن کي فوٽوڪيميڪل سموگ سڏجي ٿو. جنهن ۾ نائٽروجن آڪسائيڊ

مان خارج ٿئي ٿو. جڏهن تہ پان، مختلف قسمن جي غلاظتن جي ڪيميائي ردعمل رستي پيدا ٿئي ٿي.

volatile organic) ڪافوري نامياتي مرڪب (nitrogen oxide)، compound) ۽ پان (PAN) ٿئي ٿو. نائٽروجن آڪسائيڊ گهڻي ڀاڱي موٽر ڪارين ۽ ٽرڪن مان، ڪافوري نامياتي مرڪب رنگن، گئسولن ۽ جيتمار دوائن مان خارج ٿئي ٿو. جڏهن تہ پان، مختلف قسمن جي غلاظتن جي ڪيميائي ردعمل رستي پيدا ٿئي ٿي.

**Soak away pit** (سوڪ.اوي پٽ) واريءَ ۽ بجري سان ڀريل اهڙو کڏو جيڪو پاڻيءَ کي زمين ۾ آهستي آهستي جذب ٿيڻ ڏئي.

**Socially responsible** (سو.شل.لي ر.سپان.سي.بل) سماجي طور تي ذميوار. عام طور تي هي اصطلاح ڌنڌي /واپار سان لاڳاپيل آهي جنهن مان مراد اهڙي طرح سان ڌنڌو يا واپار ڪرڻ آهي، جنهن سان ماحول کي ڇيهو نہ رسي، پورهيتن کي سٺو اجورو ۽ فائدو ملي ۽ عام طور تي اهي پنهنجين برادرين جي ڇڱڀلائي جي ڪمن ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيندا رهن.

**Solar energy** (سو.لر انر.جي) شمسي توانائي، سج جي بکندڙ توانائي؛ سج جي توانائيءَ رستي گرمي يا بجلي پيدا ڪرڻ. هڪ اندازي موجب سنڌ جي جملي زميني پکيڙ 140,914 هزار چورس ڪ.م ۽ ساموندي ڪنارو 400 ڪ.م آهي جن تي هر گهڙيءَ سج جي شعاعن جا 140,000,000 ميگاواٽ وسندا رهن ٿا جيڪڏهن ان سڄيءَ ايراضيءَ جو رڳو 10 سيڪڙو شمسي سيلن لاءِ استعمال ڪيو وڃي تہ ان مان 1,400,000 ميگاواٽ بجلي پيدا ٿي سگهي ٿي.

**Solar oven** (سو.لر او.ون) شمسي چلهو، سج جي توانائيءَ رستي رڌپچاءُ ڪندڙ چلهو.

**Solar panel** (سو.لر پ.ءَ.نل) شمسي تختو. هڪ اهڙو تراکڙو تختو جيڪو سج جا ترورا/ شعاع جذب ڪري بجلي پيدا ڪري.

**Solid waste** (سال.لڊ ويسٽ) نهري غلاظت، ڪا بہ اهڙي نهري، نيم نهري، پاڻيني يا گئسي مادي واري شئي جيڪا صنعتي، تجارتي، کاڻين يا زرعي ڪرت ۽

برادري جي سرگرمين ڪانپوءِ اڇلائي ڇڏجي جنهن ۾ گندڪچرو، ڪِن ڦٽ، اڏاوتي پنجهو واٽرسپلاءِ جي ڪني مٽي، هوائي غلاظت روڪيندڙ مشينن جي غلاظت يا ڪو بيڪار مادو به اچي وڃي ٿو.

**Solvent** (سال.وينٽ) ڳاريندڙ. عام طور تي اهڙو پاڻياٺو مادو جيڪو ڪنهن ٻئي مادي کي ڳاري ڇڏي. پاڻي هڪ بي مضر ڳاريندڙ آهي. پيٽرول، ايسيٽون، بينزين ۽ زائلين زهريلا ڳاريندڙ مادا آهن.

**Sonar** (سو.نار) انسانن پاران شين لهڻ جو هڪ اهڙو سرشتو جنهن هيٺ آوازي لهرون اماڻي انهن جي موٽ جي ماپ ڪري شين جو پتو لڳايو وڃي ٿو جڏهن جانور استعمال ڪن تڏهن اڪولوڪيشن (echolocation) سڏجي ٿو.

**Species** (اسپي.شيز) اهڙا جاندار (ٻوٽا ۽ جانور) جن ۾ هڪجهڙيون خاصيتون هجن، رڳو ساڳي قسم جي ٻوٽي/جانورسان پيدائش/لڳ ڪن ۽ ويجهه ڪندڙ ٻچا پيدا ڪن ٿا. واحد اسپيشيز کي مخفف طور .spp ۽ جمع کي .Sppڪري لکجي ٿو.

**Species of special concern** (اسپي.شيز آف اسپيشل ڪنسرن) اهڙا ٻوٽا ۽ جانور جيڪي انساني ۽ ماحولي سرگرمين لاءِ گهڻا حساس ٿين جيتوڻيڪ ترت خطري يا دٻاءَ هيٺ نٿا هجن پر تنهن هوندي به انهن ڏانهن گهڻو ڌيان ڏنو وڃي ٿو.

**Species-at-risk** (اسپي.شيز.ايٽ.رسڪ) جڏهن ٻوٽن ۽ جانورن جي چندچاڻ مان خبر پوي ٿي، ته اهي ڪنهن مخصوص علائقي مان ناپيد ٿيڻ جي خطري ۾ آهن، تڏهن انهن جي خطري جي حساب سان درجيبندي ڪري هيٺين چئن مان ڪنهن هڪ خاني ۾ رکيو وڃي ٿو: ناس ٿي ويل (extirpated)، اٽلپ (endangered)، خطري ۾ رهندڙ (threatened) يا خاص ڌيان طلب (special concern).

**Specimen** (اسپي.س.ي.مين) جنس، نمونو. ڪنهن جانور، ٻوٽي، اناج، معدنيات جو انفرادي نمونو.

**Stagnant water** (اسٽئگ.ننٽ وا.ٽر) بيٺل پاڻي: پاڻي جيڪو نه وهندڙ ۽ گهڻي ڀاڱي بدبودار هجي.

**Sterile** (اسٽير.ل) غيرآباد، ويران، نسقل، سنڍ، خصي، ڪجڙ. جڏهن ماڻهو ٻوٽا يا

جانور پيدائش ڪري نہ سگهن يا جڏهن ڪا شئي جيوڙن کان آجي هجي.

**Sterility** (اسٽير.ل.ٽي) ٻارن پيدا ڪرڻ جي لائق نہ هجڻ.

**Sterilize** (اسٽير.ي.لائيز) جيوڙن کان صاف ڪرڻ. ڪنهن شئي کي اوٻارڻ، گرميءَ يا ٻاڦ رستي جيوڙن کان مڪمل آجو ڪرڻ.

**Steward** (اسٽيو.ورڊ) هڪ اهڙو فرد جيڪو ايندڙ نسلن لاءِ وسيلا قائم رکڻ جا فيصلا ڪري.

**Stratosphere** (اسٽريٽ.و.اسفيئر) ڏسو Atmosphere

**Subarctic** (سب آرڪ.ٽڪ) ويڪرائي ڦاڪ جي پور وچوٽ خط استوا کان اٽڪل 66½ ڊگريون اتر ۾.

**Subsidy** (سب.سي.ڊي) مالي سهائتا، امدادي رقم، رعايتي قيمت. سرڪار پاران عام جي ڀلي لاءِ فرد يا فردن کي رٿائن، خدمتن يا شين جهڙوڪ: فصلن، تيل، صحت لاءِ امدادي پئسو ڏيڻ.

**Surface water** (سر.فيس وا.ٽر) مٿاڇري وارو پاڻي. اهڙو پاڻي جيڪو زمين جي مٿاڇري تي گڏ ٿئي ۽ وهي جهڙوڪ: نديون، ڍورا، سمنڊ، منهن ٻارا، وهڪرا ۽ رزروائر.

**Sustainability** (سس.ٽين.ا.بلي.ٽي) پائداري، بقاداري. ان لائق هجڻ تہ جيئن نہ رڳو موجوده ماڻهن جون روزانيون ضرورتون پوريون ٿي سگهن پر ايندڙ نسلن جي گهرجن کي بہ نظرانداز نہ ڪيو وڃي.

**Sustainable** (سس.ٽين.ا.بل) پائدار، جٽائدار، بقا جوڳو. هلندڙ طريقو اهڙي طريقي سان جاري ساري رکڻ تہ جيئن اهڙن وسيلن جي نہ تہ کوٽ پيدا ٿئي ۽ نہ ئي انهن کي هاڃ يا مستقبل ۾ گهٽو ڇيهو رسي سگهي.

**Sustainable agriculture** (سس.ٽين.ا.بل ايگ.ري.ڪلچر) پائدار زراعت. زراعت جا ماحول دوست طريقا استعمال ڪرڻ تہ جيئن پوک سميت مال بہ پالي سگهجي ۽ زمين کي هڪ ماحولي سرشتي جي حيثيت ۾ ڇيهو بہ نہ رسي جنهن ۾

زمين تي پوندڙ اثر، پاڻي جي رسد، گوناگون جيوت ۽ آسپاس جا قدرتي وسيلا به اچي وڃن ٿا.

**Sustainable development** (سس.ٽين.ا.بل ڊو.لپ.مينٽ) پائدار ترقي. معاشي ترقيءَ جون ماحول-دوست سرگرميون جن رستي ڪا شئي لاڳيتو حاصل ٿيندي رهي، ماحولي سرشتن (مٽي، پاڻي، رسد، گوناگون جيوت ۽ آسپاس جا وسيلا) کي ڇيهو نه رسي، موجوده نسل جون ضرورتون اهڙي طرح سان پوريون ڪجن ته جيئن ايندڙ نسلن جون به پوريون ٿي سگهن.

**Swamp** (سوامپ) گپڙ، ڍٻڻ، گِرڙ، چورگپ، هڪ اهڙو ويٽلئنڊ جيڪو ڪي قدر پاڻي سان ڍڪيل ۽ گهٽي ياڳي وڻن سان ڇانيل هجي.

**Symbiosis** (سم.بي.او.سس) جڏهن ٻن مختلف قسمن جا جيو گڏ رهن ۽ عام طور تي هڪٻئي کي فائدو ڏين. مثال طور، جڏهن پکي جانورن جي جسمن تان چچڙ ۽ جيت کائي پنهنجو پيٽ ڀرين ٿا، ته جانورن کي انهن جي آزار کان آجو ڪري هڪٻئي کي فائدو پهچائين ٿا.

**Synthetic** (سن.ٿيٽ.ڪ) هٿرادو، مصنوعي، انسان جون ٺهيل شيون.

## T

**TB/Tuberculosis** (ٽي.بي يا ٽو.بر.ڪيو.لو.سس) سلهه. ٽي.بي. انسانن ۽ جانورن جي ڦڦڙن جي هڪ سنگين وچڙندڙ بيماري.

**Temperate**(ٽيم.پ.ر.ئٽ) معتدل، اهڙو علائقو جتي پوري پني/معتدل آبهوا هجي.

**Temperate climate** (ٽيم.پ.ر.ئٽ ڪلائي.ميٽ) معتدل آبهوا، اهڙو علائقو جتي بهار، اونهاري، سرءُ ۽ سياري جون چار موسمون ٿين ٿيون. ڀيٽيو Tropical climate

**Temperature** (ٽيم.پ.ري.چر) گرمي پد، اهڙي ماپ ته ڪو جسم/ شئي ڪيتري گرم يا سرد آهي

**Teratogen**(ٽي.را.ٽو.جين) ڄائي ڄم جا نقص پيدا ڪندڙ. ڪو به اهڙو مادو، شئي، وائرس يا شعاع جيڪي ڄائي ڄم جا نقص پيدا ڪن. جهڙوڪ: ٿاليڊومائيڊ دوا جيڪا ڳورهارين عورت کي ڏني ويندي هئي، ٻيا ڪيترا نامياتي مرڪب جهڙوڪ: پارو (ميٿائيل مرڪيوري) ۽ ڊاءِ آڪسن جانورن ۽ انسانن ۾ ڄائي ڄم جا نقص پيدا ڪن ٿا.

**Terrestrial** (ٽير.يس.ٽير.ئل) ٿل واسي، زمين تي رهندڙ يا واڌ ڪندڙ.

**Territory**(ٽير.ي.ٽو.ري) جوءِ، ماڳ، علائقو، زمين جو اهڙو هنڌ جتي جانور رهي.

**Thermosphere**(ڏسو Atmosphere)

**Threatened**(ٿريٽ.ينڊ) ناپيد ٿيڻ جي خطري ۾ رهندڙ ڪو ٻوٽو يا جانور، جڏهن ان جي بچاءَ لاءِ ڪوشش نه ڪجي. ڏسو Endangered

**Tide**(ٽائيڊ) ڇولي، وير، ڪنهن ساحلي هنڌ تي پاڻيءَ جي اٿاهه مقدار جي سطح ۾ ٿيندڙ لاهه چاڙهه يا گهٽ وڌائي جيڪا ڏينهن جو به ڀيرا، چنڊ ۽ سج جي ڪشش سبب پيدا ٿئي ٿي.

**Toluene**(تول.يو.اين) هڪ زهريلو ڳاريندڙ مادو.

**Topography**(تو.پوگ.را.في) ڪنهن هنڌ يا علائقي جي زمين جون قدرتي يا مصنوعي طبعي حالتون.

**Topsoil**(تاپ.سوا.ئل) زمين جو مٿيون تهه، مٿيءَ جو زرخيز نامياتي تهه، جنهن مان ٻوٽا گهربل غذائي جزا حاصل ڪن ٿا.

**Toxic**(تاڪس.ڪ) زهريلي؛ هاجيڪار شئي عام طور تي زهريلي هجڻ سبب بيماري يا موت جو ڪارڻ ٿي سگهي ٿي.

**Toxic chemical**(تاڪس.ڪ ڪيم.ي.ڪل) زهريلا ڪيميائي مادا؛ اهڙا زهريلا ڪيميائي مادا جيڪي ڪائڻ، سنگهڻ، يا جذب ٿيڻ سان جاندارن ۾ سنگين بيماري، چائي ڄم جا نقص، بيماري يا موت جو سبب ٿي سگهن.

**Toxic cloud**(تاڪس.ڪ ڪلائوڊ) هوا ۾ موجود ڪنهن زهريلي مادي جي گئس يا بخار جو ڪڪر.

**Toxin**(تاڪس.ن) اهڙو ڪيميائي مادو جيڪو زهر جيان عمل ڪري ۽ ڇيهي رسائڻ يا موت جو ڪارڻ ٿي سگهي.

**Traditional knowledge**(تري.ڊي.شنل نال.ايج) لوڪ ڄاڻ؛ اهڙي ڄاڻ جيڪا هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين زباني پهچندي رهي.

**Traits**(ترئٽس) گڻ جن جو فيصلو جينون ڪن ٿيون جيڪي هر جاندار جون نراليون ۽ مخصوص ٿين ٿيون جهڙوڪ: اکين يا وارن جو رنگ.

**Transpiration** (ترنس.پا.ئر.يشن) بخارجڻ؛ ڪنهن ٻوٽي مان پنن رستي پاڻي جو خارج ٿيڻ، پاڻي جو اڏامي وڃڻ.

**Transplant**(ترنس.پلا.نٽ) روتڻ، رنبڻ.

**Tree**(تري) وڻ؛ اهڙو ڏگهو ٻوٽو جنهن جون پاڙون اونهيون، ٿڙ ٿلهو ۽ بيشمار شاخون ڇٽ جي صورت ۾ مٿان پکڙيل ٿين.

**Tree plantation** (تري پلان.ٽي.شن) وڻڪاري؛ اهڙا وڏا فارم جتي رڳو هڪ

قسم جا وڻ پوکيا وڃن جهڙوڪ: نم، ڪجي، ربڙ، پام آئل، ساڳوان يا ديال.

**Trophic** (ٽرا.فڪ) پلجڻ، کاڌي يا غذا سان واسطو يا لاڳاپو.

**Trophic level** (ٽرا.فڪ ليول) غذائي سطح: ڪنهن غذائي زنجير ۾ ساڳي سطح جي جانورن جو گروهه. جانورن جي کاڌي حاصل ڪرڻ جي لحاظ کان ڪيل درجيبندي ۾ پهرين غذائي سطح تي ساوا ٻوٽا اچن ٿا جيڪي فوٽوسينٽيسس رستي کاڌو تيار ڪن ٿا. ٻيءَ سطح تي سبزي خور ۽ ٽيئنءَ تي گوشت خور ٿين ٿا.

**Tropical** (ٽراپ.ي.ڪل) خط استوا جي چوگرد وارو گرم علائقو جيڪو ڌرتي جي ٻن خيالي گولن، خط سرطان (Tropic of Cancer) ۽ خط جدي (Tropic of Capricorn) ۾ ورڇيل ٿئي ٿو.

**Tropical climate** (ٽراپ.ي.ڪل ڪلائي.ميٽ) گهميل_گرم علائقن جي آبهوا. اهڙي آبهوا چٽي طرح سان گهميل، گرم ۽ اونهاري جو جهجهي برسات ٿئي ٿي. اهڙا هنڌ خط استوا ويجهو ٿين ٿا. ڀيٽيو Temperate climate

**Tropical rainforest** (ٽراپ.ي.ڪل رين فاريسٽ) گرم برساتي ٻيلا: خط استوا ويجهو ٿيندڙ برساتي ٻيلا جتي عام طور تي جهجو مينهن پوي ٿو ۽ قسمين قسمين ٻوٽا ۽ جانور ٿين ٿا.

**Troposphere** (ٽروپ.و.اسفيئر) ڏسو Atmosphere

**Tsunami** (سُنامي) هڪ اهڙي اٿاهه ڊگهي ساموندي لهر، جيڪا 965 ڪ.م في ڪلاڪ جي رفتار سان، سمنڊ ۾ سوين ڪ.م تائين سفر ڪري ٿي. سونامي جي اوچائي 30 ميٽر، لهري ڊيگهه 200 ڪ.م ۽ عام طور تي 10 کان 60 منٽن تائين هلي سگهي ٿي. جڏهن زمين سان ٽڪرائجي ٿي تہ زبردست نقصان ڪري ٿي. سونامي عام طور تي پاڻي ۾ زلزلي، ٻرندڙ جبل جي ڦاٽڻ يا ساحلي ڇپن ڪرڻ سبب پيدا ٿئي ٿي. سونامي اصل ۾ ڇولين جو هڪ اهڙو سلسلو ٿئي ٿو جيڪو آهستي آهستي سمنڊ ۾ چوپاسي لهرن جي صورت ۾ پکڙبو زور وٺندو وڃي ٿو. سونامي کي ورلي

غلطي وچان، تائيڊل ويو (tidal wave) سڏجي ٿي. ”سُنامي“ جاپاني ٻولي جو اصطلاح ۽ ان جي معنيٰ ”ڪناري جي ڇولي“ آهي.

**Tumour**(ٽيو.مر) آماس، ڦوڙهو ڦوڙهي؛ جسم ۾ ٿيندڙ غير رواجي واڌ جيڪا روڳي (ڪينسري) يا اروڳي (اڪينسري) بہ ٿي سگهي ٿي.

**Tundra**(ٽنڊرا) يورپ، ايشيا ۽ اتر آمريڪا جا وسيع، تراڪڙا ۽ بي وڻ علائقا جن جي مٽي جو هيٺيون تهہ سدائين ڄمڻ رهي ٿو.

**Turbine**(ٽر.بائين) پاڻيءَ-نار، چرخي؛ هوا، ٻاڦ يا ڪرندڙ پاڻيءَ رستي ڦيٽي جو ڦري بجلي پيدا ڪرڻ.

**Turpentine** (ٽر.پين.ٽائين) تارپين؛ هڪ زهريلو ڳاريندڙ مادو.

**Typhoid**(ٽاءِ.فوائڊ) مدي جو بخار؛ آنڊن جي بيماري جنهن جا جيوڙا گندي کاڌي يا پيتي سبب ڪرفتيءَ مان وات ذريعي پهچن ٿا.

**UNESCO World Heritage Site** (يونسڪو ورلڊ هيريٽيج سائيٽ)
اهڙو قدرتي يا انساني ماڳ جيڪو عالمي سطح تي شاهڪار ۽ يونيسڪو جي مقرر ڪيل 10 مان ڪنهن بہ هڪ ڪسوٽي تي پورو لهندڙ هجي جهڙوڪ: سنڌ ۾ موهن جو دڙو ۽ مڪلي جا مقبرا.

**Upcycle** (اپ.سائي.ڪل) جڏهن بيڪار مادا استعمال ڪري ساڳي يا اعليٰ معيار جون نيون شيون ٺاهيون وڃن.

**Urban form** (اربن فارم) ڪنهن شهر جي طبعي رٽا ۽ جوڙجڪ جنهن ۾ ماڻهن جي گهٽائي (زمين جي حساب سان فرد، ڪٽب ۽ رهائش)، گهٽين، روڊن رستن، ٽرانسپورٽ، ڌنڌي ڌاڙي/نوڪرين سميت شهري رٽائون شامل ٿين ٿيون.

**Urban sprawl** (ار.ب.ن اسپرال) شهري علائقن ويجهو چڙواڳ واڌ / ترقي (گهر ۽ شاپنگ پلازا).

**Urbanization** (ار.ب.ن.ي.زي.شن) شهرجڻ: شهر جي ڪنهن اهڙي هنڌ ڏانهن لڏپلاڻ ڪرڻ جتي ماڻهو، گهر ۽ ٻيون اڏاوتون ٺاهي رهن، ڪم ڪار ڪن ۽ مختلف سهولتون استعمال ڪري سگهن.

**UV (ultraviolet) rays** (ال.ٽرا.واي.و.ليٽ ريز) واڱڻائي ڪرڻا: سج مان خارج ٿيندڙ واڱڻائي ڪرڻا چمڙي ۽ اکين لاءِ زبردست هاڃيڪار ٿين ٿا. الٽراوايوليٽ ڪرڻا ڪيترا جانور ڏسي سگهن ٿا.

## V

**Vaccination program** (وئڪ.سي.ني.شن پرو.گرام) ڏسو Immunization program

**Value-added product** (ويل.يو.ائڊڊ پراڊ.ڪٽ) ڪا بہ اهڙي پيداوار جيڪا خام مال نہ رهي هجي پر وڪري جي عمل ۾ اچي ويئي هجي.

**Vaporize** (وۓ.پور.ائيز) بخارجڻ، پاڻيٺ مان گئس ۾ مٽجڻ.

**Vector** (ويڪ.ٽر) عام طور تي ڪوبہ اهڙو جيت يا جاندار جنهن جي چڪ رستي هڪ جانور کان ٻئي جانور تائين بيمارين جا جيوڙا پکڙجي سگهن جهڙوڪ: مڇر، چچڙ، چمڙو ڪتو.

**Vegetation** (ويج.ي.ٽي.شن) مجموعي طور تي ڪنهن هڪ علائقي يا ايراضي ۾ ٽيندڙ وڻ ٻوٽا.

**Ventilation** (وين.ٽي.لۓ.شن) هوا جو گذر، هوا جو ڪنهن گهر يا عمارت ۾ لڳندو رهڻ.

**Vermicomposting** (ورمي.ڪم.پو.س.ٽنگ) سانپن رستي نامياتي مادي کي ڪامپوسٽ ۾ مٽائڻ.

**Vertebrate** (ور.ٽي.بريٽ) ڪرنگهائون، اهڙو جانور جنهن کي اندريون هڏائون پڃرو هجي جنهن ۾ ڪرنگهو ٽئي ٿو.

**Volatile** (وول.ي.ٽل) عام رواجي گرمي پد تي ڪافور ٿي ويندڙ مادو، جلد اڏامي ويندڙ وکر.

**Vulnerable** (ول.نر.ا.بل) ڪو اهڙو جانور يا ٻوٽو جيڪو خطري ۾ هجي، جڏهن ان جي بچاءَ لاءِ ڪجهہ نہ ڪجي، ڏسو Threatened

## W

**Warm blooded** ڏسو Endothermic

**Waste management** (ويسٽ مين.يج.مينٽ) ناڪاره ڪيل شئي، مادي کي نيئڻ، ذخيرو ڪرڻ ۽ اڪلائڻ.

**Waste water** (ويسٽ وا.ٽر) گهرن، زراعت يا ڪارخانن جو استعمال ٿيل گندو يا غليظ پاڻي. گهرن يا ڪارخانن جي اهڙي پاڻيءَ جي ٻن قسمن؛ گري واٽر (greywater) ۽ بليڪ واٽر (blackwater) ۾ ورهاست ڪئي ويجي ٿي ۽ وري استعمالڻ لاءِ ان کي صاف ڪيو ويجي ٿو.

**Water cycle**(وا.ٽر سائي.ڪل) ڏسو Hydrological cycle

**Water quality standards/WQS**(واٽر ڪوائلٽي اسٽينڊرڊس يا ڊبليو.ڪيو. ايس.) ڪنهن رياست، ملڪ جا اختيار ڪيل ۽ ماحول جي بچاءَ جي اداري پاران مڃيل/ سفارش ڪيل پاڻيءَ جي ذخيرن جا معيار. جن هيٺ اهڙي پاڻي کي، معيار جي ڪسوٽي طور استعمال ڪري پاڻي جو تحفظ ڪري سگهجي. گهريلو استعمال لاءِ پاڻي جي صفائي جا اهڙا معيار جيڪي عالمي سطح تي قابل قبول هجن، صحت جو عالمي ادارو پيئڻ جي پاڻي جون اهڙيون سفارشون شايع ڪندو رهي ٿو.

**Water security** (وا.ٽر س.ڪيو.ري.ٽي) سُلڀ پاڻي، ججهي ۽ صاف پاڻيءَ جي لاڳيتي فراهمي.

**Water table** (وا.ٽر ٽي.بل) ڏسو Groundwater

**Water treatment** (وا.ٽر ٽريٽ.مينٽ) مختلف طريقن سان پيئڻ جي پاڻيءَ کي صاف ڪرڻ.

**Water vapour** (وا.ٽر وي.پر) آبي بخار. جڏهن پاڻي گئس جي صورت ۾ هجي (ٻاڦ، ڪڪر يا وائي منڊل ۾ نظر نہ ايندڙ بخار).

**Watershed** (وا.ٽرشيڊ) شِمر. زمين جو اهڙو هنڌ جتي مينهن، برف ۽ زمين مان نڪرندڙ پاڻي وڏي نديءَ، ڍنڍ يا ويٽلئنڊ ۾ گڏ ٿيندو رهي. ڪيچمينٽ ايريا

(catchment area) بہ سڏجي.

**Watershed management** (وا.ٽرشيڊ مين.ايج.مينٽ) ڪنھن ترائي جي زمين ۽ پاڻيءَ جي وسيلن جو اھڙيءَ طرح سان استعمال ۽ سانڍڻ جيڪو صحتمند ۽ پائدار ھجي.

**Weather** (ويڌ.ر) آبھوا: ڪنھن مخصوص علائقي جي فضا /وائي منڊل جون روزانيون حالتون جھڙوڪ: گھم، گرمي، آگم، مينھن، ھوا وغيره.

**Wetland** (ويٽ.لئنڊ) زمين جو اھڙو ھنڌ جيڪو دائمي يا مندائتي پاڻيءَ سان ڇر رھي، جنھن سبب منجھس ھڪ مخصوص ماحولي سرشتي (ecosystem) جو خاصيتون پيدا ٿين. بنيادي طور تي ويٽلئنڊ ڍنڍن، ڍورن، دريائن، وھڪرن، سمنڊن ۽ بحرن کان ان سبب نرالا ٿين ٿا جو ان جي پنھنجي مخصوص ساوڪ اتان جي منفرد زمين سان نھڪندڙ ٿئي ٿي. ويٽلئنڊ جو پاڻي منو، کارو يا ٻاڙو بہ ٿي سگھي ٿو. ويٽ لئنڊ جي ڪيترن قسمن جھڙوڪ: ڏٻڻ (swamps)، مچر (fen)، سَن (marshes)، چورگپ (bogs)، تمر (mangrove) ۽ گپراني (carr) ۾ درجيبندي ڪري سگھجي ٿي. جنھن ۾ کاريون ڍنڍون (lagoon) دريا جي ڇوڙ وارن ھنڌن (estuaries) سميت ڪيترائي زميني ۽ ساحلي ماڳ اچي وڃن ٿا. ڪنھن ماحول ۾ ويٽلئنڊ ڪيترن ئي اھم ڪارجن وارا ٿين ٿا. عام طور تي پاڻي سان ڀربا رھن ٿا ۽ اھو منجھائن وھندو رھي ٿو انھن کي ”قدرتي ڇاڻيون“ بہ سڏجي ٿو جو پاڻي صاف ڪرڻ جو اھم ڪن ٿا. ”قدرتي اسفنج“ پڻ چئجين ٿو جو ٻوڏ جي پاڻي کي جذب ۽ ھڪ قدرتي حوض جيان واڌو پاڻي گڏ ڪندا رھن ٿا تہ ساحلي ھنڌن کي بہ مضبوط رکن ٿا. ويٽلئنڊ پنھنجي گوناگونيت جي لحاظ کان ساوڪ، آبي ۽ جھنگلي جيوت جا پالڻھار، پکين جا واھيرا، انھن جون اھم جوئيون، واڌ ۽ ويجھ جا شاندار ماڳ ٿين ٿا. خطري ۾ رھندڙ ڪيتريون جنسون، منھن ٻارن ۽ سمنڊ جون بيشمار مڇيون، شيل مڇي، ٽڏائتا، آبي پکي ۽ ڪيترائي لاڏائو پکي ويٽلئنڊ کي واھيرڻ، واڌ ويجھ، پيدائش، کاڌي ۽ اجھي طور استعمال ڪن ٿا. ويٽلئنڊ دنيا جي وڏ ۾ وڏ زرخيز ۽ قدرتي ماحولي سرشتن منجھان ٿين ٿا جو کاڌي جا پندار پيدا ڪن ۽ پرپاسي جي آبادين کي روزگار جا

وسيلا مهيا ڪن ٿا. قدرتي طور تي ويٽلئنڊ، دنيا جي هر کنڊ ۾ سواءِ ائنٽ آرڪٽڪا جي موجود ٿين ٿا ته هٽرادو به ٿا هي سگهجن ٿا. سنڌ جا اهم ويٽلئنڊ آهن: هاليجي ڍنڍ، ڪينجهر ڍنڍ، نريڙي ڍنڍ، جهبو ڍنڍ، ڊرگهه ڍنڍ، انڊس ڊالفن رزروائر، حب ڊئم، انڊس ڊيلٽا، رڻ ڪڇ، هديرو ڍنڍ، حمل ڍنڍ، منڇر ڍنڍ، ڪيٽي بندر، ديهه آڪرو ۾ چوٽياريون ويٽلئنڊ ڪاپليڪس.

**Wildlife** (وائلڊ لائيف) جهنگلي جيوت. مقامي جهنگ ۾ رهندڙ غيرپالتو جانور ۽ ٻوٽا.

**Wildlife refuge** (وائلڊ لائيف ريف.يوج) رَک. جهنگلي جيوت جي بچاءَ لاءِ الڳ ڪيل ماڳ جتي شڪار ڪرڻ ۽ مڇي مارڻ جي بندش يا سختي هجي.

**Wind energy** (ونڊ ان.ر.جي) هوا جي شڪتيءَ رستي بجلي پيدا ڪرڻ وڏيڪ ڏسو Wind turbine

**Wind turbine** (ونڊ ٽربائين) پن چڪي، هوائي چڪي. هڪ ڏنڊي ۾ لڳل انجڻ يا مشين جيڪا هوا جي زور تي هلي بجلي پيدا ڪري.

**World Health Organization (WHO)** (ورلڊ هيلٿ اور.گي.ني.زي.شن) صحت جو عالمي ادارو. اقوام متحده جو بين القوامي صحت جو ادارو

**World heritage site** (ورلڊ هير.ي.ٽيج سائيٽ) اهڙو قدرتي ماڳ جيڪو عالمي سطح تي گوناگونيت جي حوالي سان جهڙوڪر ناس ٿيڻ جي خطري ۾ رهندڙ ٻوٽن يا جانورن جي ماڳن/جوئين جي لحاظ کان اهميت وارو سمجهيو ويندو هجي. عام طور تي اهڙا هنڌ ماحولي سياحت (اڪوٽوئرزم) لاءِ استعمال ڪيا وڃن ٿا.

**World Trade Organization (WTO)** (ورلڊ ٽريڊ اور.گي.ني.زي.شن) جينيوا ۾ قائم هڪ طاقتور واپاري ادارو، جنهن سان حڪومتون مختلف ملڪن ۾ گهڻ قومي / ملٽينئشنل ڪمپنين سان وڻج واپار لاءِ ناهه ڪن ٿيون.

**WWF**(ڊبليو.ڊبليو.ايف) ورلڊ وائيڊ فنڊ فار نيچر ( World Wide Fund for Nature) جو مخفف. ڊبليو.ڊبليو.ايف، دنيا جي هڪ وڏي ۾ وڏي، آزاد، بين القوامي

غير سرڪاري تنظيم آهي، جيڪا 100 کان وڌيڪ ملڪن ۾ ماحول جي سانڀ، تحقيق ۽ بحالي لاءِ ڪم ڪري ٿي، سڄي دنيا ۾ هن تنظيم جا 5 ملين کان وڌيڪ ميمبر آهن. پاڪستان ۾ ڊبليو.ڊبليو.ايف جي هيڊ آفيس لاهور ۾ ۽ علائقائي آفيسون گلگت، اسلام آباد، ڪراچي، مظفرآباد، پشاور ۽ ڪوئيٽا ۾ آهن.

## X

Xenobiotic (زين.و.بي.اوٽ.ڪ) ماحول ۾ موجود غيرقدرتي يا مصنوعي مادا جهڙوڪ پلاسٽڪ.

Xylene (زاءِ.لين) هڪ زهريلو ڳار.

## Y

Yellow fever (ييل.لو في.ور) پيلو بخار، آفريڪا ۽ ڏکڻ آمريڪا جي ڪن حصن ۾ مڇرن رستي پکڙجندڙ بيماري.

## Z

Zone (زون) ٻن حدن جي وچوارو علائقو خطو ڪمربند.

Zoocoria (زو.ڪور.يا) ٻجن جو جانورن رستي پکڙجڻ، ڪن ٻوٽن جا ٻج چَرندڙن جانورن جي چيڙهي ۾ ڦولڙهين رستي تہ ڪيترن جا انهن جي جسم سان چنبڙي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پهچندا رهن ٿا.

Zoogeography (زو.جي.آگ.را.في) حيواني جاگرافي، ماضي ۽ حال جي جانورن جي جاگرافيائي ورڇ جو اڀياس.

Zoology (زو.آ.لا.جي) جانورن جي مختلف پهلوئن ۽ انهن جي سياءَ جو اڀياس.

Zoonosis (زو.آ.نا.سس) گهريلو يا جهنگلي جانورن کان انسانن ۾ پکڙجندڙ بيماريون ورلي، انسانن کان جانورن کي بہ وچڙي سگهن ٿيون جهڙوڪ: چتڪتائپ/رئبيز، ٽڏڙي، ڪالرا، مليريا، ڊينگي، ليشمئنيا، راٽي ڪيت.

Zooplankton (زو.آ.پلئڪ.ٽن) پاڻيءَ جي مٿاڇري تي ترندڙ يا هلندڙ ننڍڙا جيو.

WWF - Pakistan came into being in 1970, and has been working to conserve Pakistan natural resources ever since.



Pakistan is a semi arid country with rapidly decreasing natural resources we are active in the country with projects designed to conserve them.

Our Next challenge
Climate change.

WWF

Why we are here

To stop the degradation of the planet's natural environment and to build a future in which humans live in harmony with nature.

www.wwfpak.org info@wwf.org.ok

lead